ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 24 آڪٽوبر 2025ع 30 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (70)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم جو صنعتن ۽ آبادگارن لاءِ زراعت جي ترقي لاءِ روشن معيشت بجلي پيڪيج جو اعلان

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اعلانيل پئڪيج تحت ايندڙ ٽن سالن دوران صنعتن ۽ آبادگارن کي 22.98 رپيا في يونٽ جي رعايتي قيمت تي اضافي بجلي فراهم ڪئي ويندي

صنعتي شعبي کي 34 رپيا ۽ زرعي شعبي کي 38 رپيا فراهم ڪيل يونٽن جي قيمت ۾ نمايان گهٽتائي ڪري اضافي يونٽ فراهم ڪيا ويندا: وزيراعظم جي ڪاروباري برادري کي خاطري

روشن معيشت بجلي پيڪيج تحت فراهم ٿيندڙ بجلي جو بار نه ته گهريلو صارفن ۽ نه ئي ڪو ٻيو شعبو برداشت ڪندو، ملڪي معيشت جي ترقي ۽ روزگار ۾ اضافي لاءِ انتهائي اهميت جوڳي آهي

گذريل سال سياري ۾ ڊئل پيڪيج تحت صنعتي ۽ زرعي شعبن 410 گيگا واٽ اضافي بجلي استعمال ڪئي، جنهن سان صنعتن کي فروغ مليو، روانگي واپار ۾ اضافو ٿيو ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا

معاشي بحران کان معاشي استحڪام تائين جو سفر مُشڪل ضرور هو پر معاشي ٽيم جي محنت ۽ سڀني جي تعاون سان اهو ممڪن ٿيو، صنعتي ۽ زرعي شعبا ترقي ڪندا ته ملڪ قرضن کان نجات ماڻيندو

اسان سڀني کي گڏجي اڳيان به وڌيڪ محنت ڪرڻي آهي، سڀني جي تعاون ۽ معاشي ٽيم جي ڏينهن رات جي محنت سان پاڪستان جي معاشي خودمختياري جو هدف جلد حاصل ٿي ويندو: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف صنعتن ۽ زراعت جي ترقي لاءِ روشن معيشت بجلي پيڪيج جو اعلان ڪيو آهي جنهن تحت ايندڙ ٽن سالن دوران صنعتن ۽ آبادگارن کي 22.98 رپيا في يونٽ جي رعايتي قيمت تي اضافي بجلي فراهم ڪئي ويندي. خميس ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف صنعتي ۽ زرعي شعبن جي ماهرن ۽ ڪاروباري برادري جي هڪ وفد سان ملاقات ۾ پيڪيج جو اعلان ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم پاران اعلان ڪيل پيڪيج تحت،

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي ڪابينا دهشتگردي ۾ ملوث هجڻ تي ٽي ايل پي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

پنجاب حڪومت جي درخواست تي گهرو وزارت ٽي ايل پي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي لاءِ سمري وفاقي ڪابينا ۾ پيش ڪئي، وفاقي ڪابينا کي ٽي ايل پي جي پرتشدد ۽ دهشتگرد سرگرمين تي بريفنگ

2016ع کان قائم ان تنظيم پوري ملڪ ۾ شرانگيزي کي هوا ڏني، تنظيم جي ڪري ملڪ جي مختلف حصن ۾ شرانگيزي جا واقعا ٿيا، تنظيم جي پرتشدد ۽ انتشار ڦهلائيندڙ ڪاروائين کان پڻ آگاهي

2021ع ۾ به ان وقت جي حڪومت ٽي ايل پي تي پابندي هڻي جيڪا 6 مهينن ڪانپوءِ ان شرط تي هٽائي وئي ته اڳتي ملڪ ۾ بدامني ۽ پرتشدد ڪاروايون نه ڪيون وينديون، پر تنظيم اهو تسلسل جاري رکيو

تنظيم تي پابندي جو سبب 2021ع ۾ ڏنل ضمانتن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ به آهي، ماضي ۾ به ٽي ايل پي جي پرتشدد احتجاجي جلسن ۽ ريلين ۾ سيڪيورٽي اهلڪار ۽ بيگناهه واٽهڙو ماريا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي ڪابينا دهشتگردي ۽ پرتشدد ڪاروائين ۾ ملوث هجڻ جي بنياد تي تحريڪ لبيڪ پاڪستان (ٽي ايل پي) کي دهشتگردي جي خاتمي واري ايڪٽ تحت ڪالعدم قرار ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ڪالهه خميس ڏينهن وفاقي ڪابينا جي اجلاس کانپوءِ جاري پڌرائي موجب پنجاب حڪومت جي درخواست تي گهرو وزارت ٽي ايل پي کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وفاقي حڪومت ملڪي ۽ غيرملڪي سيڙپڪارن جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي: وزيراعظم

نئين ڪاروبار ڪرڻ ۾ رڪاوٽن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: شهباز شريف

ملڪي مصنوعات ۽ ملڪ ۾ ڪاروبار کي نه رڳو علائقائي پر عالمي سطح تي پُرڪشش بڻائڻ حڪومت جي معاشي منزل آهي

وزيراعظم سان معيشت ۽ صنعت جي مختلف شعبن جي نمائندن صنعتي ۽ ڪاروباري شخصيتن ملاقات ڪئي

عالمي سطح تي واپار سان گڏ مصنوعات جي تياري ۽ پيداواري شعبي ۾ ٻاهرين سيڙپڪاري آڻڻ جي لاءِ حڪومت موثر قدم کڻي رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته وفاقي حڪومت ملڪي ۽ غيرملڪي سيڙپڪارن جي هڪ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

شيخ صالح الفوزان سعودي عرب جو مفتي اعظم مقرر

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حرمين شريفين

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران فلسطيني علائقن جي ضم ٿيڻ بابت اسرائيلي بل جي مذمت

اسرائيلي قابض اختيارين پاران ڪيل توسيع پسندانا قدم رد ڪريون ٿا: سعودي اختياريون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب اسرائيل پاران والاريل اولهندي ڪناري تي اسرائيلي خودمختياري لاڳو ڪرڻ ۽ غير قانوني

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

عمران خان سان ملاقات نه ڪرائڻ خلاف وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جو اڊيالا روڊ تي ڌرڻو

عدالتي حڪمن جي باوجود اسان کي اڄ پنهنجي اڳواڻ سان ملاقات نه ڪرڻ ڏني وئي: سهيل آفريدي

جڏهن پنهنجن حڪمن تي عمل نه ٿا ڪرائي سگهن سوچڻو پوندو ته ملڪ ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي: وزيراعليٰ

هڪ شخص کي پي ڪي آيو انهي چيو ته هي وزيراعليٰ نه بڻجندو، مون کي پنهنجي اڳواڻ سان رهنمائي لاءِ ملاقات ضروري آهي

راولپنڊي (م د) عمران خان سان ملاقات جي اجازت نه ملڻ تي خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي اڊيالا روڊ تي ڌرڻو هنيو چيو ته عدالتي حڪمن جي باوجود اسان کي اڄ پنهنجي اڳواڻ سان ملاقات نه ڪرڻ ڏني وئي اها اسان جي عدليه

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سدني: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سعودي عرب جي صنعت ۽ معدني وسيلن جي نائب وزير انجنيئر خالد المظفر سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪچي جي علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف جاري آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي: ضياءالحسن لنجار

امن دشمن عنصرن خلاف "زيرو ٽالرينس" واري پاليسي تي سختي سان عمل ڪيو وڃي

جيستائين صوبو ڌوهن ۽ دهشتگردي کان مڪمل طور پاڪ نه ٿيندو تيستائين سکون سان نه ويهنداسين

ڌاڙيلن سان گڏ انهن جي سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي: سکر ۾ اجلاس کي خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير داخلا ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ سکر رينج ۾ امن امان جي صورتحال بابت هڪ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

شارجه: متحده عرب امارات جو سيڙپڪاري وارو وزير محمد حسن السويدي وفاقي وزير قيصر شيخ کي تحفو ڏئي رهيو آهي

ملاڪڙو سنڌ جو قديم ۽ روايتي راند هجڻ سان گڏ هڪ صحتمند تفريح پڻ آهي: سعيد غني

سنڌ حڪومت ملاڪڙي کي هٿي ڏيڻ لاءِ هر ممڪن وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي

جيئن هن راند کي نه صرف زنده رکيو وڃي، پر نئين نسل تائين به منتقل ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب پاران ضلعي جي مختلف يوسيز ۾ روڊ ۽ بحاليءَ جا منصوبا شروع

لياقت آباد، غريب آباد ۽ پنگوريا ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب خميس ڏينهن ضلع اوسط جي مختلف يوسيز ۾ ترقياتي ڪمن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف جو ڪڻڪ پاليسي تي اعتراض، پاڪستان خدشا ختم ڪري ڇڏيا

ڪڻڪ پاليسي جي منظوري کان پوءِ آءِ ايم ايف فوڊ سيڪيورٽي واري وزارت کي خط لکي آگاهه ڪيو

گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت جي بجاءِ انڊيڪٽو قيمت مقرر ڪئي وئي آهي: آءِ ايم ايف کي اختيارين جو جواب

اسلام آباد (م د) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پاڪستان جي نئين ڪڻڪ پاليسي ۾ گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت مقرر ڪرڻ تي اعتراض اٿاري ڇڏيو ذريعن موجب ڪڻڪ پاليسي جي منظوري کان پوءِ آءِ ايم ايف فوڊ سيڪيورٽي واري وزارت کي خط لکي آگاهه ڪيو ۽ پاليسي جون

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پريس ڪلب ۾ ديوالي جي تقريب منعقد، ڪيڪ ڪٽي مٺائي ورهائي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ديوالي جي تقريب گذريل ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ ڪراچي پريس ڪلب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

گولاڙچي ۾ روڊ حادثو، صوبائي وزير جي پيءُ سميت پنج ڄڻا زخمي

بدين روڊ تي ٻن ٽوڊي ڪارن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي پيءُ حسنا راهو معمولي زخمي

زخمين کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي ريفر ڪيو ويو

ڪورواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ محمد اسلم راهو جي پيءُ حسنا راهو روڊ حادثي ۾ زخمي گولاڙچي جي ڪورو واهه چوڪ وٽ ٻن ڪارن ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا حادثي ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ محمد اسلم راهو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سلمان اڪرم جن جا نالا ڏنا انهن جي عمران خان سان ملاقات ڪرائي وڃي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

جسٽس سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان تي ٻڌل بينچ عمران خان سان جيل ۾ ملاقاتن جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

جن رولز کي معطل ڪري ڇڏيو اهي وفاق جا رولز ٿي نه آهن، 18هين ترميم کان پوءِ اهي رولز هاڻ پنجاب جي جيل جا رولز آهن: اي جي پنجاب

اوهان اسان جون توهين عدالت جون درخواستون اڄ ٻڌي وٺو، خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ جي ملاقات جي درخواست داخل آهي: استدعا

عدالت سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل کي عمران خان سان جيل ۾ ملاقاتن جو 24 مارچ جي آرڊر تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل کي سلمان اڪرم راجا جي فهرست ۾ شامل ساٿين کي عمران خان سان ملاقات ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪي ڊي اي ۾ 11 ارب رپين جا ٺيڪا بغير ٽينڊر ڏيڻ جو انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪي ڊي اي ۾ 11 ارب 33 ڪروڙ رپين جا ٺيڪا بغير ٽينڊر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جعلي ڪال سينٽر تي ايس آءِ يو جو ڇاپو، 12 ليپ ٽاپ هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بوٽ بيسن مان گرفتار ٿيل جوابدار جي معلومات جي بنياد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال ۽ قطر جو واپار وارو وزير شيخ فيصل بن ثاني بن فيصل الثاني معاهدي تي صحيحون ڪري رهيا آهن

ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تيار ٿيڻ سان ڀهراڙين وارن ماڻهن کي معياري صحت جون سهولتون فراهم ٿينديون: وزير

انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي جي ٻڌڻي ڀيل ۽ ڀهراڙي علائقن ۾ اعليٰ تعليم ۽ صحت جون سهولتون وڌائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ويزن جو حصو آهن

سڀئي لاڳاپيل کاتا موجوده مالي سال ۾ رکيل فنڊز جو مڪمل استعمال يقيني بڻائڻ ۽ ڪي ڊبليو اينڊ ايس بي ۽ صحت کاتي سان ويجهو رابطو

اسان انهن منصوبن کي جلدي مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون ته جيئن اسان جي نوجوانن ۽ شهرين کي معياري تعليم، تحقيق ۽ صحت جون سهولتون ملي سگهن

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي جي ترقياتي منصوبن ذوالفقار علي ڀٽو انجنيئرنگ ڪاليج جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڊي ايس پي نوشڪي يوسف ريڪي جو لاش هٿ، اغوا بعد قتل جو انڪشاف

آفيسر کي نامعلوم ماڻهن اغوا کان پوءِ فائرنگ ڪري شهيد ڪيو: پوليس اختياريون

ڊي ايس پي کي مستونگ جي علائقي ڪرد ڳاٻ ۾ هٿياربندن اغوا ڪيو ۽ بعد ۾ قتل ڪيو

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ضلعي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايس پي اسلام آباد پوليس پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

موبائيل فون تي ڳالهائڻ بعد ايس پي عديل اڪبر گن مين کان بندوق کسي پاڻ کي گولي هڻي

عديل اڪبر اسلام آباد پوليس ۾ ايس پي انڊسٽريل ايريا طور خدمتون انجام ڏئي رهيو هو: پوليس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نيب پاران 1.10 ٽريلين رپين جي تاريخي وصولي، قومي خزاني ۾ بي مثال اضافو

گذريل ڇوٽين جي ڀيٽ ۾ 242 سيڪڙو واڌ، عوامي اعتماد جي بحالي جو ثبوت

نيب ڪراچي، سکر، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جون وڏيون ڪاميابيون، اربين رپين جا اثاثا بحال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيب پاران سال 2025ع جي ڪين ڇوٽين ۾ 1.10 ٽريلين رپين جي شاندار وصولي قومي خزاني ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان افغانستان ۾ خوارجين جي موجودگيءَ خلاف اثرائتا قدم کنيا آهن: ترجمان پاڪ فوج

اڳتي به پاڪ فوج دشمن جي هر اڳرائيءَ خلاف شيهي جي ڀت ثابت ٿيندي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

نوجوان قوم جي روشن مستقبل جا ضامن آهن ۽ ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ نوجوانن جو ڪردار اهم آهي

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج جي سنڌ سماءِ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته پاڪستان افغانستان ۾ خوارجين جي موجودگيءَ خلاف اثرائتا قدم کنيا آهن. اڳينده به پاڪ فوج دشمن جي هر اڳرائيءَ خلاف شيهي جي ڀت ثابت ٿيندي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ اڳواڻ غلام قادر مري صدر آصف علي زرداري سان ملي رهيو آهي ٻئي طرف صدر آصف علي زرداري صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڊواڻي ۽ سيٺ ڪشن چند آڊواڻي سان گڏ ڊيئاري جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

ديوالي جي موقعي تي صدر آصف زرداري سان ڪاڪا ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر شام سندر جي ملاقات

ملاقات ۾ اقليتي معاملن ۽ ڀلائيءَ جي قدمن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

صدر آصف زرداري ۽ ايڊواڻي خاندان ديوالي جو ڪيڪ ڪٽيو، هندو برادري کي نيڪ تمنائون پيش ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ڪاڪا ڪشنچند ايڊواڻي ۽ ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي صدر آصف علي زرداري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري سان رئيس غلام قادر مري جي ملاقات، ديوالي جو ڪيڪ ڪاٽيو

بلاول هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ۾ ديوالي موقعي تي اقليتي برادري کي مبارڪباد ڏني وئي

سنڌ ۾ رهندڙ اقليتي برادري سان هر موڙ تي ساٿ ۽ سهائتا يقيني بڻايو وڃي: آصف زرداري

ٽنڊوالهيار (د ر) صدر پاڪستان آصف علي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ناردرن باءِ پاس افغان ڪيمپ ۾ آپريشن ستين ڏينهن به جاري، 1800 غيرقانوني گهر ڊاهي پٽ

مليربولپمينٽ اٿارٽي، پوليس، رينجرز ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي گڏيل ڪاروائي ڪئي

214 ايڪڙ سرڪاري زمين، 90 سيڪڙو افغان رهواسي واپس هليا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناردرن باءِ پاس افغان ڪيمپ ۾ آپريشن جو ستين ڏينهن به سلسلو جاري ناردرن باءِ پاس جي افغان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نيپا جي سينيئر آفيسرن جو سنڌ اسيمبلي جو مطالعاتي دورو، اسپيڪر سان ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ايڊمنسٽريشن (نيپا) جي چيف انسٽرڪٽر جاويد ضياءَ جي اڳواڻي ۾ گريڊ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ واپار سيڙپڪاري جي ماحول بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

آغا سراج خان دراني جي وفات سبب اليڪشن ڪميشن پاران تڪ کي خالي قرار

خواهشمند اميدوار 3 نومبر کان 5 تائين نامزدگي فارم جمع ڪرائي سگهندا: اليڪشن ڪميشن

24 نومبر اميدوارن جي هٽ ڪڍڻ جي آخري تاريخ مقرر، اليڪشن 14 ڊسمبر تي ٿيندي

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور ضلعي جي صوبائي تڪ پي ايس 9 شڪارپور 3 تي پ پ پ ايم پي اي آغا سراج خان دراني جي وفات سبب اليڪشن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: آغا سراج دراني جو فرزند آغا شهباز خان دراني

دراني جي فيملي پاران آغا شهباز خان دراني کي بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: ذريعا

شڪارپور ذريعن موجب خالي ٿيل سيٽ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڊويزنل اليڪشن ڪمشنر عبدالواحد بلوچ کي ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر مقرر ڪيو ويو

شڪارپور پي ايس 9 شڪارپور 3 تي 14

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مرحوم آغا سراج دراني گذريل اليڪشن ۾ 63760 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي

جي يو آءِ اميدوار رشدالله شاهه امروٽي 25634 ۽ ٽي ايل پي جي چاڪر خان 2697 حاصل ڪيا

شڪارپور : 8 فيبروري 2024ع تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ پ پ پ اميدوار مرحوم آغا سراج دراني کان دراني 63760 ووٽ حاصل

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پولينڊ جو نائب وزيراعظم ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي پاڪستان پهچي ويو، پروقار استقبال

پاڪستان ۽ پولينڊ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق، مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون

انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز ۽ پولش انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئرز جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وفدن جي سطح تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه دوران ٽرين ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

پاڪستان ۽ پولينڊ واپار، توانائي، بنيادي ڍانچي، دفاع، دهشتگردي جي خاتمي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ تعليم ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) پولينڊ جو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير رادو سواف سڪور سڪي ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پولينڊ جي نائب وزيراعظم جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

وزارت قانون پيشيوراڻين ضرورتن لاءِ وڪيلن کي هر ممڪن تعاون فراهم ڪندي: وزير قانون

وڪيلن جي وفد ۾ راولپنڊي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن گجرانوالا، چڪوال ۽ ٻين بارز جا ميمبر شامل

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته بار ايسوسيئيشنز عدالتي نظام

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

رومانيه سان مضبوط لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا: ايئر چيف

پاڪ فضائيه جي سربراهه رومانيه جي سيڪريٽري دفاع ۽ چيف آف ڊفينس سان ملاقات ڪئي

ايئرچيف جو هي دورو ٻنهي ملڪن وچ ۾ دفاعي تعاون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم قرار

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فضائيه جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومون شام جي سياسي منتقلي ۾ مدد لاءِ پابندين ۾ نرمي ڪن: پاڪستان

اقتصادي بحالي، نئين سر تعمير ۽ بهتر ضم ٿيڻ کي قابل بنائڻ لاءِ شام تي پابندين ۾ نرمي جي اهميت تي زور ڀريون ٿا

شام جي حڪمراني ۾ بهتري آندي وڃي ته جيئن انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٺوس نتيجا سامهون اچن: عثمان جدون

مرڪزي حڪومت جو دائره اختيار ملڪ جي سمورن حصن، خاص طور تي سويدا، حلب ۽ ديرالزور جهڙن علائقن تائين پکڙيل رهي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل تي زور ڀريو آهي ته اها شام تي لاڳو پابندين ۾ نرمي ڪري ته جيئن 14 سالن کان تباهي پکيڙيندڙ گهرو ويڙهه ڪانپوءِ ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام جو رستو کلي سگهي اها ڳالهه گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي وقتي مستقل نمائندي عثمان جدون گذريل ڏينهن 15

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

عدالتي بينچون خواهشن موجب نه پر آئين ۽ قانون موجب ٺهنديون: سپريم ڪورٽ

26هين آئيني ترميم کان اڳ واري 16 رڪني فل ڪورٽ جوڙي وڃي: درخواستگذار وڪيل عزير ڀنڊاري

ڇا 31 آڪٽوبر 2024 واري ڪميٽي کي اهو اختيار حاصل هو ته اهڙو فيصلو ڪري سگهي: جسٽس محمد علي مظهر

ڇا آئيني بينچ کي اهو اختيار حاصل آهي ته اها ڪا ٻي بينچ به جڊيشل آرڊر ذريعي ناهي سگهي: جسٽس مسرت هلالي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ ۾ 26هين آئيني ترميم خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران جسٽس جمال خان مندوخيل ريمارڪس ڏنا آهن ته عدالتي بينچون خواهشن موجب نه پر آئين ۽ قانون

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪا روس سربراهي ملاقات ملتوي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت قابل ۽ ذهين شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ جي شروعات 30 آڪٽوبر کان ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت قابل ۽ ذهين شاگردن ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريئٽ ملاقات ڪري رهي آهي

بيگم نصرت ڀٽو هڪ غيرمعمولي حوصلي ۽ وقار واري عورت هيون: آصفه ڀٽو زرداري

بيگم نصرت ڀٽو اونداهي دور ۾ به جمهوريت جي مشعل کي جرئت سان روشن رکيو

شهيد ذوالفقار ڀٽو جي شهادت ۽ اولاد جي وڇوڙي باوجود بيگم نصرت ڀٽو ثابت قدمي سان اڳتي وڌيون

بيگم نصرت ڀٽو وفادار زال، پيار ڪندڙ ماءُ ۽ پاڪستان جي باوقار خاتون اوّل طور هميشه ياد رهنديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي خاتونِ اوّل بي بي آصفه ڀٽو زرداري جو "مادرِ جمهوريت" بيگم نصرت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سان نئين ڊي جي نيب شڪيل احمد دراني جي ملاقات

ملاقات ۾ صوبي مان ڪرپشن جي خاتمي ۽ شفافيت جي فروغ تي ڳالهيون

گورنر سنڌ نيب جي ڪردار جي تعريف ڪندي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر مان عورت جو لاش هٿ، مڙس ٻار سميت غائب

سائٽ سپر هاءِ وي جي سکيا ڳوٺ ۾ گهر مان 35 سالن جي عائشه جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هڪ گهر

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان اسپيڪر اويس قادر شاهه ملي رهيو آهي

آمريڪي حڪومت جو شٽ ڊائون 22 هين ڏينهن ۾ داخل، قومي قرض جو ڳاڻيٽو 380 کرب ڊالرن کان وڌي ويو

آمريڪي ڪانگريس 11 هون ڀيرو وفاقي حڪومت لاءِ عارضي بل منظور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام رهي: پرڏيهي ميڊيا

واشنگٽن ڊي سي جي هڪ امدادي مرڪز ۾ وفاقي ملازمن جن جي اجرت واجب الادا آهي، مفت کاڌو حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهي قطار ۾ بيٺل رهيا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي وفاقي حڪومت جو شٽ ڊائون 22 هين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويو آهي جڏهن ته آمريڪي قومي قرض جو ڳاڻيٽو 380 کرب ڊالرن کان وڌي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ: سپر ٽيڪس بابت داخل درخواستن جي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي آئيني بينچ سپر ٽيڪس بابت داخل

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

جام خان شورو جي صدارت ۾ اجلاس، سنڌ ۾ پرڏيهي فنڊ سان هلندڙ منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو

توانائي، صحت، زراعت، لائيو اسٽاڪ ۽ ٽرانسپورٽ سميت 10 کاتن جي آفيسرن ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽرن جي شرڪت

سنڌ سولر انرجي، بي آر ٽي، ييلو لائين ۽ ڊاٽا ايفيڪٽيو هائوسنگ اسڪيم تي تفصيلي بريفنگون ۽ هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رٿابندي ۽ ترقي واري وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ پرڏيهي فنڊ سان هلندڙ منصوبن جي پورٽ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار پاران پرڏيهي آفيس پهچڻ تي پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير جو استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سيد قاسم نويد قمر جي صوبائي وزير علي حسن زرداري سان ملاقات

ڪشمور-ڪندڪوٽ پل جي تعمير سميت لاڳاپيل اهم معاملن تي ڳالهه ٻولهه

سيڙپڪاري ۽ گڏيل منصوبن ذريعي روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا: سيد قاسم نويد قمر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي خاص صلاحڪار سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ سيد قاسم نويد قمر

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسرائيل جا اولهندي ڪناري کي ضم ڪرڻ بابت قدم غزه امن معاهدي لاءِ خطرو آهن: آمريڪا

صدر ڊونلڊ ٽرمپ واضح ڪري چڪو آهي ته هو اولهندي ڪناري کي ضم ڪرڻ بابت قدمن جي حمايت نٿو ڪري

اسان کي ڪنهن به اهڙي شيءِ جي باري ۾ ڳڻتي آهي جنهن سان اسان جي ڪوششن جي غير مستحڪم هجڻ جو خطرو پيدا ٿئي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا اسرائيل کي خبردار ڪيو آهي ته پارليامينٽ جا اولهندي ڪناري کي ضم ڪرڻ جي حوالي سان قدم ۽ آبادڪارن جي تشدد سان غزه امن معاهدي کي خطرو آهي پرڏيهي ميڊيا

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اليڪشن ڪميشن شڪارپور پي ايس 9 جي تڪ ۾ چونڊ شيڊول جو نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گارڊن پوليس جعلسازي ۾ ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گارڊن پوليس هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ايم پي اي نعيم ڪرل جي عيادت ڪري رهيو آهي، اڳوڻو وڏو وزير قائم علي شاهه پڻ موجود آهي

پاڪستان ۽ چين جي دوستي امن، ترقي ۽ برابري جي گڏيل خوابن جي شراڪت داري آهي: فريال ٽالپر

شهيد محترمه بينظير ڀٽو عورتن جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حقن جي جدوجهد کي نئين رخ تي آندو

اڄ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري شهيد بي بي جي ويزن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن

سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام تحت متاثر ٿيل خاندانن کي ڏنا ويندڙ گهر عورتن جي نالي ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ فريال ٽالپر جو آهي ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي رڳو ٻن پاڙيسري ملڪن جي لاڳاپن تائين محدود ناهي پر اها امن ترقي ۽ برابري جي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 منظوري

ڪالعدم قرار ڏيڻ جي لاءِ سمري وفاقي ڪابينا ۾ پيش ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وفاقي ڪابينا کي ملڪ ۾ ٽي ايل پي جي پرتشدد ۽ دهشتگرد سرگرمين تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ پنجاب حڪومت جي اعليٰ آفيسرن وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس کي ڪالعدم تنظيم جي پرتشدد ۽ انتشار ڦهلائيندڙ ڪاررواين تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته 2016ع کان قائم ان تنظيم پوري ملڪ ۾ شرانگيزي کي هوا ڏني تنظيم جي ڪري ملڪ جي مختلف حصن ۾ شرانگيزي جا واقعا ٿيا. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته 2021ع ۾ به ان وقت جي حڪومت ٽي ايل پي تي پابندي هڻي جيڪا 6 مهينن ڪانپوءِ ان شرط تي هٽائي وئي ته اڳتي ملڪ ۾ بدامني ۽ پرتشدد ڪارروايون نه ڪيون وينديون. تنظيم تي پابندي جو سبب 2021ع ۾ ڏنل ضمانتن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ به آهي ماضي ۾ به ٽي ايل پي جي پرتشدد احتجاجي جلسن ۽ ريلين ۾ سيڪيورٽي اهلڪار ۽ بيگناهه واٽهڙو ماريا ويا. بيان موجب وفاقي ڪابينا اجلاس کي ڏنل بريفنگ ۽ پنجاب حڪومت جي سفارش ڪانپوءِ متفق طور تي ان نتيجي تي پهتي ته ٽي ايل پي دهشتگردي ۽ پرتشدد ڪاررواين ۾ ملوث آهي

بقايا 2 وزيراعظم

جهڙي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي نئين ڪاروبار ڪرڻ ۾ رڪاوٽن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. روانگي واپار ۾ اضافي ۽ نيون صنعتون قائم ڪرڻ سان معيشت جا مثبت انگ اکر پائيدار معاشي ترقي ۾ تبديل ڪري سگهجن ٿا. ملڪي مصنوعات ۽ ملڪ ۾ ڪاروبار کي نه رڳو علائقائي پر عالمي سطح تي پرڪشش بڻائڻ حڪومت جي معاشي منزل آهي. وفاقي حڪومت جا ادارا مجموعي معاشي ترقي جي لاءِ ماهرن ۽ ڪاروباري ماڻهن جي سفارشن تي حڪمي عملي ۾ وڌيڪ بهتري آڻيندا. ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار معيشت ۽ صنعت جي مختلف شعبن جي نمائنده صنعتي ۽ ڪاروباري شخصيتن سان ڳالهائيندي ڪيو جن وزيراعظم سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ معيشت ۽ صنعت جي مختلف شعبن جي نمائندن پنهنجي لاڳاپيل مسئلن ۽ مختلف حڪومتي قدمن جي لاءِ سفارشون پيش ڪيون ملاقات ۾ ملڪي معيشت ۾ بهتري ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ ڪاروباري شخصيتن پاران پيش ڪيل سفارشن جو جائزو ورتو ويو ملاقات ۾ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري، اڪنامڪ افيئرز ڊويزن واري وفاقي وزير احد خان چيما، ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان، قومي تحفظ خوراڪ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل وزارتن جي سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. وزيراعظم سمورن نمائندن جي سفارشن جي ڏس ۾ بهترين حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن ملڪي معيشت کي ڪاروباري ماڻهن جي تعاون سان پائيدار ترقي ۽ مثبت رخ تي گامزن ڪري سگهجي. اجلاس ۾ خاص طور تي صنعتي پيداوار جي خرچن کي گهٽ ڪرڻ علائقائي سطح تي ٻين ملڪن جي مصنوعات جي ڀيٽ ۾ پرڪشش بڻائڻ ۽ پاڪستان ۾ صنعت ۽ واپار ۾ عالمي سيڙپڪاري جي امڪانن تي تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڪاروباري شخصيتن مختلف شعبن ۾ حڪومتي قدمن جي ڏس ۾ ميڪرو اڪنامڪ استحڪام کي ساراهيو ۽ چيو ته انهي مثبت رخ ۾ وڌيڪ موثر ڪم ڪرڻ سان ملڪ ۾ معاشي صورتحال سيڙپڪاري جي لاءِ وڌيڪ سازگار بڻائي سگهجي ٿي. وزيراعظم چيو ته ملڪي روانگي واپار ۾ اضافي ۽ نيون صنعتون قائم ڪرڻ سان معيشت جا مثبت انگ اکر جلد کان جلد پائيدار معاشي ترقي ۾ تبديل ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 3 مقرر

جي خادم شاهه سلمان بن عبدالعزيز ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان جي تجويز تي شيخ صالح الفوزان کي سعودي عرب جو مفتي اعظم مقرر ڪري ڇڏيو. سعودي ميڊيا موجب شيخ صالح کي سينيئر علما ڪائونسل جو سربراهه به مقرر ڪيو ويو آهي ۽ سندس درجو هڪ وزير جي برابر هوندو. واضح رهي ته شيخ صالح الفوزان کي اڳوڻي مفتي اعظم شيخ عبدالعزيز آل الشيخ جي لاڏاڻي کانپوءِ ان عهدي تي مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 4 بل جي مذمت

اسرائيلي وسندين کي قانوني حيثيت ڏيڻ بابت بل جي منظوري جي شديد مذمت ڪندي احتجاج ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي عرب جي پرڏيهي وزير پاران گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اسرائيلي قابض اختيارين پاران ڪيل توسيع پسنداڻا قدم ۽ غير قانوني آبادڪاري جي پاليسين کي مڪمل طور تي رد ڪيون ٿا سعودي عرب پنهنجي برادر فلسطيني عوام جي ان آزاد رياست جي قيام جنهن جون سرحدون 1967ع موجب جائز ۽ تاريخي حق جي ڀرپور حمايت ڪريون ٿا جيڪو عالمي ٺهرائن ۾ طئي ڪيو ويو آهي بيان ۾ عالمي برادري تي زور ڀريو ويو ته اها پنهنجي ذميوارين کي پورو ڪندي ڳنڍيل قومن جي قراردادن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائي ۽ اسرائيل جي فلسطيني سرزمين ۽ عوام خلاف لڳاتار ڏاڍاين ۽ خلاف ورزين کي روڪڻ لاءِ بهتر قدم کڻي بيان ۾ ان ڳالهه تي به زور ڀريو ويو آهي ته خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ٻه رياستي حل جي لاڳو ٿيڻ جي سلسلي ۾ سنجيدگي سان اڳڀرائي جي ضرورت آهي

بقايا 5 ڌرڻو

جي بيوسي آهي ججز پنهنجن حڪمن تي عمل نه ٿا ڪرائي سگهن سوچڻو پوندو ته ملڪ ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي رپورٽ موجب سهيل آفريدي ڪارڪنن سان اڊيالا روڊ تي ويهي رهيو جنهن سبب اڊيالا روڊ تي ٽريفڪ مڪمل طور تي جام ٿي وئي صورتحال سبب سهيل آفريدي جو سيڪيورٽي اسٽاف ۽ راولپنڊي پوليس به الرٽ ٿي وئي جڏهن ٽريفڪ جام ٿيڻ سبب عوام کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو. ڪي پي ڪي جي وڏي وزير اڊيالا روڊ تي ڌرڻي جي دوران پي ٽي آءِ ڪارڪنن نعريبازي ڪئي جنهن کان پوءِ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڪارڪنن سميت اڊيالا روڊ تان اٿي سائيڊ تي هليو ويو.

بقايا 6 ضياءُ الحسن لنجار

اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ آئي جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي سکر ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ايس ايس پي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايس پي خيرپور سميت ٻين پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران ضلع سکر خيرپور ۽ گهوٽڪي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڊي آءِ جي سکر ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ اجلاس کي موجوده صورتحال، جاري پوليس قدمن ۽ ڌاڙيلن خلاف ٿيندڙ ڪاررواين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني.وزير داخله سنڌ ضياءالحسن لنجار اجلاس کي خطاب ڪندي واضح هدايتون ڏنيون ته ڪچي جي علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف جاري آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي

بقايا 7 سعيد غني

محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته ملاکڙو سنڌ جو قديم ۽ روايتي راند هجڻ سان گڏ هڪ صحتمند تفريح پڻ آهي. سنڌ جي ثقافت، تاريخ ۽ ورثي ۾ ملاکڙي کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي جيڪو صديون پراڻو رانديگرن ۽ پهلوانن جو راند آهي جنهن سنڌ جي ماڻهن ۾ همت، بهادري ۽ اتحاد جو جذبو پيدا ڪيو آهي. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن چنيسر گوٺ ۾ سيد محمود شاهه بخاري جي 234هين سالياني عرس جي آخري ڏينهن فٽبال گرائونڊ ۾ ٿيل ملاکڙي جي مقابلي ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين چنيسر ٽائون فرحان غني، مزار جي سجاده نشين پير وقار شاهه جيلاني، سنڌ اسيمبلي جو ميمبر آصف موسي، چنيسر ٽائون جي مختلف يوسيز جا چيئرمين ۽ پيپلز پارٽي جا عهديدار پڻ موجود هئا. ملاکڙي جي مقابلي ۾ سڄي سنڌ مان آيل نامور پهلوانن حصو ورتو ۽ پنهنجي شاندار ڪارڪردگي سان موقعي تي موجود ماڻهن کان ڀرپور داد حاصل ڪيو.

بقايا 8 منصوبا شروع

جو سنگ بنياد رکي ڇڏيو ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، سٽي ڪائونسل ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان، شڪيل خان شيرواني، جمال ناصر حاجي فرحان ۽ وڏي انگ ۾ شهري پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب موقعي تي ٿيل تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي طرفان ضلع اوسط جي مختلف يوسيز ۾ اندرين روڊن جي تعمير ۽ بحالي جي منصوبن جو باقاعدي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. هن چيو ته انهن منصوبن تحت لياقت آباد فرنيچر مارڪيٽ، غريب آباد ۽ پنگوريا ڳوٺ جي علائقن ۾ روڊن جي تعمير ۽ بحالي جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. هن ٻڌايو ته مجموعي طور 2 لک 5 هزار ڪيوبڪ فٽ سب بيس ۽ 2 لک 20 هزار ڪيوبڪ فٽ ايگريگيٽ بيس ڪورس وڇايو ويندو جڏهن ته 4 لک 30 هزار مربع فٽ پيور بلاڪس لڳايا ويندا. انهن منصوبن ۾ 60 mm ۽ 80 mm جا بلاڪس استعمال ڪيا پيا وڃن ته جيئن روڊن جي پائيداري يقيني بڻائي سگهجي. منصوبن جي تڪميل سان علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ ماڻهن کي اچ وڃ ۾ آساني پيدا ٿيندي.

بقايا 9 خدشا ختم

ڪميون ڪوتاهيون فوڊ وزارت کان طلب ڪري ورتيون فوڊ واري وزارت آءِ ايم ايف جي اعتراضن تي جواب ڏنو آهي ته امدادي قيمت مقرر نه ڪئي وئي، سمجهڻ ۾ غلطي ٿي جنهن تي آءِ ايم ايف به انهي لاءِ اعتراض اٿاريو ته شايد امدادي قيمت مقرر ٿي، آءِ ايم ايف جي ڪڻڪ تي گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت مقرر ڪرڻ تي خدشا ختم ڪري ڇڏيا آهن ذريعن موجب آءِ ايم ايف کي ڏنل جواب ۾ چيو ويو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت جي بجاءِ انڊيڪيٽو قيمت مقرر ڪئي وئي آهي، آمريڪا جي انٽرنيشنل بارڊر ڪڻڪ جي قيمت کي ڏسندي انڊيڪيٽو پرائس ڪئي وئي آهي

بقايا 10 مٺائي ورهائي وئي

جي ميمبرن انهن جي ٻارن ۽ هندو برادري جي اهم اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪيڪ ڪٽڻ جي تقريب ٿي ۽ مٺائي به ورهائي وئي. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ اڳواڻن لڇمن سنگهه شمس ڪيريو ڊاڪٽر نيل ڪنٺ، پرشوتم راماڻي، درشن سڄديو، [illegible] راجا، سيما ميهشوري، خالده ذلف، راشد ڦنڊ، فخر امام ۽ ٻين چيو ته هيءَ ڏيهاڙي پيار محبت ۽ امن جو پيغام ڏئي ٿي. اهڙن خوشين وارن موقعن کي گڏجي ملهائڻ سان ڀائيچاري ۽ همدرديءَ جو جذبو وڌي ٿو.

بقايا 11 زخمي

جي ڀيڻ حسنا راهو معمولي زخمي ٿي پئي. حسنا راهو کي سول اسپتال گولاڙچي مان فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ڪراچي ريفر ڪيو ويو جڏهن ته پنجنهي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين به ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 12 اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان تي ٻڌل بينچ عمران خان سان جيل ۾ ملاقاتن جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب امجد پرويز عمران خان جي وڪيل سلمان اڪرم ۽ سپرنٽينڊنٽ اڊيالا جيل عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب سنگل رڪني بينچ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي چيو ته جن رولز کي معطل ڪري ڇڏيو اهي وفاق جا رولز ٿي ته آهن. 18هين ترميم کان پوءِ اهي رولز هاڻ پنجاب جي جيل جا رولز آهن

بقايا 13 انڪشاف

ڏيڻ جو انڪشاف وزيراعليٰ سنڌ طرفان ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (KDA) ۾ ڪنسلٽنسي ٺيڪن ۾ بي ضابطگين بابت تحقيقات جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي.نوٽيفڪيشن موجب، تحقيقات ان ڳالهه تي ڪئي ويندي ته عاطف نظر نالي ڪمپني کي 11 ارب 33 ڪروڙ رپين جا ٺيڪا بغير ٽينڊر ۽ مقابلي جي ڏنا ويا. سنڌ ڪنٽريڪٽرز ايسوسيئيشن جي شڪايت تي KDAخلاف ڪارروائي جي تياري شروع ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب، وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ وزير ترقي ۽ پلاننگ جام خان شورو گڏيل طور تي جاچ جي نگراني ڪندا. شڪايت ڪندڙ جي بيان مطابق، KDA ڪيترين اسڪيمون بغير اشتهار ۽ بڊنگ جي الاٽ ڪيون جيڪي سڌي طرح قانون جي ڀڃڪڙي آهن.

بقايا 14 هٿ

تي پوليس جي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ گلستان جوهر بلاڪ 14 ۾ هڪ ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو ۽ 12 ليپ ٽاپ هٿ ڪيا. هٿ ڪيل ليپ ٽاپ پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ امير ماڻهن ۽ ماڻهن کي جعلي ڌمڪيون ۽ بليڪ ميلنگ ذريعي فون ڪري پئسا هڙپ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. ايس آءِ يو پوليس چيو ته 8 آگسٽ 2025 تي ٽيپو سلطان پوليس ٿاڻي جي حد مان هڪ واپاري کي اغوا ڪيو ويو ۽ حراست ۾ رکيو ويو ڪيس 50 ملين رپيا ڏيڻ جي واعدي تي آزاد ڪيو ويو بعد ۾، جوابدار مختلف وقتن تي 8 ملين رپيا ڀتا طور گڏ ڪيا. واقعي جو ڪيس 13 آگسٽ تي ٽيپو سلطان پوليس ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو بعد ۾ ڪيس جي جاچ ايس آءِ يو ڏانهن منتقل ڪئي وئي 20 آڪٽوبر 2025 تي، بوٽ بيسن پوليس ٻن جوابدارن طلال افسر عرف ميجر ظفر پٽ محمد افسر صديقي ۽ مبشر گل کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدار طلال افسر پڇا ڳاڇا دوران انڪشاف ڪيو ته هو ۽ سندس ساٿي اسپوفنگ سافٽ ويئر ذريعي ڀتا خوري جو مطالبو ڪري رهيا هئا. ملزم چيو ته اڄڪلهه جعلي ڪال سينٽرن جو ڪاروبار سلو نه هلي رهيو آهي جنهن جي ڪري ميدان ۾ نوان ايجادون آنديون ويون آهن. جنهن ۾ ڪال سينٽر کان مختلف ماڻهن کي اسپوفنگ سافٽ ويئر استعمال ڪندي ڪال ڪيون وينديون آهن جنهن ۾ ڪنهن به نمبر تي ڪال ڪرڻ کان اڳ، اهي پنهنجي پسند جو نمبر رکندا آهن تنهن ڪري جڏهن ڪال ڪندڙ ڪال وصول ڪندو آهي، ته اهو ئي نمبر اسڪرين تي ظاهر ٿيندو جيڪو انهن لڳايو آهي چالاڪ ته اهو انٽرنيٽ استعمال ڪندو آهي

بقايا 15 وڏو وزير

ريجهو ميڊيڪل ڪمپليڪس جو قيام ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انجنيئرنگ ڪاليج گڏاپ جي ترقيءَ جو جائزو ورتو ويو. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو سيد سردار شاهه، جام خان شورو، حاجي علي حسن زرداري، اسماعيل راهو چيئرمين پي اينڊ ڊي بورڊ نجم احمد شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز عباس بلوچ، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو ۽ سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ شرڪت ڪئي. ميڊيڪل ڪمپليڪس (گڏاپ): وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ميڊيڪل ڪمپليڪس نئشنل هاءِ وي تي رزاق آباد جي ريجهو تعمير ٿي رهيو آهي جيڪو گڏاپ مليئر ڪراچي ۽ آس پاس جي علائقن جي رهواسين لاءِ هڪ جديد علاج ۽ تدريسي مرڪز هوندو. هي منصوبو پهريون ڀيرو 2012ع ۾ 143 ارب رپين جي لاڳت سان منظور ڪيو ويو هو جنهن کي اپريل 2025ع ۾ پي ڊي ڊبليو پي فورم پاران ٻيهر 4.64 ارب رپين جي نظرثاني ٿيل لاڳت سان منظور ڪيو ويو. منصوبي ۾ 9 وڏا اسپتال بلاڪ شامل آهن جن ۾ 290 بسترن جي گنجائش هوندي: جنرل وارڊ: 200 بستر برن آءِ سي يو: 10 بستر ميڊيڪل/سرجيڪل آءِ سي يو: 20 بستر سي سي يو: 10 بستر ڊائليسس وارڊ: 10 بستر ٿليسيميا سينٽر: 10 ڪرسيون ۽ ايمرجنسي يونٽ: 30 بستر شامل آهن. مکيه عمارت جي گرائونڊ ۽ پهرين منزل تي فنيشنگ جو ڪم جاري آهي جڏهن ته ڪچن بلاڪ ۽ رهائشي عمارتون مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ آهن. چوڌاري ڀت ۽ انڊر گرائونڊ واٽر ٽينڪ مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ سوئي گئس جي اندروني لائيننگ تي ڪم جاري آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته هي منصوبو 2013ع کان 2015ع تائين قانوني تڪرارن خرچ ۾ واڌ ۽ فني تبديليءَ سبب دير جو شڪار رهيو پر اپريل 2025ع ۾ نظرثاني ٿيل پي سي ون جي منظوري بعد ڪم تيز رفتاريءَ سان جاري آهي. مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته سڀئي لاڳاپيل کاتا موجوده مالي سال ۾ رکيل فنڊز جو مڪمل استعمال يقيني بڻائڻ ۽ ڪي ڊبليو اينڊ ايس بي ۽ صحت کاتي سان ويجهو رابطو رکن. هن چيو هي ڪمپليڪس نه رڳو ڪراچي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪندو پر اهو هڪ تدريسي ۽ تحقيقاتي مرڪز پڻ بڻجندو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انجنيئرنگ ڪاليج گڏاپ: وڏي وزير گڏاپ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انجنيئرنگ ڪاليج جي ترقيءَ بابت پڻ بريفنگ ورتي جيڪو 50 ايڪڙ ايراضيءَ تي 1.55 ارب رپين جي لاڳت سان ٺهيو پيو وڃي. منصوبو 2013ع ۾ منظور ٿيو ۽ مئي 2015ع ۾ زمين جي مسئلن جي حل ٿيڻ بعد تعميراتي ڪم شروع ٿيو. اڃا تائين 729.96 ملين رپيا خرچ ٿي چڪا آهن. ڪاليج ۾ انتظامي ۽ علمي بلاڪ، سول اليڪٽريڪل ۽ ڪمپيوٽر ۽ سافٽ ويئر انجنيئرنگ شعبا، آڊيٽوريم، لائبريري، هاسٽل، اسٽاف ڪوارٽر، بنگلا، ڊسپينسري، مسجد، ڪينٽين، مارڪيٽ ۽ ٽيليڪميونيڪيشن سينٽر شامل آهن. اسپورٽس ۽ گڏيل سهولتن ۾ جمنازيم، اسڪواش، بيڊمنٽن، ٽينس ڪورٽ، ڪرڪيٽ ۽ هاڪي گرائونڊز ۽ جاگنگ ٽريڪس جو پڻ انتظام آهي. انتظامي ۽ علمي بلاڪ فنيشنگ جي مرحلي ۾ آهن جڏهن ته رهائشي عمارتون به مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهن. البت فنڊز جي گهٽتائي ۽ غير يقيني رليز سبب ٻين سهولتن جو ڪم شروع نه ٿي سگهيو آهي. وڏي وزير فنڊز جي دير تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ ناڻي کاتي کي هدايت ڪئي ته اسڪيم جو نئون جائزو ورتو وڃي ۽ وقت سر ۽ باقاعده فنڊز جاري ڪيا وڃن. مراد علي شاهه چيو ته اهي ٻئي منصوبا ميڊيڪل ڪمپليڪس ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي جي پٺتي پيل ۽ ڀهراڙي علائقن ۾ اعليٰ تعليم ۽ صحت جون سهولتون وڌائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ويزن جو حصو آهن. هن وڌيڪ چيو اهي صرف عمارتون نه آهن پر سنڌ جي انساني سرمائي ۾ سيڙپڪاري آهن. اسان انهن منصوبن کي جلدي مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون ته جيئن اسان جي نوجوانن ۽ شهرين کي معياري تعليم تحقيق ۽ صحت جون سهولتون ملي سگهن

بقايا 16 ڪاميابي ماڻي

ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي هئي جڏهن ٻئي پوزيشن جي يو آئي جي اميدوار سيد رشدالله شاهه امروٽي 25634 ووٽ حاصل ڪري سگهيو جڏهن ته تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اميدوار چاڪر خان 2697 حاصل ڪري ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي هئي

بقايا 17 مقرر ڪيو ويو

ڊسمبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ لاءِ لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڊويزنل اليڪشن ڪمشنر عبدالواحد بلوچ شڪارپور ضلعي جو ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ريٽرننگ آفيسر لاءِ ڳڙهي ياسين تعلقي جو اسسٽنٽ ڪمشنر انور حسين خاصخيلي کي مقرر ڪيو ويو آهي اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن ۾ ڳڙهي ياسين تعلقي جي مختيارڪار احمد الدين مهر کي مقرر ڪيو ويو آهي .اسسٽنٽ ڪمشنر 2 لاءِ ڳڙهي ياسين تعلقي جي تعلقا ايجوڪيشن آفيسر پرائمري في ميل خالد حسين جکرو کي مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 18 ڏريما

تي ڪوٽ دراڻي جي فيملي طرفان اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج خان دراڻي جي فرزند آغا شهباز خان دراڻي کي بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

بقايا 19 قرار

ڪميشن آف پاڪستان سندس ٽڪ کي خالي قرار ڏئي اليڪشن شيڊول پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.اليڪشن ڪميشن شيڊول مطابق 31 آڪٽوبر تي ريٽرننگ آفيسر فارم جاري ڪندو اميدوارن کي 3/11/2025 کان 5/11/2025 تائين اميدوار نامزدگي فارم جمع ڪرائي سگهندا،6/11/2025 نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ وارن جي لسٽ لڳندي ،11/11/2025 نامزدگي فارمن جي جاچ پڙتال جي آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي ،15/11/2025 فارمن جي بحالي لاءِ اپيل جي آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي ،22/11/2025 تائين اپيلن تي فيصلو ٻڌائڻ لاءِ اليڪشن ٽربيونل کي تاريخ ڏني وئي، 23/11/2025 تي نامزد ٿيل اميدوارن جي فائنل لسٽ لڳندي، 24/11/2025 اميدوارن جي هٽ ڪڍڻ جي آخري تاريخ مقرر 25/11/2025 تي اميدوارن کي نشان الاٽ ڪيا ويندا ،پولنگ 14 ڊسمبر 2025 بروز آچر تي صبح جو سوير ٿيندي.

بقايا 20 ملاقات

19 جي سينيئر آفيسرن جي هڪ وفد اڄ سنڌ صوبائي اسيمبلي جو دورو ڪيو ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه سان ملاقات ڪئي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي وفد جو گرم جوشي سان ڀليڪار ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ملڪ جي سڀ کان پراڻي قانون ساز اسيمبلي آهي جنهن کي هي تاريخي پاڪستان قرارداد منظور ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي هن وڌيڪ چيو ته هي ايوان جمهوريت، رواداري ۽ عوامي نمائندگي جي هڪ چمڪندڙ علامت آهي جنهن هميشه عوامي مفاد، بين الصوبائي هم آهنگي ۽ قومي اتحاد جي پيغام کي فروغ ڏنو آهي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پهچڻ تي، وفد جو استقبال سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ ڪيو سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي جي ايم عمر فاروق پاران اسيمبلي جي طريقيڪار، قانون سازي جي مرحلن ۽ ايوان جي ڪارروائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڊائريڪٽر قانون سازي محمد حنيف آفيسرن پاران اٿاريل سوالن جا جواب ڏنا. بريفنگ جي آخر ۾، وفد کي اسيمبلي جي تاريخي عمارت (پراڻي گهر) جو دورو پڻ ڪرايو ويو جتي آفيسرن اسيمبلي جي تاريخ ۽ جمهوري روايتن ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو بعد ۾، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران مهمان آفيسرن جي اعزاز ۾ لنچ جو انتظام ڪيو ويو وفد ۾ مختلف وفاقي ۽ صوبائي ادارن جا آفيسر شامل هئا، جن ۾ عبدالاحد ميمڻ محمد مامون حميد خان محمد يعقوب، ليفٽيننٽ (ر) عابد علي، ممتاز احمد لانگي عبدالظهير احمد علي صديقي ممتاز علي ٿيبو اسدالله ناصر خان باسط حسين، سعديه علي اڪرم بهليم بلقيس جان، ڊاڪٽر سميع الله سومرو دادلو زهراڻي شاهد عنايت ملڪ دائود خان شڪيل احمد، فيصل احسن پيرزاده، سيد احمد فواد، ليفٽيننٽ (ر) غلام مرتضيٰ تبسم سيد ارتضيٰ حيدر، عمران يحيٰ سيد محمد علي، جنيد احمد، طارق منظور منظور احمد بنگلزئي ذوالفقار علي ۽ محمد افضل شامل هئا. چيف انسٽرڪٽر جاويد ضياءَ چيو ته سنڌ اسيمبلي جو هي مطالعاتي دورو انهن جي تربيتي پروگرام جو هڪ اهم حصو آهي جنهن آفيسرن کي قانون سازي، پارلياماني عمل ۽ جمهوري ادارن جي ڪارڪردگي کي ويجهي کان سمجهڻ جو هڪ نادر موقعو مليو هن سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ جو شاندار مهمان نوازي لاءِ پڻ شڪريو ادا ڪيو آخر ۾، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ايڊمنسٽريشن (نيپا) جي چيف انسٽرڪٽر جاويد ضياءَ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه کي يادگاري شيلڊ پيش ڪئي جڏهن ته سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي جي ايم عمر فاروق پڻ اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران مهمان آفيسرن کي يادگاري شيلڊ پيش ڪئي

بقايا 21 گهر ڊاهي پٽ

ڪيمپ ۾ مليئر ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) طرفان پوليس، رينجرز ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي مدد سان آپريشن جاري آهي. ذريعن موجب آپريشن دوران 1800 کان وڌيڪ غيرقانوني ٺهيل گهر مسمار ڪيا ويا، جڏهن ته [illegible] هزار کان وڌيڪ گهر ڊاهڻ جو عمل اڃا جاري آهي.مليئر ڊولپمينٽ اٿارٽي جي رپورٽ مطابق، 214 ايڪڙ سرڪاري زمين تي غيرقانوني تعميرون ڪيون ويون هيون جيڪي هاڻي واڳذار ڪرايون پيون وڃن. آپريشن دوران پوليس ۽ ٻين ادارن کي هڪ ڀيرو ٻيهر مزاحمت جو سامنا به ٿيو پر سيڪيورٽي فورسز صورتحال تي ضابطو رکي ورتو. حڪام موجب افغان باشندن جي وطن واپسي بعد سرڪاري زمين کي خالي ڪرائڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو ويو هو.اطلاعن مطابق، 90 سيڪڙو افغان رهواسي اڳ ئي افغانستان واپس هليا ويا آهن. جڏهن ته باقي 10 سيڪڙو واپسي جي تياري ۾ آهن.

بقايا 22 ڪيڪ ڪاٽيو

زرداري سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس غلام قادر مري، صوبائي وزير شام سندر، ڪاڪا ڪشنچند جي صدر پاڪستان سان خوشگوار ماحول ۾ خصوصي ملاقات ڪري ديوالي جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ اقليتي برادري کي مبارڪ باد ڏني ان موقعي تي صدر پاڪستان آصف علي زرداري رئيس غلام قادر مري کي خاص هدايتون ڏنيون ته سنڌ ۾ رهندڙ اقليتي برادري سان هر موڙ تي ساٿ نڀايو رئيس غلام قادر مري صدر پاڪستان کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته اسان جا دروازا چوويهه ڪلاڪ عوام جي خدمت لاءِ کليل آهن ٻين اڳواڻن سان ڳالهائيندي صدر پاڪستان آصف علي زرداري چيو ته ملڪ تيزي سان ترقي ڏانهن وڌي رهيو آهي دنيا جي سمورن ملڪن جو اعتماد حاصل ٿي چڪو آهي جنهن ڪري ڪيترائي ملڪ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيا آهن ۽ ڪيترن ملڪن سان جلد اهم پيش رفت ٿيڻ واري آهي دهشتگردي کي ملڪ جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻجڻ نه ڏينداسين اسان جا ادارا ۽ پاڪ فوج دهشتگردن کي عبرت جو نشان بڻائي رهيا آهي اهو ڏينهن پري ڪونهي جنهن ڏينهن اسان جي سرزمين تي هڪ به دهشتگرد نه هوندو ان موقعي تي آصف علي زرداري سموري اقليتي اسان جي آهي ۽ اسين هنن جا آهيون

بقايا 23 ملاقات

سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ديوالي جي موقعي تي اقليتي معاملن ۽ ڀلائي جي قدمن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪاڪا ڪشنچند ايڊواڻي صدر مملڪت جو ڀرپور اعتماد ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو ڊاڪٽر شام سندر ايڊواڻي پاران اقليتي معاملن واري کاتي جي ڪارڪردگي تي تفصيلي بريفنگ ڏني ديوالي جي موقعي تي مستحق هندو برادري ۾ چيڪن جي ورڇ بابت ڄاڻ پڻ ڏني صدر آصف علي زرداري ۽ ايڊواڻي خاندان گڏجي ديوالي جو ڪيڪ ڪٽيو ملاقات جي آخر ۾ ديوالي جي موقعي تي هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪون ۽ نيڪ تمنائون

بقايا 24 ترجمان پاڪ فوج

اهڙو اظهار هن غلام اسحاق خان انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ٽوپي (صوابي) جي دوري دوران شاگردن سان ڳالهائيندي ڪيو هن هاڻوڪي پاڪ افغان سرحدي چڪرين، سيڪيورٽي صورتحال ۽ سوشل ميڊيا جي ڪردار تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي ڊي جي آءِ ايس پي آر واضح ڪيو ته پاڪستان افغانستان ۾ خوارجين جي موجودگيءَ خلاف اثرائتا قدم کنيا آهن آئينده به پاڪ فوج دشمن جي هر اڳرائيءَ خلاف شيهي جي ڀت ثابت ٿيندي هن چيو ته نوجوان قوم جي روشن مستقبل جا ضامن آهن ۽ ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ نوجوانن جو ڪردار اهم آهي شاگردن ۽ استادن طرفان پاڪ فوج جي شهيدن ۽ غازين کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو يونيورسٽيءَ جي شاگردن چيو ته اهڙيون وڌيڪ بامقصد ويهڪون منعقد ٿيڻ گهرجن ته جيئن ڊس انفارميشن ۽ پروپيگنڊا جو خاتمو ٿئي قوم امن جي ڪوشش ۽ ملڪي ترقيءَ ۾ پاڪ فوج جي ڪردار کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي شاگردن چيو ته پاڪ فوج دشمن کي ڀرپور ۽ فيصلائتو جواب ڏنو جنهن تي اسان کي فخر آهي ڊي جي آءِ ايس پي آر سوالن جا پڻ تفصيلي جواب ڏنا جنهن سان موجود مونجهارا ختم ٿيا

بقايا 25 اضافو

بي مثال اضافو قومي احتساب بيورو (نيب) پنهنجي شفافيت ۽ احتساب جي عزم کي برقرار رکندي سال 2025ع جي ٽين چوٿين ۾ 1,102.04 ارب رپيا (1.10 ٽريلين رپيا) وصول ڪيا آهن جيڪا گذريل چوٿين جي ڀيٽ ۾ 242 سيڪڙو وڌيڪ آهي. اها ڪاميابي، گذريل چوٿين ۾ ڪيل 456.3 ارب رپين جي وصولي کان 645.74 ارب رپيا وڌيڪ آهي جيڪا نيب جي قومي اثاثن جي تحفظ ۽ عوامي اعتماد جي بحالي جي واعدي کي ظاهر ڪري ٿي. نيب 2025ع جي پهرين ٽن چوٿين ۾ مجموعي طور تي 1,649.36 ارب رپيا (1.65 ٽريلين رپيا) جي وصولي ڪئي آهي. انهن وصولين مان منقول ۽ غير منقول اثاثن جي قيمت 1,637.15 ارب رپيا آهي جيڪي مختلف وفاقي ۽ صوبائي وزارتن، کاتن ۽ مالي ادارن حوالي ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه، "عوامي دوکي" وارن ڪيسن ۾ 17,194 متاثر ماڻهن کي نيب جي وصولين مان فائدو مليو آهي. گذريل ٻن سالن دوران، نيب هڪ غير معمولي سنگ ميل حاصل ڪيو آهي ۽ 6,956.8 ارب رپيا (6.96 ٽريلين رپيا) جي وصولي ڪئي آهي.

بقايا 26 آپگهات

پوليس جي ايس پي مبينا طور پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو. پوليس ذريعن موجب ايس پي عديل اڪبر گن مين کان بندوق کسي پاڻ کي گولي هڻي کيس زخمي حالت ۾ پمز اسپتال نيو ويو پر هو نه بچي سگهيو. عديل اڪبر اسلام آباد پوليس ۾ ايس پي انڊسٽريل ايريا طور خدمتون انجام ڏئي رهيو هو واقعي کان ڪجهه دير اڳ ئي حاجي ڪيمپ ۾ سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو وٺي رهيو هو

بقايا 27 انڪشاف

مستونگ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ قتل ٿيل سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ڊي ايس پي) نوشڪي، يوسف ريڪي جو لاش اڄ صبح هٿ آيو آهي پوليس اختيارين ٻڌايو ته آفيسر کي نامعلوم ماڻهن اغوا ڪان پوءِ فائرنگ ڪري شهيد ڪيو اهو واقعو صوبي ۾ جاري سيڪيورٽي چيلنجز جي هڪ ڏکوئيندڙ مثال آهي جتي قانون لاڳو ڪندڙ آفيسرن کي نشانو بڻايو پيو وڃي پوليس ذريعن موجب شهيد ڊي ايس پي يوسف ريڪي ڇنڇر ۽ آچر جي رات نوشڪي مان ڪوئٽا طرف سفر ڪري رهيو هو جڏهن مستونگ جي علائقي کرد گاپ ۾ نامعلوم هٿيارٻندن انهي کي اغوا ڪري ورتو اغوا وقت هو پنهنجي ذاتي گاڏي ۾ اڪيلو هو ۽ اهو واقعو رات جي اونداهي ۾ پيش آيو پوليس جو چوڻ آهي ته اغوا ڪندڙ آفيسرن کي پاڻ سان گڏ کڻي ويا جتي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ پوءِ انهي کي شهيد ڪري ڇڏيو

بقايا 28 اعلان

صنعتن ۽ آبادگارن کي ايندڙ ٽن سالن (نومبر 2025ع کان آڪٽوبر 2028ع) تائين رعايتي قيمت تي اضافي بجلي فراهم ڪئي ويندي وزيراعظم وفد سان ڳالهائيندي چيو ته صنعتي شعبي کي 34 رپيا ۽ زرعي شعبي کي 38 رپيا فراهم ڪيل يونٽن جي قيمت ۾ نمايان گهٽتائي ڪري اضافي يونٽ فراهم ڪيا ويندا ايندڙ ٽن سالن ۾ صنعتي ۽ زرعي شعبن کي سڄي سال لاءِ 22.98 رپيا في يونٽ جي قيمت تي اضافي بجلي فراهم ڪئي ويندي روشن معيشت بجلي پيڪيج تحت فراهم ٿيندڙ بجلي جو بار نه ته گهريلو صارف ۽ نه ئي ڪو ٻيو شعبو برداشت ڪندو هن توانائي ڊويزن جي وفاقي وزير سردار اويس لغاري ۽ سندس ٽيم کي هن پيڪيج جي تياري تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ملڪي معيشت جي ترقي ۽ روزگار ۾ اضافي لاءِ انتهائي اهميت جوڳي آهي.

بقايا 29 صحيحون

گذريل ڏينهن پاڪستان پهچي ويو پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ سانس گڏ آيل وفد جو نور خان ايئر بيس پهچڻ تي پرڏيهي وزير جي (يورپ) بابت ايڊيشنل سيڪريٽري خالد جمالي استقبال ڪيو بعد ۾ پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير راڊوسلاف سڪورسڪي جي پاڪستان جي دوري جي موقعي تي ڪالهه خميس ڏينهن پاڪستان ۽ پولينڊ جي پرڏيهي وزارت ۽ اسلام آباد ۾ قائم انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز ۽ پولش انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئرز جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پولينڊ جي هم منصب جي پاڪستان جي دوري کي اهم قرار ڏيندي چيو آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وفدن جي سطح تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه دوران ڌرين ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي ڪالهه خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس ۾ پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير راڊوسلاف سڪورسڪي سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه دوران پولينڊ جي هم منصب راڊوسلاف سڪورسڪي ۽ مون پاڪستان ۽ پولينڊ جي ٻطرفي لاڳاپن جو جائزو ورتو جيڪي تمام مثبت رخ ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته اسان جي ٻطرفي واپار جو ڪاٿو هڪ بلين ڊالر کان وڌيڪ آهي ۽ ٻنهي ڌرين ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو آهي ته واپاري ۽ اقتصادي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي بي پناهه صلاحيت موجود آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ پولينڊ وارن توانائي بنيادي ڍانچي دفاع، دهشتگردي جي خاتمي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ تعليم ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي

بقايا 30 وزير قانون

جي مضبوطيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. قانون ۽ انصاف واري وزارت ان جي پيشيوراڻين ضرورتن لاءِ هر ممڪن تعاون فراهم ڪندي رهندي وزارت جي ترجمان موجب اهڙو اظهار هن ڪالهه مختلف وڪيلن جي وفدن سان ملاقات ۾ ڪيو انهن وڪيلن جي وفد ۾ راولپنڊي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن گجرانوالا، پتوڪي، پنڊي گهيب، ڪوٽلي ستيان ۽ سوهاوه بار ايسوسيئيشنز جا نمائندا شامل هئا. ملاقات دوران وڪيلن بار رومز ۽ لائبريرين جي رنگ روغن لاءِ تعاون تي قانون واري وزير جو ٿورو مڃيو

بقايا 31 ايئرچيف

سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو چيو آهي ته پاڪستان رومانيه سان پنهنجن مضبوط سفارتي ۽ دفاعي لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو جيڪو علائقائي امن ۽ سلامتي بابت سمورن اهم معاملن تي هم آهنگيءَ تي ٻڌل آهي. ڪالهه آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو رومانيه جي پنهنجي سرڪاري دوري دوران سيڪريٽري دفاع ايڊورڊ باچيدي ۽ چيف آف ڊفينس جنرل گيورگيتسا ولاڊ سان ملاقات ڪئي ٻنهي ملڪن جي اعليٰ سطح جي عسڪري قيادت وچ ۾ ٿيل ان ملاقاتن دوران پاڪ فضائيه جي سربراهه چيو ته پاڪستان رومانيه سان پنهنجن مضبوط سفارتي ۽ دفاعي لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو جيڪي علائقائي امن ۽ سلامتي بابت اهم معاملن تي هم آهنگيءَ تي ٻڌل آهن. هن گڏيل چيلنجن جي مقابلي ۾ مضبوط ٻطرفي فوجي حصيداريءَ جي عزم کي ورجايو

بقايا 32 پاڪستان

رڪني ڪائونسل کي خطاب ڪندي چئي. هن چيو ته اسان اقتصادي بحالي نئين سر تعمير ۽ ٻيهر ضم ٿيڻ کي قابل بڻائڻ لاءِ شام تي پابندين ۾ نرمي جي اهميت تي زور ڀريون ٿا . هن ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته شام جي حڪمراني ۾ بهتري آندي وڃي ته جيئن انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٺوس نتيجا سامهون اچن. پاڪستاني نمائندن چيو ته تازو ئي شام جي پيپلز اسيمبلي جون چونڊون منعقد ٿيون جيڪي ملڪ ۾ سياسي عمل کي هٿي ڏيڻ ۽ رياستي ادارن جي بحالي طرف هڪ بهتر قدم آهن. هن اميد ظاهر ڪئي ته اهي علائقا جتي سيڪيورٽي سبب جي ڪري چونڊون ملتوي ٿيون اتي جلد چونڊون ڪرائڻ جي قابل ٿي ويندا ته جيئن سڄي ملڪ ۾ گڏيل سياسي شموليت ممڪن ٿي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته شام جي ڊيمو ڪريٽڪ فورسز (ايس ڊي ايف) جو ڪرد مليشيا ۽ ٻين گروهن تي ٻڌل اتحاد آهي ۽ مرڪزي حڪومت وچ ۾ ٿيندڙ تازو معاهدو هڪ اهم اڳڀرائي آهي

بقايا 33 سپريم ڪورٽ

موجب لهنديون. جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 8 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران درخواستگذار وڪيل عزير ڀنڊاري دليلن ۾ چيو ته 26هين آئيني ترميم کان اڳ واري 16 رڪني فل ڪورٽ جوڙي وڃي يا سپريم ڪورٽ جي سڀني 24 ججن کي شامل ڪري فل ڪورٽ جوڙي وڃي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ڇا 31 آڪٽوبر 2024 واري ڪميٽي کي اهو اختيار حاصل هو ته اهڙو فيصلو ڪري سگهي ڇا ڪميٽي آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪيو؟ جسٽس امين الدين خان چيو ته آرٽيڪل 191 اي کي معطل ڪرڻ بنا اهڙو آرڊر ڪيئن ٿا ڪري سگهون جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته ڇا آئيني بينچ کي اهو اختيار حاصل آهي ته اها ڪا ٻي بينچ به جڊيشل آرڊر ذريعي ناهي سگهجي. جسٽس نعيم اختر افغان ريمارڪس ڏنا ته درخواستگذارن کي هن آئيني بينچ تي اعتماد ڇو ناهي

بقايا 34 ملتوي

ٽرمپ هنگري جي گادي واري شهر بڊاپسٽ ۾ روس جي صدر ولاديمير پيوٽن سان پنهنجي طئي ٿيل سربراهي ملاقات ملتوي ڪندي چيو آهي ته کيس يقين ناهي ته ڳالهين جي ان مرحلي تي ڳالهين جو گهربل نتيجو نڪرندو. پرڏيهي خبررسان ادارن مطابق آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اهو اعلان وائيٽ هائوس ۾ نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي سان ملاقات دوران ڪيو هن چيو ته هن کي ائين نٿو لڳي ته اسان ان ملاقات مان اهو مقصد حاصل ڪري سگهنداسين جيڪو اسان حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ان لاءِ مان ان ملاقات کي ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽ مطابق آمريڪي صدر ان امڪان کي رد ناهي ڪيو ته بعد ۾ ڪنهن وقت سندس روس جي هم منصب سان ملاقات ٿي سگهي ٿي.

بقايا 35 ٿيندي

ليپ ٽاپ ورهائڻ جي شروعات 30 آڪٽوبر کان ٿيندي. وزيراعظم يوٿ پروگرام جي عهديدار موجب پروگرام تحت سڄي ملڪ جي هڪ لک هوشيار شاگردن کي مفت ليپ ٽاپ فراهم ڪيا ويندا. ان حوالي سان مرڪزي تقريب جو بندوبست جناح ڪنوينشن سينٽر اسلام آباد ۾ ٿيندو. تقريب کان پوءِ صوبائي گادي وارن هنڌن تي به تقريبون منعقد ڪيون وينديون. وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت هوشيار ۽ باصلاحيت نوجوانن ۾ ميرٽ تي ليپ ٽاپ ورهايا ويندا.

بقايا 36 آصفه ڀٽو زرداري

ڀٽو جي برسي تي خراج عقيدت جو پيغام بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته سابق خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو هڪ غيرمعمولي حوصلي ۽ وقار واري عورت هيون جن قوم جي تاريخ جي سڀ کان اونداهي دور ۾ به سربلند رهي جدوجهد جاري رکي. بي بي آصفه ڀٽو زرداري موجب، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي زندگي طاقت حاصل ڪرڻ بدران جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ ثابت قدمي سان وقف ڪئي.

بقايا 37 ملاقات

خان ٽيسوري سان نئين ڊائريڪٽر جنرل نيب ڪراچي شڪيل احمد دراني گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل نيب جاويد اڪبر رياض پڻ موجود هو صوبي مان ڪرپشن جي خاتمي ترقياتي منصوبن ۾ شفافيت کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪرپشن ڪيسن جي جلد جاچ يقيني بڻائڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. گورنر سنڌ نئين ڊائريڪٽر جنرل نيب شڪيل احمد دراني کي ذميوارين سنڀالڻ تي ڀليڪار ڪيو.

بقايا 38 غائب

مان عورت جو لاش مليو جڏهن ته سندس مڙس ٻار سميت غائب آهن پوليس موجب سائٽ سپر هاءِ وي صنعتي ايريا جي علائقي سڪيا ڳوٺ واري علائقي ۾ گهر مان عورت جي ڪجهه ڏينهن پراڻي لاش ملي جنهن کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايس ايڇ او واقعي بابت چيو ته مقتولا جي سڃاڻپ 35 سالن جي عائشه زال قدير جي نالي سان ٿي آهي. لاش شايد 3 کان 4 ڏينهن پراڻي آهي ۽ رهواسين بدبو محسوس ڪرڻ کان پوءِ پوليس کي اطلاع ڏنو گهر ٻاهران بند هو جنهن کي پوليس ٽوڙي اندر داخل ٿي

بقايا 39 وڌي ويو

ڪانگريس 11 هون ڀيرو وفاقي حڪومت لاءِ عارضي بل منظور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام رهي ۽ في الحال ٻنهي پارٽين وٽ ڳالهين جي نئين دور جو ڪو منصوبو ناهي. رپورٽ مطابق واشنگٽن ڊي سي جي هڪ امدادي مرڪز ۾ وفاقي ملازمن جن جي اجرت واجب الادا آهي مفت کاڌو حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهي قطار ۾ بيٺل رهيا. آمريڪي فلائٽ ٽريڪنگ ويب سائيٽ جي انگن اکرن مطابق مقامي وقت مطابق 18 کان 20 آڪٽوبر تائين آمريڪا ۾ اٽڪل 20,000 ملڪي ۽ عالمي اڏامون دير جو شڪار ٿيون

بقايا 40 جائزو

فوليو جائزي بابت هڪ اهم اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ٿيو جنهن ۾ 10 مختلف کاتن جي آفيسرن ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ ۽ ترقي بورڊ نجم احمد شاهه، توانائي، مقامي حڪومت، صحت، لائيو اسٽاڪ، زراعت، ٽرانسپورٽ، بئراج امپروومينٽ يونٽ ۽ سوات پروجيڪٽ جي نمائندن شرڪت ڪئي ۽ انهن جي لاڳاپيل اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ ڪلڪ پروجيڪٽ، بي آر ٽي ۽ ييلو لائن پروجيڪٽ سميت ٻين اهم منصوبن تي به غور ڪيو ويو. صوبائي وزير جام خان شورو کي سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن تي هن چيو ته حڪومت جي نئين پاليسي موجب نيٽ ميٽرنگ جو طريقو تبديل ڪيو ويو آهي. سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تي هڪ الڳ تفصيلي اجلاس سڏايو ويندو ته جيئن ان تي وڌيڪ اڳڀرائي ٿي سگهي. ترجمان چيو ته سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيڊ اسڪيم جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر خالد محمود شيخ ٻوڏ متاثرين لاءِ تعمير ٿيندڙ گهرن بابت بريفنگ ڏني. صوبائي وزير هدايت ڪئي ته صوبي ۾ گهرن جي تعداد، قيمت ۽ مڪمل ٿيڻ جي شرح بابت تفصيلي رپورٽ فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 41 ملاقات

صوبائي وزير جيل ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري سان ملاقات ڪئي . ملاقات ۾ صوبي ۾ سيڙپڪاريءَ جي واڌ ويجهه، لاڳاپيل محڪمن جي ڪارڪردگي ۽ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ پل جي تعمير سميت لاڳاپيل اهم معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ملاقات ۾ سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. صوبائي وزير علي حسن زرداري چيو ته سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي شفافيت ۽ بهتر انتظامي نظام کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻايو آهي.

بقايا 42 ملتوي

درخواستن جي ٻڌڻي (اڄ) جمعي 24 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٻڌڻي ڪالهه جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 5 رڪني آئيني بينچ ڪئي. ٻڌڻيءَ دوران اسٽاڪ مارڪيٽ ڪمپنين جي وڪيل مرزا محمود احمد پنهنجا دليل مڪمل ڪيا، جڏهن ته آئل ڪمپنين طرفان سلمان اڪرم راجا ايڊووڪيٽ دليل پيش ڪيا جيڪي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي به جاري رهندا. سلمان اڪرم راجا موقف اختيار ڪيو ته ڪمپنين ۽ حڪومت وچ ۾ 2003ع ۾ طئي ٿيل معاهدن تحت پهرين جولاءِ 2022ع کان پهرين يا پوءِ ٿيل معاهدن تي سپر ٽيڪس لاڳو نٿو ٿئي. سندس چوڻ هو ته پيٽروليم ڪمپنين جي معاهدي موجب هو گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو ٽيڪس ڏيڻ جا پابند آهن. ان موقعي تي جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن ڪنهن ڪمپني جو ٽيڪس 40 سيڪڙو کان گهٽ پهچي ٿو ته ان تي سپر ٽيڪس لاڳو ٿي سگهي ٿو؟ سلمان اڪرم راجا چيو ته چاهي 4 سي لاڳو هجي يا نه آئل ڪمپنيون 40 سيڪڙو کان وڌيڪ ٽيڪس ادا نٿيون ڪري سگهن.

بقايا 43 استقبال

خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس پهچڻ تي پولينڊ جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير راڊوسلاف سڪورسڪي جو استقبال ڪيو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب بعد ۾ ٻنهي اڳواڻن ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 44 آمريڪا

موجب اها ڳالهه آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو گذريل ڏينهن اسرائيل جي دوري لاءِ روانگي کان اڳ صحافين سان ڳالهين دوران چئي. هن چيو ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ واضح ڪري چڪو آهي ته هو اولهندي ڪناري کي ضم ڪرڻ بابت قدمن جي حمايت نٿو ڪري. هن وڌيڪ چيو ته ضم ٿيڻ جي حوالي سان قدم امن معاهدي لاءِ خطرو آهن. هن چيو ته ان موقعي تي اسرائيل پاران اهو هڪ اهڙو قدم آهي

بقايا 45 نوٽيفڪيشن جاري

شڪارپور پي ايس 9 جي ٽڪ ۾ چونڊ شيڊول جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. آغا سراج دراڻي جي وفات کان پوءِ شڪارپور پي ايس 9 جي سيٽ خالي ٿي وئي شڪارپور پي ايس 9 جي ٽڪ ۾ پولنگ 14 ڊسمبر تي ٿيندي. اليڪشن ڪميشن اميدوار 3 کان 5 نومبر تائين نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي سگهن ٿا. نوٽيفڪيشن اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي ابتدائي فهرست 6 نومبر تي جاري ڪئي ويندي.

بقايا 46 گرفتار

جعلسازي ۾ ملوث جوابدار بهزاد کي گرفتار ڪيو ۽ ملڪي ۽ غير ملڪي ڪرنسي پي آءِ اي ۽ آءِ اين ايف جا جعلي جوائننگ آرڊر جعلي چيڪ جعلي پلاٽ پيپر جعلي ڊالر ٺاهڻ لاءِ بليڪ پيپر ڪيميڪل ۽ ٻيون شيون هٿ ڪيون. ايس ايس پي سٽي جو چوڻ آهي ته ملزم پنهنجي ساٿين سان گڏ بيگناهه شهرين کي ڦريندو هو.

بقايا 47 فريال ٽالپر

گڏيل خوابن جي شراڪت داري آهي. هيءَ دوستي هر دور جي آزمائش تي پوري لهي آهي جيڪا گڏيل اعتماد ۽ احترام جي بنياد تي قائم آهي. ڪراچي ۾ چين جي قونصليٽ پاران "عورتن کي بااختيار بڻائڻ" جي موضوع تي منعقد ڪيل خاص تقريب کي خطاب ڪندي فريال ٽالپور چيو ته عورتن جي ترقي، قومي ترقي جي ضمانت آهي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو عورتن جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حقن جي جدوجهد کي نئين رخ تي آندو. فريال ٽالپور چيو ته اڄ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري شهيد بي بي جي ويزن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عورتن جي ڀلائي لاءِ تاريخي قدم کنيا آهن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، گهريلو تشدد کان تحفظ جا قانون ۽ عورتن جي معاشي خودمختياري لاءِ منصوبا ان جا نمايان مثال آهن. سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام تحت متاثر ٿيل خاندانن کي ڏنا ويندڙ گهر عورتن جي نالي ڪيا پيا وڃن ته جيئن کين معاشي ۽ سماجي تحفظ ملي سگهي. فريال ٽالپور چيو ته سنڌ حڪومت عورتن لاءِ "پنڪ بس سروس" ۽ "پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيز اسڪيم" ذريعي محفوظ ۽ باوقار سفري سهولت ڏني آهي.

آفيس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو

فون نمبر: 025-4552322 اي ميل: xenpheddadu@yahoo.com

No. TC/1844/2025
Dated:21-10-2025

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) مطابق واسطيدار شعبي ۾ موزون ڪئٽيگري ۾ رجسٽرڊ سڀني ڪانٽريڪٽرن/فرمون جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان لاڳاپيل ڪيٽيگري EE11 & CE- ,CE09 ۾ سال 26-2025 لاءِ رجسٽرڊ هجن. کان سنگل اسٽيج-ٽو اينويلپس واڪ طريقيڪار هيٺ هن ذريعي الڳ الڳ مهربند لفافن ۾ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

S.No	تفصيل	ڪٽيل لاڳت ملين ۾	سوٽي رقم 5%ملين ۾	ٽينڊر في	تڪميل لاءِ وقت
	SDG پروگرام				
01	دادو شهر جي مختلف گهٽين ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ ورڇ واري لائين پي اي پائپ لائين قطر 3"، 4"، 6"، 8"، 10"، 12" انچ	49.000	2.450	3000	24 مهينا
02	پيارو اسٽيشن تعلقو دادو ضلعو دادو ۾ پاڻي جي فراهمي اسڪيم جي بحالي ۽ واڌ.	45.300	2.265	3000	24 مهينا
03	پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم جي بحالي ۽ واڌ ڳوٺ شهداد جت، صاحب خان لهبار ۽ ان جي آس پاس جا ڳوٺ تعلقو دادو ضلعو دادو.	52.800	2.640	3000	24 مهينا
04	دادو تعلقي ڦلجي اسٽيشن جي مختلف گهٽين ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ ورڇ واري لائين پي اي پائپ 3"، 4"، 6"، 8" انچ جي تعمير.	49.000	2.450	3000	24 مهينا
	ڊسٽرڪٽ اي ڊي پي پروگرام				
05	جوهي پان روڊ تي ڪمال خان مري جي ويجهو پمپنگ اسٽيشن تي (100 بي ايڇ پي) موٽر لاءِ سولر انرجي سسٽم.	17.660	0.883	3000	24 مهينا
06	ڳوٺ مڪاڪي يو سي پير شاهنواز تعلقي دادو ۾ 10000 TDS تي 10000 GPD R.O پلانٽ لڳائڻ.	9.800	0.490	3000	24 مهينا
07	واٽر سپلاءِ اسڪيم سامتياڻي جي بحالي، لطف پنڊ غلام علي پنڊ ۽ ملوجا پنهور تعلقو دادو ضلعي دادو.	19.600	0.980	3000	24 مهينا

1. مٿي بيان ڪيل ڪمن لاءِ خالي ٽينڊر فارم / پروپوزل دستاويز آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي آفيس مان اشاعت جي تاريخ 10-11-2025 منجهند 12:00 وڳي تائين ۽ ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ تي رکڻ جي تاريخ کان ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ تحريري درخواست ۽ مقرر ڪيل ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) 5000 رپيا جي ادائيگي تي.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل تي مشتمل ٽينڊر الڳ الڳ مهربند لفافن ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن جن تي "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" جي واضح نشان لڳل هجي ۽ 11-11-2025 تي منجهند 1:00 وڳي جاري ڪندڙ آفيس مان واپس وصول ڪيا ويندا. ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳئي ڏينهن منجهند 1:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو، جيڪي حاضر ٿيڻ چاهين ٿا. جواب نه ڏنل ٽينڊر يا ڪنهن ٻئي حقيقت جي صورت ۾ جاري ڪرڻ جي ايندڙ تاريخ 27-11-2025 تائين ٻيهر جاري ڪيا ويندا ۽ تاريخ 28-11-2025 تي صبح 10:00 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا. جيڪي ساڳئي ڏينهن تي صبح 10:30 وڳي شرڪت ڪندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل فرم جي فني اهليت لاءِ جانچ پڙتال ڪئي ويندي. فني طور تي اهل فرمن جا فنانشل واڪ/ پروپوزلس کوليا ويندا ۽ سرعام تاريخ ۽ وقت جو اعلان ڪيو ويندو ته ان بابت سمورن اهل ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ اڳواٽ آگاهه ڪيو ويندو. فني طور نااهل ٺيڪيدارن جا فنانشل واڪ/ پروپوزلس بنا کولڻ جي کين موٽايا ويندا.
4. ٽينڊر احتياط ۽ صاف سٿري نموني سان داخل ڪيا وڃن ۽ واڪ ڏيندڙن پاران صحيح ڪيل هجن. هر واڪ سان گڏ ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ هجڻ گهرجي جيئن هر واڪ جي مقابلي ۾ بيان ڪيو ويو آهي ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر / بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي حق ۾ ڄاڻايل شامل هئڻ گهرجن. سي ڊي آر/ پي آرڊر ٽيڪنيڪل پروپوزل سان لازمي شامل هئڻ گهرجي. نامڪمل ٽينڊر، اوورائيٽنگ ۽ شرطيه ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو.
5. لاڳاپيل ڪئٽيگري ۽ ڊسيپلين ۾ CE-09, CE-10, EE-11 ۾ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان ڪارگر رجسٽريشن سواءِ ڪمن جي لاڳت 4.0 ملين تائين.

اهليت:

1. واڪ ڏيندڙ کي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (مالي سال 26-2025 لاءِ ڪارگر پي اِي سي) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجڻ گهرجي جنهن ۾ CE09، CE10، EE11 ۾ اسپيشلائيزيشن هجي ۽ PEC جي ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي مدد سان هجي.
2. گذريل 3-5 سال جي آڊٽ رپورٽ سان گڏ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ) سان رجسٽريشن. فيڊرل بورڊ آف روينيو سان فعال حيثيت سان.
3. سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت ۽ تازي پرنٽ سان سرٽيفڪيٽ).
4. اسٽيمپ پيپر تي اصل حلف نامو مهيا ڪريو جنهن ۾ هيٺ ڏنل شرط ۽ ضابطا بيان ڪيا وڃن ۽ گڏوگڏ اوٿ ڪمشنر پاران تصديق ٿيل هجي.
   - i. حلف نامو ته فرم مقدمن ۾ ملوث نه آهي ۽ ڪم کي اڌ ۾ نه ڇڏيو آهي.
   - ii. حلف نامو ته فرم کي ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
   - iii. حلف نامو ته ڏنل معلومات، دستاويز ۽ ڊيٽا بلڪل صحيح ۽ درست آهي.
   - iv. حلف نامو ته فرمون ڪم جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ کان 6 مهينن جي عرصي تائين ڪم جي حوالي سان ڊيفيڪٽ جي ذميواري لاءِ ذميوار هونديون (خراب ذميواري جي مدي لاءِ).

(قابليت جو معيار)

a) گذريل 03 سالن دوران جاري ڪيل ڪم جي ساڳي نوعيت ۾ تجربو.
   - i) ڪم جا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت وارا ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 80% ڪم جي رڪنڊڙ مطابق .
   - ii) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت وارا ڪم آهن جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 50% اندازي مطابق.

b) i) اهڙي مڪمل ڪيل ڪم جي لسٽ ڏني وڃي جنهن ۾ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج اسڪيم، RO/UF پلانٽس گڏ دستاويزي ثبوت شامل هئڻ گهرجن.
   ii) اهڙي هلندڙ ڪمن جي لسٽ ڏني وڃي جنهن ۾ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج اسڪيم، RO/UF پلانٽس گڏ دستاويزي ثبوت شامل هئڻ گهرجن.

c) مشينري ۽ اوزار جيڪي دستياب آهن انهن جي مالڪي /مسواڙ/ليز جا دستاويزي ثبوت.
   - i) ٽريڪٽر ٽرالي ۽ واٽر ٽينڪر گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
   - ii) رگ مشين گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد بورنگ لاءِ.
   - iii) ڪمپريسر واشنگ بور جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
   - iv) جنريٽر KVA-3 گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
   - v) P.E پائپ ڳنڍڻ جي مشين گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد.
   - vi) ايڪسڪيويٽر مشين گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
   - vii) 4x4 گاڏي گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد.

d) مئنيجمينٽ اسٽاف جي ٽيڪنيڪل اهم ماڻهن جي ڪواليفڪيشن ۽ تجربو.
   B.E سول انجنيئر (01 عدد) B.E اليڪٽريڪل انجنيئر (01 عدد) سائيٽ سپروائيزر جيڪو اليڪٽريڪل/سول ورڪس جي سٺي ڄاڻ رکندڙ هجي.

e) بينڪ جو اهڙو سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ ڪل ماليت جي گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو ڪريڊٽ اهميت ڏيکاري وئي هجي (ايوريج بيلينس في سال گذريل 03 سالن لاءِ). ڪل ڪٽيل رقم جو گڏ بينڪ اسٽيٽمينٽ لازمي جدا هر هڪ سال لاءِ مهيا ڪئي وڃي. جيڪو 01-07-2022 کان هيستائين ۽ تازو بينڪ سرٽيفڪيٽ ڪٽيل قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 15% جي ڪٽيل قيمت جو بيلنس ڏيکاريندڙ.

f) هٿ ۾ ڪنيل ڪمن جي فهرست واٽر سپلائي ۽ سيوريج ڪم (ورڪ آرڊر جي ڪاپي گهربل).

g) اليڪٽريڪل انسپيڪٽر کان ڊيزل انجڻ جنريٽر سيٽ/پمپنگ مشينري لاءِ جاري ڪيل لائسنس.

شرط ۽ ضابطا:

هيٺ ڄاڻايل شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:
- شرطيه ٽينڊر
- حڪومت پاران واڪ پيش ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي ڪنهن موڪل جي اعلان سبب ٽينڊر پيش ڪرڻ/ کولڻ جو ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي ڪيو ويندو.
- واڪ سان گڏ واڪ سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ مٿي ڄاڻايل فارم نه هئڻ جي صورت ۾.
- واڪ مقرر وقت ۽ تاريخ کانپوءِ وصول ٿيل.
- ڪنهن به ڊپارٽمينٽ مان تازو بليڪ لسٽ ٿيل.
- ڪنهن نمائندي جي صورت ۾ مالڪ پاران اصل اٿارٽي ليٽر اسٽامپ پيپر تي صحيح ڪيل هئڻ گهرجي.
- ٽينڊر جي طريقيڪار وقت چيئرمين پروڪيورمينٽ جي ڪمري ۾ موبائل فون کڻي وڃڻ جي اجازت نه هوندي.

ايڊريس: غريب آباد محلو دادو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن، دادو.

INF/KRY.No.3482/2025

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪستان ۽ چين جو عدالتي تعاون ـ انصاف جي نئين دور جو آغاز
صفحو 4

عزيز ميمڻ
اسين پوليو کان پاڪ پاڪستان کان صرف ٿورڙو پري آهيون!
صفحو 4

محمود شام
’مستقبل جو تجزيو کهڙي حڪومتي نظام هيٺ ڪيو وڃي؟‘
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ..... 00 آڪٽوبر
صفحو 4

حيدرآباد تعلقي ڀهاڙڙي ۾ قائم سمورا آر او پلانٽ انتظامي نااهلي سبب ناڪاره بڻيل

ٻه درجن کان به وڌيڪ آر او پلانٽ پبلڪ هيلٿ کاتي حيدرآباد انتظاميه جي نااهلي سبب بند ٿي ويا

پيئڻ جي صاف پاڻي جي شديد کوٽ سبب مسوپرگڙي رهواسين پاران آر او پلانٽن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

انتظاميا ۽ واسطيدار عملدارن کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪرڻ باوجود به ڪو به قدم نه کنيو ويو، پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪيو وڃي: رهواسي

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي سميت حيدرآباد تعلقي ڀهاڙڙي ۾ لڳ ڀڳ ٻه درجن کان به مٿي آر او پلانٽ پبلڪ هيلٿ کاتي حيدرآباد جي نااهلي سبب بند پيل آهن پاڻي جي شديد کوٽ سبب مسوپرگڙي رهواسين پاران آر او پلانٽن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته صاف پاڻي نه ملڻ ڪري علائقي ۾ بيماريون وڌي رهيون آهن جڏهن ته انتظاميا ۽ واسطيدار عملدارن کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪرڻ باوجود به ڪو به قدم نه کنيو ويو احتجاج ڪندڙ سنڌ حڪومت ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي سڀ آر او پلانٽ بحال ڪري علائقي واسين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي

حيدرآباد تعلقي ڀهاڙڙي ۾ قائم سمورا آر او پلانٽ انتظامي نااهلي سبب ناڪاره ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

چارم صاحب پرسان ڳوٺ سکيو خان شر جو رهواسي جو احتجاج

چارم صاحب(ن ع) چارم صاحب پرسان ڳوٺ سکيو خان شر جو رهواسي غريب مسڪين يتيم پورهيت فاروق شر ولد مرحوم غلام سرور شر پنهنجي زندگيءَ جي سخت ترين آزمائش مان گذري رهيو آهي جنهن جي سنڌس گذر سفر جو واحد ذريعو هڪ مينهن جيڪا چند ڏينهن اڳ رات جو نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن فاروق شر جو چوڻ آهي ته هو اها مينهن هر محنت مزدوري ڪري ورتي هئي ۽ ان جو کير وڪڻي پنهنجي ٻن معصوم ٻچڙن سميت پنهنجو گذر سفر ڪندو هو مينهن جي چوري ڪانپوءِ سنڌس گهر جي چلهه به وسامي وئي آهي ۽ ٻچڙا بک ۽ تڪليف ۾ مبتلا آهن يتيم پورهيت فاروق شر ٻڌايو ته هو گذريل ڪيترن ڏينهن کان دادرسيءَ لاءِ چارم صاحب ٿاڻي علائقي جي چڱن مڙس ۽ مختلف وس وارن عملدارن آڏو فرياد ڪندو رهيو آهي پر ڪير به سنڌس مدد يا داد رسي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ذريعن موجب، چارم صاحب ٿاڻي جي عملدارن به سنڌس فرياد داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندي ڪيس موٽائي ڇڏيو واضح رهي ته فاروق شر جو والد مرحوم سرور شر پوليس کاتي ۾ نوڪري دوران فوت ٿي ويو هو ۽ هاڻي سنڌس يتيم پٽ انصاف لاءِ دربدر آهي مينهن جي چوري سبب نه رڳو هن غريب جو روزگار ختم ٿي ويو آهي پر سنڌس ٻچڙن جو جو گذر سفر پڻ محال ٿي ويو آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته هي واقعو هڪ عام چوري ناهي بلڪ هڪ غريب، يتيم ۽ لاچار خاندان جي جياپي جو سوال بڻجي ويو آهي. فاروق شر چيف جسٽس سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد، ايس ايچ او چارم صاحب، ٽائون ڪميٽي چارم صاحب جي چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي ۽ سنڌس چوري ٿيل مينهن واپس ڪرائي ڏني وڃي جيئن انهن جي گذر سفر جو وسيلو بحال ٿي سگهي.

چارم صاحب ڳوٺ سکيو خان جو رهواسي احتجاج ڪندي

خيرپور جي ڊي اي او سيڪنڊري پاران مختلف اسڪولن جا طوفاني دورا

عبدالسميع پنهور جي دوري دوران استاد ۽ هڪ ڪلارڪ غير حاضر، شوڪاز جاري

جيڪو به استاد ڊيوٽي تان غير حاضر هوندو ان جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي اي او

خيرپور (ڊ ر) ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور خيرپور ۽ ڪنگري تعلقن جي مختلف اسڪولن جا طوفاني دورا ڪيا. 10 استاد ۽ هڪ ڪلارڪ غير حاضر شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا. جيڪو به استاد ڊيوٽي تان غير حاضر هوندو ان جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (ڊي اي او) سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور پنهنجي روزاني دوري جي سلسلي ۾ تعلقي خيرپور ۽ ڪنگري جي مختلف اسڪولن جو دورو ڪيو. هن سان گڏ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر عتيق الرحمن ميمڻ ٽي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور مختيار احمد سولنگي ۽ فوڪل پرسن وقار عطار پڻ موجود هئا. دوري جو آغاز صبح جو گورنمينٽ گرلس ايليمينٽري اسڪول ميمڻ محلا لقمان ۾ ٿيو جتي آفيسرن اسڪول جي صبح جي اسيمبلي ۾ شرڪت ڪئي.اسيمبلي دوران شاگردن جي حاضري، نظم ضبط ۽ گذريل سرگرمين جو جائزو ورتو ويو. آفيسرن استادن سان به ملاقات ڪئي ۽ انهن کان تعليمي ماحول، حاضري ۽ نصابي سرگرمين بابت تفصيل معلوم ڪيا.ان بعد ڊي اي او خيرپور ۽ سندس ٽيم گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جهلوجي ۽ مون فيلوشپ ايليمينٽري اسڪول لقمان گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول پير جو ڳوٺ، گورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول عادل شاهه گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول صدر جي پٺيون ۽ گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول عبدالرحمن انڙ جا پڻ دورا ڪيا. جتي 10 استاد ۽ هڪ ڪلارڪ غير حاضر هئا. انهن کي ايڪسپلينيشن ڏئي آفيسر گهرايو ويو. دوري دوران ڊي اي او مختلف ڪلاسن جو تفصيلي معائنو ڪيو جتي هن شاگردن کان سبق بابت سوال جواب ڪيا ۽ سندن تعليمي صلاحيتن جو جائزو ورتو. شاگردن جي ذهني تياري ۽ مضمونن ۾ دلچسپي ڏسي آفيسر ڪين ساراهيو ۽ بهتر ڪارڪردگي تي حوصلا افزائي ڪئي.ان موقعي تي ڊي اي او عبدالسميع پنهور شاگردن کي جديد تعليم جي اهميت بابت خطاب ڪيو. هن چيو ته تعليم ئي اها طاقت آهي جيڪا نوجوانن کي روشن مستقبل ڏانهن وٺي وڃي ٿي. ان سان گڏ هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست، قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه اقبال جهڙن عظيم شخصيتن جي فڪر ۽ تعليم تي پڻ روشني وڌي.دوري جي آخر ۾ شاگردن کي سنڌي ٻولي ۾ بيت ٻڌائڻ لاءِ چيو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي شاگردن ڀرپور شوق سان حصو ورتو. ڊي اي او صاحب باصلاحيت شاگردن کي انعام پڻ ڏنا ته جيئن سندن حوصلا افزائي ٿي سگهي.

سول اسپتال حيدرآباد ۾ ڊينگي جي مريضن لاءِ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي: اڪبر ڏاهري

حادثن ۽ ايمرجنسي شعبي ۾ عورت مريضن لاءِ 11 ۽ مرد مريضن لاءِ به 11 نوان بستر اسپتال ۾ وڌايا ويا آهن

جڏهن ڪنهن مريض جو ڊينگي ٽيسٽ پازيٽو اچي ٿو ته ڪيس فوري طور ڊينگي وارڊ ۾ منتقل ڪري علاج شروع ڪيو وڃي ٿو

ڊينگي مريضن جي مڪمل علاج لاءِ الڳ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو 35 بسترن تي مشتمل آهي: دوري دوران ڳالهيون

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري چيو آهي ته سول اسپتال حيدرآباد ۾ ڊينگي وائرس سان متاثر مريضن جي مڪمل علاج لاءِ الڳ مڪمل آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته حادثن ۽ ايمرجنسي شعبي ۾ عورت مريضن لاءِ 11 ۽ مرد مريضن لاءِ به 11 نوان بستر وڌايا ويا آهن ان سان گڏ ايمرجنسي جي آءِ سي يو ۾ به 5 بسترن جو اضافو ڪيو ويو آهي جنهن بعد حادثن وارو شعبو هاڻي 40 بسترن تي مشتمل آهي. جتي ايندڙ مريضن جو فوري علاج ڪري ڪين لاڳاپيل وارڊن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ڪنهن مريض جو ڊينگي ٽيسٽ پازيٽو اچي ٿو ته ڪيس فوري طور ڊينگي وارڊ ۾ منتقل ڪري سڀئي ضروري علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. اهڙو اظهار هن حادثن ۽ ايمرجنسي وارڊ (لال بتي) جو دوري دوران ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي اي ايم ايس ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ ميمڻ، آر ايم او جنرل ڊاڪٽر فيصل ميمڻ، آر ايم او ڊاڪٽر سعد عباسي چيف سي ايم او ڊاڪٽر رفيه ۽ ٻيا انتظامي آفيسر پڻ موجود هئا. ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري وڌيڪ چيو ته ڊينگي وائرس سان متاثر مريضن جو تعداد سول اسپتال ۾ تيزي سان وڌي رهيو آهي، تنهنڪري ڊينگي مريضن جي مڪمل علاج لاءِ الڳ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو آهي جيڪو 35 بسترن تي مشتمل آهي. جڏهن ته ڄامشوري اسپتال جي هر ميڊيڪل وارڊ ۾ به 4-4 بستر ڊينگي مريضن لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. ضرورت پوڻ تي انهن بسترن ۾ وڌيڪ اضافو به ڪيو ويندو. ڊينگي آئسوليشن وارڊن ۾ مڇر دانيون اينٽي ڊينگي دوائن ۽ ٻين ضروري شين جي فراهمي مڪمل ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر ڏاهري وڌيڪ چيو ته ڊينگي آئسوليشن وارڊن لاءِ مقرر ڪيل فوڪل پرسن مون کي هر وقت صورتحال کان آگاهه ڪري رهيو آهي ۽ سول اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشوري ۾ ڊينگي مريضن جو علاج ترجيحي بنيادن تي ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ڊينگي جي علاج بابت صحت کاتي سنڌ حڪومت جون خاص هدايتون آهن ۽ صحت کاتي جو مڪمل سهڪار حاصل آهي. جڏهن ته اسان صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ سيڪريٽري صحت کي به هر وقت صورتحال کان آگاهه ڪري رهيا آهيون. ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري چيو ته ڊينگي مريضن جي علاج ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي يا غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشوري ۾ ڊينگي وائرس سان متاثر مريضن لاءِ ڊينگي ٽيسٽ ۽ دوائون مفت فراهم ڪيون پيون وڃن جيڪڏهن ڪنهن مريض کي علاج دوران ڪا تڪليف پيش اچي ته سنڌن عزيز دفتري وقت ۾ مون سان ملاقات ڪري پنهنجي شڪايت پيش ڪري سگهي ٿو.

حيدرآباد ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ڄامشورو ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري شعبه حادثات ۽ ايمرجنسي ۾ سٽي اسڪين مشين جو معائنو ڪندي

مهراڻ يونيورسٽي جي نئين مقرر رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصر الله پيرزادو چارج سنڀالي ورتي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي نئين مقرر رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصر الله پيرزادو چارج سنڀالي ورتي نئين مقرر رجسٽرار ڊاڪٽر نصر الله پيرزادو جي مهراڻ يونيورسٽي جي استادن آفيسرن ۽ ملازمن پاران آفيس ۾ تحفن سان آجيان ڪئي وئي.

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور پاران پوسٽر نمائش جو دورو

نمائش ۾ شاگردن طرفان تيار ڪيل تحقيقي ۽ معلوماتي پوسٽر پيش ڪيا ويا

ڪاميابي جو راز محنت، تحقيق ۽ علم حاصل ڪرڻ جي جذبي ۾ آهي: ڊي سي

خيرپور (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز (KCAMs)جي سافٽ ويئر انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ پاران منعقد ڪيل پوسٽر نمائش جو دورو ڪيو هي نمائش شاگردن ۾ تخليقيت، جدت ۽ عملي تحقيق جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ترتيب ڏنل هئي، جنهن جو بنيادي موضوع مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)۽ جديد سافٽ ويئر ٽيڪنالاجي هو دور جو آغاز پرنسپل خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز سيد علي رضا شاهه جي آجيان سان ٿيو جن ڊپٽي ڪمشنر کي ڪاليج جي مختلف علمي شعبن، تحقيقاتي سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت تفصيل سان آگاهه ڪيو. پرنسپل ٻڌايو ته سافٽ ويئر انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جديد ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ شاگردن کي نئين دور جي ضرورتن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ سرگرم آهي ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو پرنسپل سيد علي رضا شاهه استادن ۽ شاگردن سان گڏجي نمائش جو باقاعده افتتاح ڪيو. نمائش ۾ شاگردن طرفان تيار ڪيل تحقيقي ۽ معلوماتي پوسٽر پيش ڪيا ويا، ڊي سي چيو ته شاگردن جا پيش ڪيل موضوع جديد دور جي ضرورتن سان مڪمل طور مطابقت رکن ٿا ۽ اهڙي محنت سان نوجوان ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا شاگردن کي خطاب ڪندي فياض حسين راهوجو چيو ته ڪاميابي جو راز محنت، تحقيق ۽ علم حاصل ڪرڻ جي جذبي ۾ آهي. هن زور ڏنو ته پاڪستان کي هن وقت موسمي تبديلي ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق جي شعبي ۾ وڌيڪ ماهرن ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرز جي ضرورت آهي.

قليلي واهه لڳ ڪروڙين رپين جي ماليت جي هڪ ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي جي انٽري وارو مامرو

مختيارڪار سٽي سموريون انٽريون ختم ڪري وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ريفرنس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڏانهن موڪليو

ٻه مهينن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اي ڊي سي ون ريفرنس ڪمشنر حيدرآباد ڏانهن نه موڪلڻ جي زحمت نه ڪئي

ڄاڻايل ايراضي جي سموريون انٽريون عدالتي حڪمن تي ٻيهرون ئي ختم ٿي چڪيون آهن: مختيارڪار سٽي جواد ڀاٽولي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد سٽي تعلقي جي مختيارڪار قليلي واهه لڳ ڪروڙين رپين جي ماليت جي هڪ ايڪڙ کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي جو رڪارڊ ۾ ڪيل سموريون انٽريون ختم ڪري وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ريفرنس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڏانهن موڪلي ڇڏيو 2 مهينن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اي ڊي سي ون لياقت ڪالوني لڳ هڪ ايڪڙ کان وڌيڪ سرڪاري ايراضي (پڊو موهاگاليند) مهاڳي جي زمين مان ڪيل سموريون داخلائون انٽرين کي بوگس ۽ جعلي قرار ڏيندي انهن کي ختم ڪيو ۽ وڌيڪ ڪارروائي لاءِ ريفرنس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون کي موڪليو پر ٻه مهينا عرصو گذري ويو آهي پر ان تي هن وقت تائين ڪا به ڪارروائي عمل ۾ نه اچي اسڪوائر گز آهي ان جو سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ لاءِ هن درخواست ڏني جنهن جي رڪارڊ جي جاچ ڪئي ته معلوم ٿيو ته ڄاڻايل ايراضي جي سموريون انٽريون عدالتي حڪمن تي ٻيهرون ئي ختم ٿي چڪيون آهن ۽ درخواست ڏيندڙ محمد بخش جي انٽري غلط فهمي جي ڪري رڪارڊ ۾ رکي وئي هئي ڄاڻايل انٽري ۽ اقبال ظفر نالي

پ پ تعلقه شهدادڪوٽ پاران مادر جمهوريت کي ڀيٽا پيش

بيگم نصرت ڀٽو هڪ بهادر عورت هئي: واجد چانڊيو/مير دريان خان مستوئي

قربانين جي عيوض سلام پيش ڪيون ٿا: اعتبار خان چانڊيو/ عبدالخالق خان چانڊيو

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري رئيس واجد علي خان چانڊيو نائب صدر مير دريا خان مستوئي يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو جي چيئرمين رئيس عبدالخالق خان چانڊيو سٽي شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو مادر جمهوريت شهيد بيگم نصرت ڀٽو جي 14ورسي جي موقعي تي ڪيس زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته بيگم نصرت ڀٽو جون جمهوريت جي بحالي ۽ مارشل ڊڪٽيٽر جنرل ضياء الحق کي گهرڀيڙو ڪرڻ واري تحريڪ ۾ هر اول دستي جو ڪردار هيو بيگم نصرت ڀٽو بهادر عورت هئي جنهن ايم آر ڊي تحريڪ جي دوران لاهور جي قذافي اسٽيڊيم ۾ وقت جي آمرن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ان وقت پوليس ڪيس مٿي ۾ ڏنڊا هڻي مٿو ڦاڙي ڇڏيو ۽ بيهوش ٿي وئي پ پ پ اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هن بهادر عورت جون جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ ۾ لازوال قربانيون آهن ڪيس قربانين جي عيوض سلام پيش ڪيون ٿا

شهدادڪوٽ: پ پ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي

ورڪس ڊپارٽمينٽ جي چيف انجنيئر پاران گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو

ڪلاس روم، ليبارٽريون، لائبريري، اسٽاف روم ۽ انتظامي آفيسن جو جائزو ورتو

ڪاليج جي عمارت کي تڪڙي مرمت ۽ بحالي جي سخت ضرورت آهي: انجنيئر احمد چنڙ

مٽياري(ڊ ر) ورڪس ڊپارٽمينٽ جي چيف انجنيئر احمد چنڙ پنهنجي ٽيڪنيڪل ٽيم سان گڏ سردار محمد علي شاهه گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج مٽياري جو تفصيلي دورو ڪيو. دوري دوران چيف انجنيئر ۽ ٽيم ڪاليج جي سموري عمارت، جنهن ۾ ڪلاس روم، ليبارٽريون، لائبريري، اسٽاف روم ۽ انتظامي آفيسون شامل هيون، جو جائزو ورتو. شفيق احمد چنڙ عمارت جي خراب ۽ غير محفوظ حالت تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته ڪاليج جي عمارت کي تڪڙي مرمت ۽ بحالي جي سخت ضرورت آهي. هن ٻڌايو ته دراڙون ٿيل ڇتيون، ليڪ ٿيندڙ حصا ۽ ڀڃل فرش شاگردياڻين ۽ عملي لاءِ خطري جو سبب بڻجي رهيا آهن تنهنڪري فوري مرمتي قدم کڻڻ لازمي آهن. ٽيڪنيڪل ٽيم پڻ پنهنجي مشاهدن ۾ واضح ڪيو ته سالن کان عمارت جي سار سنڀال نه ٿي آهي ۽ يقين ڏياريو ته تفصيلي رپورٽ تيار ڪري لاڳاپيل اختيارين کي جمع ڪرائي ويندي ته جيئن مرمتي ڪم جي منظوري حاصل ٿي سگهي. دوري دوران پرنسپال پروفيسر ياسمين شر ۽ پروفيسر زڪيه شاهناز ڏاليئر پڻ موجود هيون جن ڪاليج کي درپيش اهم مسئلن بابت ٽيم کي تفصيل سان آگاهي ڏني. دور جي پڄاڻي تي پرنسپال پاران چيف انجنيئر شفيق احمد چنڙ ۽ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ٽيم جي تعاون تي مهرباني جو اظهار ڪيو ويو ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته ڪاليج جي عمارت جي مرمت ۽ بهتري لاءِ جلد قدم کنيا ويندا.

مٽياري: ورڪس ڊپارٽمينٽ جي چيف انجنيئر گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪري رهيو آهي

محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار جي ميرپورماٿيلو ۾ کلي ڪچهري

شهرين پاران تعليم، پبلڪ هيلٿ، آبپاشي ۽ روڊز کاتي خلاف شڪايتون

ملازمن پاران پگهارن ۽ پينشن ۾ غيرقانوني ڪٽوتي خلاف شڪايتون جمع

گهوٽڪي(ن ع) محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار سيد علي ممتاز زيدي پاران ضلع ڪائونسل هال ميرپور ماٿيلو ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، لوڪل گورنمينٽ عملدارن خلاف شڪايتن جا انبار لڳي ويا، شهرين پاران تعليم پبلڪ هيلٿ، آبپاشي ۽ روڊز کاتي خلاف شڪايتون جمع ڪرايون ويون کليل ڪچهري ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني ۽ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ سميت تعليم، صحت، لوڪل گورنمينٽ، روينيو پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، آبپاشي، زراعت، سوشل ويلفيئر جي عملدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي شهرين لوڪل گورنمينٽ جي عملدارن خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، صفائي سٿرائي جي فقدان يونين ڪائونسلن ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ ملازمن پاران پگهارن ۽ پينشن ۾ غيرقانوني ڪٽوتي خلاف شڪايتون جمع ڪرايون ويون مختلف علائقن جي شهرين پاران اسڪولن ۾ استادن فرنيچر ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ بابت پڻ شڪايتون جمع ڪرايون ان موقعي تي سيد علي ممتاز زيدي ڳالهائيندي چيو ته محتسب اعلي سنڌ محمد سهيل راجپوت جي خاص هدايت تي عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي آهي محتسب اعلي سنڌ جو ادارو بغير ڪنهن وڪيل جي سٺي ريت عوامي شڪايتون ٻڌي انهن جو ازالو ڪري ٿو ضلعي گهوٽڪي واسين جون شڪايتون جمع ڪيون آهن جن جي ازالي لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪيون وينديون هن چيو ته سرڪاري ادارن خلاف گهوٽڪي جي ريجنل آفيس ۾ به سادي ڪاغذ تي درخواست لکي جمع ڪرائي سگهجي ٿي شڪايت داخل ڪرڻ جي آن لائين سهولت به موجود آهي محتسب اعلي سنڌ جي صلاحڪار کليل ڪچهري دوران لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته ضلعي سطح تي حل ٿيڻ جهڙن مسئلن کي هڪ مهيني اندر حل ڪري رپورٽ فراهم ڪئي وڃي هڪ شهري پاران الائنس شوگر مل خلاف ماحولياتي گدلاڻ پکيڙڻ بابت شڪايت جمع ڪرائي جنهن تي صلاحڪار سنڌس شڪايت جي ازالي لاءِ ماحولياتي تحفظ واري کاتي کي هدايتون جاري ڪندي رپورٽ طلب ڪري ورتي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ڪنراني سمورن کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته عوامي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ سمورا ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪن محتسب اعلي سنڌ جي هدايتن تي عمل ڪيو وڃي، عملدار توڙي ملازم وقت جي پابندي سان آفيسن ۾ پهچن ۽ ڪم ڪار سانگي ايندڙ ماڻهن سان سٺو سلوڪ اختيار ڪن

گهوٽڪي: شهرين پاران تعليم، پبلڪ هيلٿ، آبپاشي ۽ روڊز کاتي خلاف شڪايتون

سجاول ۾ مزاحمتي شاعر سرويچ سجاولي جي 18 ورسي جي تقريب

سرويچ سجاولي پنهنجي شاعريءَ ۾ ايندڙ نسلن لاءِ مزاحمت جو پيغام ڇڏيو: مقررين

هن ڏکئي دور ۾ به پنهنجي قلم سان حق ۽ سچ جو علم بلند رکيو: ورسي تقريب کي خطاب

سجاول(ڊ ر) لاڙ پٽي جي زرخيز زمين مان جنم وٺندڙ سجاول جي عوامي انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر سرويچ سجاولي جي 18 ورسي جي تقريب پروفيسر عبدالله ملاح جي صدارت هيٺ سرويچ نگر ۾ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ پاران شاندار نموني سان ملهائي وئي تقريب ۾ ضلعي جي اديبن شاعرن استادن شاگردن سياسي سماجي تنظيمن جي نمائندن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ پ پ حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجز ڌامراه سنڌ حڪومت ترجمان ايم پي اي هير سوهو پ پ ضلعي سجاول جي جنرل سيڪريٽري ايم پي اي ريحانه لغاري، پ پ جي سابق سينيٽر سسئي پليجو ايڊيشنل سيڪريٽري ثقافت عبدالغني مهر پ پ ضلع جو سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ پ پ ضلعي سجاول جي اڳوڻي صدر ارباب وزير ميمڻ تعلقي صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ پ پ ليڊيز ونگ جي صدر فردوس عزيز ميربحر ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو جنرل سيڪريٽري عبدالله خان لغاري، مينارٽي ونگ جي صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار شفقت شاهه مٽياري ۽ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سجاول جي صدر آڪاش اڪبر زنگيجو شرڪت ڪئي تقريب دوران مقرر ماڻهن سرويچ سجاولي کي سنڌي ادب، شعور ۽ عوامي جدوجهد جو هڪ وڏو نالو قرار ڏيندي چيو ته سرويچ سجاولي پنهنجي شاعريءَ ۾ ايندڙ نسلن لاءِ سچائي محبت ۽ مزاحمت جو پيغام ڇڏيو تقريب کي خطاب ڪندي نواز خان زنئور ستار لوهار چيو ته سرويچ جي شاعري نه رڳو لاڙ پٽي جي آواز کي دنيا تائين پهچايو پر هن ڏکئي دور ۾ به پنهنجي قلم سان حق ۽ سچ جو علم بلند رکيو تقريب ۾ سرويچ جي شاعريءَ جا بيت پڙهيا ويا ۽ محفل موسيقي ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ناليواري فنڪارا انيتا فدا خوشبو لغاري نور حسن ناز سميت ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو تقريب ۾ ڊاڪٽر عثمان سرويچ اسماعيل سرويچ نجيب سرويچ بشير سرويچ عادل سرويچ محمد خان تارڙي سول سرجن ڊاڪٽر انور ميمڻ فاضل سومرو سائين غلام قادر باغي اشرف شاعر طفيل تيمڙو سائين محمود ڪٽي سائين عبدالواحد ڪٽي سائين عبدالله شاهه اياز امر شيخ محمد بارڻ رزاق شاد ميمڻ سچڻ سرائي فريد گل شاهه مشتاق سعيد، زبير احمد جعفراڻي انچارج سرويچ لائبريري شهري اتحاد جي صدر اياز ميمڻ شاداب جوکيجو سيٺ عبدالواحد ڪٽي نويد ناز ميمڻ اسلم ميربحر شهزاد ڪٽي عمران علي ڪٽي سيف الله جوکيجو محبوب بروهي اقبال جاکرو نديم شبير سمون مصطفيٰ ميمڻ رمضان ميمڻ منظور ميمڻ محمد ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سائين سرويچ سجاولي
سجاول: مزاحمتي شاعر سرويچ سجاولي جي 18 ورسي ملهائي پئي وڃي

گهوٽڪي ۾ چاچڙ برادري ۽ ڪوري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

سرڪاري باغ ٻاهران ريڙهي بيهارڻ تان جهيڙو ٿي پيو 5 کان مٿي ماڻهو زخمي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ چاچڙ برادري ۽ ڪوري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 5 اعجاز چاچڙ مجاهد چاچڙ شهباز گل حسن چاچڙ سعيد چاچڙ گل حسن ڪوري

مسوپرگڙي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جويو جو گرلز پرائمري اسڪول گذريل 20 سالن کان بند

تعليم کاتي مٽياري جي ڪن لاٽار سبب گذريل 20 سالن کان اسڪول ۾ ماستريائي مقرر نه ٿي سگهي

اسڪول بند هجڻ ۽ اسڪول ۾ ماستريائي مقرر نه ٿيڻ ڪري سبب 200 کان وڌيڪ نياڻين جي تعليم تباهه

گرلس پرائمري اسڪول غلام حيدر جويو ۾ ماستريائي مقرر ڪري اسڪول کوليو وڃي ۽ ٻارڙن کي تعليم ڏني وڃي: ڳوٺاڻا

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جويو جو نياڻين جو پرائمري اسڪول گذريل 20 سالن کان بند پيل آهي اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم گلن جهڙن ٻارڙين جي تعليم تباهه تعليم کاتي مٽياري جي ڊي اي او ۽ ٽي اي او جي لاپرواهي ۽ بي ڌياني سبب 20 سالن کان اسڪول ۾ ماستريائي مقرر نه ٿي سگهي شاگردياڻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران تعليم کاتي جي اعلي عملدارن کان اسڪول ۾ ماستريائي مقرر ڪرڻ ۽ کولڻ جون درخواستون پڻ ڏنيون مگر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو 200 کان وڌيڪ ٻارڙين جي اسڪول بند هجڻ ۽ اسڪول ۾ ماستريائي مقرر نه ٿيڻ ڪري سندن تعليم تباهه جڏهن ته تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه به نوٽيس نه ورتو اسڪول بند هجڻ ۽ ماستريائي مقرر نه ٿيڻ سبب اسڪولي ٻارڙيون سخت پريشان ڳوٺ جي سياسي سماجي اڳواڻن وزير اعلي سنڌ صوبائي وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي ته گرلس پرائمري اسڪول غلام حيدر جويو ۾ ماستريائي مقرر ڪري اسڪول کوليو وڃي ۽ ٻارڙن کي تعليم ڏني وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

مسوپرگڙي: ڳوٺ غلام حيدر جويو جو گرلز پرائمري اسڪول 20 سالن کان بند هجڻ خلاف ٻارڙا احتجاج ڪندي

زبير صديقي پيپلز پارٽي جي پٺڀرائي تي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: ايڊووڪيٽ ناصر ابڙو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو ولي محمد جي رهواسي ايڊووڪيٽ ناصر ابڙو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي گهرو کاتي سنڌ سوڌو اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پ پ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل يونين ڪائونسل 21 ٽنڊو ولي محمد جي چيئرمين زبير صديقي جي علائقي ۾ جاري اجارا داري ۽ ڌاڙائين جو فوري نوٽس وٺي علائقي واسين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن چيو ته يونين ڪائونسل ٽنڊو ولي محمد جو چيئرمين زبير صديقي پيپلز پارٽي جي پٺڀرائي تي منهنجو ۽ منهنجي گهرڀاتين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي گهر تي هٿياربند ٿي ڪري حملو ڪرڻ،موتمار ڌمڪيون ڏيڻ ۽ منهنجي فليٽ مٿان منهنجي پينٽ هائوس کي زبردستي ڌالو هڻي قبضي جي ڪوشش ڪئي، هن چيو ته 3مهينا اڳ جوابدارن ظفر مگريو بلال مگريو،شهزاد مگريو ڌر سان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ منهنجو ڀاءُ آصف ابڙو زخمي ٿي پيو جنهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي مارڪيٽ ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 211/25تحت ڪيس داخل ڪرايو جنهن ۾ جوابدارن گرفتاري کان اڳ واري ضمانت ڪرائي ورتي جنهن تان پ پ جي سيٽ تي چونڊيل يوسي 21ٽنڊوولي محمد جو ٻاڻر چيئرمين منهنجي خلاف سڃرجي پيو ۽ چيو ته هي منهنجو علائقو آهي توهان کهڙي طرح منهنجي ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي مان توهان کي نه ڇڏيندس. هن الزام هڻندي چيو ته يوسي چيئرمين زبير صديقي علائقي ۾ منشيات فروشن ۽ جوارين سوڌو ڏوهاري جو سرپرست بڻيل آهي ۽ پارٽي جي پٺڀرائي سبب پوليس به زبيرصديقي خلاف ڪارروائي نه ٿي ڪري. هن چيو ته گذريل 3مهينن کان جاري ڇڪتاڻ ۽ ناجائزي خلاف پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو درخواست موڪلي ۽ ميئرحيدرآباد ڪاشف شورو کي به آگاهه ڪيو پر ڪير به زبيرصديقي خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ، بلديات کاتي سنڌ جي وزير،ڊي آئي جي حيدرآباد،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ماسري جو فوري نوٽس ورتو وڃي

مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٻن ڏينهن وارو ميوٽ گالا ميلو پڄاڻي تي پهتو

ميوٽ گالا ۾ تفريح سان گڏ آگاهي لاءِ بهترين استال نظر آيا: ڊي سي ڄامشورو

هي ميلو مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي محنت آهي: وائس

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ جاري ٻن ڏينهن وارو ميوٽ گالا ميلو خوبصورت يادگيرين سان پڄاڻي تي پهتو ميلي جي اختتامي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي المنائيز ڄامشورو جي ڊپٽي ڪمشنر انجنيئر غضنفر قادري، حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي ميلي جي رضاڪارن، ميلي ۾ راندين، فن ۽ ڪاڏي پيٽي جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو انجنيئر غضنفر قادري چيو ته ميوٽ گالا ۾ تفريح سان گڏ آگاهي لاءِ بهترين استال نظر آيا، هن چيو ته ڪتابن جا استال، فن، راندين ڪانسواءِ نادرا لائسنس برانچ موٽروي پوليس ۽ مددگار رسڪيو جا استال شاگردن جي سکڻ ۽ آگاهي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين موقعو ثابت ٿيندا. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ چيو ته مون 2013 ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي اليڪٽريڪل شعبي مان پاس آئوٽ ڪيو هو انهي وقت جي يونيورسٽي ۽ اڄوڪي يونيورسٽي ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اهڙو ماحول ۽ ميلا يونيورسٽي ۾ اسان کي نصيب نه ٿيا. هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جي موجوده قيادت يونيورسٽي کي شاگردن جو مرڪز بنايو آهي، شاگردن جي تفريح ۽ سکيا جو مهراڻ يونيورسٽي ۾ اڄ جيڪو ماحول ڏسان پيو حسرت آهي ته منهنجا ٻار مهراڻ ۾ پڙهن. ان موقعي تي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته هي ميلو شاگردن ئي سجايو آهي مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي محنت آهي جو ميلي ۾ ايندڙ حيدرآباد، ڄامشورو ۽ ڪراچي جا مهمان به تعريف ڪري رهيا آهن اها تعريف مهراڻ سان گڏ مهراڻ جي استاد ۽ شاگردن جي پڻ آهي. ميلي جي اختتامي تقريب ۾ پاڪ ترڪ اسڪول ڄامشورو جي شاگردياڻين ترڪي ٻولي جي لوڪ گيت تي ٽيبلو پيش ڪيو جڏهن ته ميلي ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڊپٽي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصر الله پيرزادو ڊائريڪٽر فنانس ذيشان ميمڻ سميت استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ميلي جي ٻئي ڏينهن تي مهراڻ يونيورسٽي جي پاس آئوٽ ڪري ويندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ راڳ جي محفل رکي وئي آهي جنهن ۾ حميرا چنا، اتحاد بينڊ ۽ ٻيا فنڪار راڳ پيش ڪندا.

ڄامشورو: ميوٽ گالا ميلي ۾ ڊي سي ڄامشورو ڊي سي حيدرآباد ۽ وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي ڪتابن جي اسٽال جو دورو ڪندي

گهوٽڪي سول اسپتال ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو ڪنٽينر بند، دل جا مريض پريشان

هڪ هفتي کان وڌيڪ عرصي کان ڪنٽينر کي مرمت جو جواز ڄاڻائي بند ڪرڻ بعد ٻيهر نه کوليو ويو

ڪنٽينر جي بندش سبب ڪيترائي مريض علاج کان محروم، وقت سر علاج نه ملڻ سبب جان وڃائي ويٺا

اسان اين آءِ سي وي ڊي وارن کي ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪمرو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر انهن طرفان ڪو جواب نه مليو آهي: اسپتال انتظاميه

گهوٽڪي(ن ع) سول اسپتال گهوٽڪي ۾ قائم نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز (اين آءِ سي وي ڊي) جو ڪنٽينر بند، دل جا مريض پريشان ڪيترن جي زندگيون خطري ۾، مريضن لاءِ پريشاني ۾ واڌارو تفصيل موجب گهوٽڪي ۾ اين آءِ سي وي ڊي طرفان قائم ڪيل دل ۽ بلڊ پريشر جي علاج وارو ڪنٽينر بند ٿيڻ سبب مريضن کي شديد تڪليفن جو منهن ڏسڻو پيو آهي جڏهن ته ڪيترائي دل جا مريض وقت سر علاج نه ملڻ سبب جان وڃائي ويٺا آهن. اين آءِ سي وي ڊي جو ڪنٽينر ڪجهه مهينا اڳ تائين شهر واسين لاءِ وڏي سهولت جو ذريعو هو جتي روزانو سوين مريض مفت علاج حاصل ڪندا هئا ۽ ڪين ڪراچي يا سکر وڃڻ جي تڪليف نه ٿيندي هئي، پر لڳ ڀڳ هڪ هفتي کان وڌيڪ عرصي کان ڪنٽينر کي "مرمت لاءِ بند" ڪري ڇڏيو ويو آهي، جيڪو اڃا تائين ٻيهر بحال نه ٿي سگهيو آهي. شهر واسين جو چوڻ آهي ته ڪنٽينر جي بندش سبب ڪيترائي مريض علاج کان محروم ٿي رهيا آهن جڏهن ته وقت سر سهولت نه ملڻ ڪري ڪجهه دل جا مريض فوت به ٿي ويا آهن جنهن سان ڳڻتي وڌي وئي آهي. سول اسپتال گهوٽڪي جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته "اسان اين آءِ سي وي ڊي وارن کي ڪم جاري رکڻ لاءِ ڪمرو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر انهن طرفان ڪو جواب نه مليو آهي." شهر واسين ۽ سماجي حلقن پاران سنڌ حڪومت، صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته اين آءِ سي وي ڊي جو ڪنٽينر فوري طور تي ٻيهر فعال ڪيو وڃي، جيئن مريضن لاءِ اها اهم ۽ حياتي بچائيندڙ سهولت بحال ٿي سگهي.

گروپ انشورنس تي 2002، 2007 ۽ 2009 وارو شرط قابل قبول ناهي: جان محمد ڏاهري

مقصودوڙند (ن ع) گروپ انشورنس تي 2002، 2007 ۽ 2009 وارو شرط قابل قبول ناهي ڪاڻ 1972 گروپ انشورنس جا ڪٽوتي ٿيل پئسا بيواهن يتيمن ۽ وڏي ڄمار جي پينشنرز کي جلد کان جلد ڏنا وڃن اهڙو اظهار آل سنڌ ريٽائرڊ گورنمينٽ سرونٽ ايسوسيئيشن جي صدر جان محمد ڏاهري پريس ريليز جاري ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته جڏهن کان گروپ انشورنس ڏني وئي ته ان وقت ڪوبه شرط نه هو سنڌ حڪومت اسٽيٽ لائف انشورنس سان ملي ڪري اربين رپيا هڙپ ڪري ڇڏيا آهن اسان ڪڏهن به سنڌ حڪومت کي اها رقم هضم ڪرڻ نه ڏينداسين ۽ ڪابه ڊيل يا شرط قبول نه ڪنداسين اسان ڪورٽن جو در کڙڪائينداسين ۽ احتجاجي مظاهرا ڌرڻا هڻنداسين هن وڌيڪ چيو ته بينو فنڊ جيڪو 1960 کان حڪومت ويلجيٽر جي نالي تي ملازمن کان ڪٽي رهي آهي جيڪا رقم اربين روپيا ٺهي ٿي اها رقم سنڌ حڪومت ڪٿي خرچ ڪري رهي آهي اها رقم صرف چند ملازمن کي ڏني وئي باقي ٻهراڙي جي 44 پرسنٽ ملازمن کي هڪ رپيو به نه ملي سگهيو آهي سنڌ حڪومت کي مطالبو ٿا ڪريون ته شرط نرم ڪيا وڃن ته جيئن سنڌ جا سڀئي ريٽائرڊ ملازم رقم حاصل ڪري سگهن

سيوهڻ مان پراسرار طور گم ٿيل شاگرد جو ٽي مهينا گذرڻ باوجود پتو نه پيو

عدالتي اجازت بعد نامعلوم لاش عمير سهتو جو هجڻ جي شڪ هيٺ قبر ڪشائي

قبر ڪشائي ڪري شڪي نوجوان جي لاش جا ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا

سيوهڻ(ن ع) 3 مهينا اڳ سيوهڻ مان پراسرار طور گم ٿيل ڀان سيدآباد واسي نائين ڪلاس جي شاگرد عمير سهتو جو اڃان تائين ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي پوليس پاران شاگرد عمير سهتو جو پتو لڳائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن ان حوالي سان عدالتي اجازت بعد سيوهڻ مان جولاءِ مهيني ۾ مليل هڪ نامعلوم نوجوان جو لاش عمير سهتو جو هجڻ جي شڪ هيٺ ڪالهه سيوهڻ جي لال باغ واري قبرستان ۾ هڪ قبر جي قبر ڪشائي ڪئي وئي ۽ قبر ڪشائي ڪري فوتي شڪي نوجوان جي لاش جا ڊي اين اي لاءِ جزا ورتا ويا آهن. جڏهن ته قبر ڪشائي واري عمل دوران گم ٿيل نينگر عمير سهتو جا والدين پڻ موجود رهيا جن جا پڻ پوليس جي نگراني ۾ ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا، قبرڪشائي جو هي عمل فرسٽ سول جج بازيب علي پرٽ، لمس جي ٽيم جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالصمد ميمڻ ۽ ميڊيڪل جي بورڊ جي نگراني ۾ مڪمل ڪيو ويو جنهن ۾ انڪوائري آفيسر ۽ ڊي ايس پي سيوهڻ فراز علي ميتلو ايس ايڇ او سيوهڻ سرفراز علي قريشي، ايس ايڇ او ڀان سيدآباد محمد علي ڪوڪر ۽ ايڌي سينٽر جا رضاڪار پڻ موجود رهيا. ان موقعي تي گم ٿيل شاگرد عمير سهتو جي والد محمد جمن سهتو جو چوڻ هو ته هي منهنجي پٽ جو لاش نٿو ٿي سگهي ۽ پوليس پنهنجي طرفان شڪ دور ڪرڻ لاءِ عدالت کي اهڙي درخواست ڏئي قبر ڪشائي ڪري رهي آهي ۽ اسان جي دعا آهي ته منهنجو پٽ زنده حالت ۾ ملي وڃي ٻئي طرف لمس جي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته قبرڪشائي ڪري پنجن مختلف شعبن جي ڊاڪٽرن جي ٽيم پاران لاش جون مختلف زاوين کان ٽيسٽون ورتيون ويون آهن جنهن جي رپورٽ اچڻ ۾ هڪ مهينو لڳي سگهي ٿو هوڏانهن عمير سهتو ڪيس جي جاچ آفيسر ايس ڊي پي او سيوهڻ فراز علي ميتلو ٻڌايو ته سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم تي 3 مهينا اڳ ايڌي سينٽر کي مليل نامعلوم نوجوان جي شڪي لاش جي قبرڪشائي ڪرائي ان جي ڊي اين اي ڪرائي رهيا آهيون في الحال ڪجهه به نٿو چئي سگهجي پر انشاء الله جلد ڪيس کي حل ڪنداسين ياد رهي ته 14 سالن جو ڀان سيد آباد واسي نينگر عمير سهتو اٽڪل 3 مهينا اڳ 16 جولاءِ تي سيوهڻ جي شاهي بازار مان پراسرار نموني گم ٿي ويو هو جنهن جي گمشدگي معمو بڻيل آهي ۽ پوليس لاءِ چئلينج بڻيل آهي

فاران شوگر ملز انتظاميه پنهنجي هوڏ تي برقرار، مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود عمل نه ڪيو

وڪيل برادري ۽ پيپلز مزدور يونين طرفان 13 آڪٽوبر تي ڌرڻو ملتوي ڪرائڻ باوجود ملازمن کي حق نه ڏنو

جبري برطرف ملازمن کي فوري طور بحال ڪرڻ سميت 5 پرسنٽ بونس ۽ ٻيا تسليم ٿيل مطالبا پورا ڪيا وڃن: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

جنرل مينيجر مختيار لغاري ڪنهن به غلطفهمي جو شڪار نه ٿئي، ڪين سيمينار واري ڏهاڙي ملتوي ٿيل ڌرڻو هاڻي پيڙهائي واري ڏينهن هڻنداسين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) فاران شوگر ملز انتظاميه پنهنجي هوڏ تي برقرار ڪين سيمينار واري ڏهاڙي رٿيل ڌرڻو ملتوي ڪرائڻ لاءِ مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود اڃا تائين عمل نه ڪيو ملازمن ۾ بيچيني ۽ تاءُ ڦهليل پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جو اعلان. فاران شوگر ملز انتظاميه پنهنجي هوڏ تي برقرار آهي. وڪيل برادري ۽ پيپلزمزدور يونين طرفان 13 آڪٽوبر تي ڪين سيمينار واري ڏينهن تي ڌرڻي جي اعلان بعد فاران ڏيندي تسليم ڪيا ۽ ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي جنهن بعد وڪيل برادري ۽ مزدورن ڌرڻو ملتوي ڪيو پر 10 ڏينهن گذرڻ باوجود فاران شوگر ملز جي جنرل مينيجر مختيار لغاري پنهنجي ٿيل ڳالهين تي ڪنهن به قسم جو عمل ناهي ڪيو ان حوالي سان جميعت علماء اسلام سنڌ جي اڳواڻ ۽ نامياري قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري، سنڌ لغاري تنظيم جي چيئرمين ايڊووڪيٽ نجم الدين ايڊووڪيٽ احتشام جتن، ايڊووڪيٽ ذوالفقار لغاري، ايڊووڪيٽ عبدالرشيد سولنگي، ايڊووڪيٽ محمد عثمان لغاري، ايڊووڪيٽ عبدالحفيظ لغاري ۽ ٻين وڪيل اڳواڻن اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته فاران شوگر ملز مان جبري برطرف ملازمن کي فوري طور بحال ڪرڻ سميت 5 پرسنٽ بونس ۽ ٻيا تسليم ٿيل مطالبا پورا ڪيا وڃن جنرل مينيجر مختيار لغاري ڪنهن به غلطفهمي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 24 آڪٽوبر 2025ع

پاڪستان ۽ چين جو عدالتي تعاون - انصاف جي نئين دور جو آغاز

پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ عدالتي تعاون بابت ٿيل مفاهمتي يادداشت ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جو آغاز آهي. سپريم ڪورٽن جي سطحن تي ٿيل هي معاهدو رڳو قانوني نوعيت جو قدم نه آهي، پر اهو مستقبل جي حڪومتي، معاشي ۽ سفارتي رشتن جي مضبوطيءَ جي علامت پڻ آهي. جڏهن ٻنهي ملڪن جي سپريم ڪورٽن جي چيف جسٽسز مفاهمتي يادداشت تي دستخط ڪيا، تڏهن ان سان گڏ هڪ نئين سوچ، نئون رُخ ۽ نئين عزم به جنم ورتو. اهو عزم جيڪو قانون جي بالادستي، عدالتي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ۽ عالمي سطح تي انصاف جي نظام سان هم آهنگيءَ کي يقيني بڻائڻ سان لاڳاپيل آهي. پاڪستان ۽ چين جي سپريم ڪورٽن جي وچ ۾ ٿيل هي معاهدو ظاهري طور هڪ قانوني تعاون لڳي ٿو پر حقيقت ۾ اهو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڌندڙ سياسي ۽ معاشي ڀائيواريءَ جو عدالتي تسلسل آهي. بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو (BRI)۽ چين- پاڪستان اقتصادي راهداري (CPEC)جهڙن وڏن منصوبن ۾ جتي واپاري ۽ انتظامي سطح تي تعاون وڌي رهيو آهي، اتي قانوني ۽ عدالتي سطح تي به اهڙي هم آهنگيءَ جي ضرورت شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي. ان مفاهمتي يادداشت ذريعي ٻنهي ملڪن جي عدالتن اهو عزم ڏيکاريو آهي ته هو گڏجي انهن قانوني چئلينجن کي منهن ڏيندا، جيڪي ايندڙ سالن ۾ ٽيڪنالاجي، سائبر سيڪيورٽي، ماحولياتي انصاف ۽ بين الاقوامي واپاري قانون جي حوالي سان اڀرڻ وارا آهن.

هن معاهدي جي اهميت ان ۾ به آهي ته اهو عدالتي ادارن کي هڪ ٻئي جي تجربي مان سکڻ جو موقعو فراهم ڪندو. سپريم ڪورٽن جي سطح تي ٿيل معاهدي هيٺ عدالتي وفدن جا دورا، تربيت جا پروگرام، سيمينار ۽ علمي تبادلا شامل آهن. اهڙن قدمن سان نه رڳو عدالتي اهلڪارن جي صلاحيت وڌندي پر انصاف جي فراهميءَ ۾ ڪارڪردگي ۽ شفافيت ۾ به اضافو ٿيندو. جڏهن هڪ عدالت ٻيءَ جي طريقن ۽ نون قانوني تصورن مان سکي ٿي ته ان جو اثر سڌيءَ ريت ماڻهن جي حقن جي تحفظ تي پوي ٿو ان سان گڏ. ٻنهي ملڪن جي عدالتن جي وچ ۾ ٿيل تعاون جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کي به فروغ ڏيندو. مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)۽ ڊجيٽل نظامن جو استعمال دنيا جي عدالتي ادارن لاءِ هڪ نئون چئلينج آهي. چين هن شعبي ۾ اڳيرو آهي ۽ پاڪستان لاءِ اهو موقعو آهي ته هو عدالتي نظام کي جديد دور سان هم آهنگ ڪري. جيڪڏهن عدالتن ۾ فائلنگ، ٽريڪنگ ۽ فيصلا ڊجيٽل طريقي سان ٿين ته انصاف جو عمل وڌيڪ تيز ۽ شفاف ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مفاهمتي يادداشت ۾ "ڊيجيٽل ٽرانسفارميشن" کي خاص اهميت ڏني وئي آهي. پاڪستان جي عدالتي نظام لاءِ هن معاهدي جا اثر گهڻ رخا ٿي سگهن ٿا. هڪ طرف اها سڌيءَ ريت عدالتي صلاحيت وڌائڻ ۾ مدد ڏيندي، ٻئي طرف اها انتظامي ۽ قانوني ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطا پيدا ڪندي. جڏهن وزارتِ خارجه، وزارتِ قانون ۽ عدليه گڏجي ڪم ڪن ٿيون ته اهڙا نتيجا سامهون اچن ٿا جيڪي بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي ساک کي بهتر ڪن ٿا. سپريم ڪورٽ جي جاري ڪيل اعلاميي ۾ به وزارتن جي ڪردار کي ساراهيو ويو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي قدم هڪ گڏيل قومي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. ان سان گڏ هڪ اهم پهلو اهو آهي ته پاڪستان ۽ چين ٻئي عدالتي فيصلا ۽ تجربا هڪ ٻئي سان شيئر ڪندا. دنيا جي بدلجندڙ قانوني منظرنامي ۾، جهڙوڪ مالي جرم، سائبر ڏوهن، ماحولياتي قانون يا بين الاقوامي ڪاروباري تڪرارن ۾، گڏيل تحقيق ۽ فيصلن جي متاستا ٻنهي ملڪن کي بين الاقوامي معيارن سان ويجهو آڻي سگهندي.

'جڏهن جام پنهون ڄائو، ٿيو سولو طالع سات جو'



فقير حاجن نظاماڻي

لطيف سائين ڪنهن به شيءِ کي پرکي ان جي انداز مطابق پنهنجي بيتن جو حصو بڻائين ٿا. جيئن پکين جانورن ۽ جيتن کي مثال طور ڪتب آندو آهي ان ۾ روحاني معنيٰ ته آهي پر ڳالهه کي پروڙڻ خاطر مقصد ڪاڻ بيت استعمال ٿيل آهن. جيئن هي بيت آهي ته

ڪرڙا ڏونگر، ڪهه گهڻي، جت رڻ تتو رائو،
تتر ٿئي مَ، تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو،
جڏهن جام، پنهون ڄائو، ٿيو سولو طالع سات جو.

هن بيت ۾ لطيف سائين جن سسئيءَ جي سُرَ ۾ ڳالهه ڪن ٿا ته جڏهن سسئي سفر ۾ هئي ته ان وقت پهاڙ تمام گهڻو تتل هو گرميءَ جي موسم هئي پر شال تتر سسئيءَ جي ڪاٻي پاسي کان نه اڏامي، نه ته ڪم نه ٿيندو پر جڏهن جام پنهون ڄائو سڃي سات جو نصيب پلوٽي ويو اسان جي ڀهراڻين ۾ آهي اڃان تائين سنوڻ ساڻ، رسمون ٿين ٿيون جيڪي مڃڻ يا نه مڃڻ ٻي ڳالهه آهي ان جو تعلق هن ڳالهه سان نه آهي اسان جي ڏاهن انهن ريتن رسمن رواجن تي. پهاڪن محاورن تي ڪيترائي ڪتاب به لکيا آهن علمي شعور اچڻ سان انهن ڳالهين ۾ ڪوٽ ته ضرور آئي آهي پر ان جي وجود جا پيرا اڃان تائين ڇتا ملن ٿا، جيئن ڀهراڻين ۾ چون ٿا ته هٿن جي آڱرين جي نهن کي ڏنڊن سان نه ڪٽيو، نه ته اٿهوند ٿيندي شام جو گهر کي ٻهاري نه ڏجي، قرض نه لهندو اُبتي ٻهاري گهر جي طرف منهن ڪري نه ڏجي مرد شهپرن جي وارن کي وات ۾ وجهندو ته گلا ٿيندي وغيره وغيره انهن ڳالهين کي ڪير مڃي يا نه، اها ٻي ڳالهه آهي پر اڄ به ڪي رسمون آهن ته وري ڪي ختم ٿي ويون آهن خالي ٿانوَ صبح جو منهن ۾ پون ته ڪم نه ٿيندو. اُٿين چون ٿا هزارين قسمن جون ڳالهيون آهن جن جي جيڪر ڳولا ڪجي ته هڪ وڏو ڪتاب لکجي پوندو پر اسان جي ڳالهه جو موضوع ريتون، رسمون، رواج نه آهن اسان ته فقط هڪ ڳالهه جي پرچار ڪريون ٿا. جيڪي لطيف سائين محاوراتي طور هن بيت ۾ هڪ مثال طور ڪم آندي آهي ته "تتر ٿئي مَ تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو" هيءَ ڳالهه شڪاري ماڻهوءَ ۽ ڪوهستان جا رهواسي سمجهي سگهن ٿا. جڏهن هُو ڪنهن نيڪ ڪم لاءِ ويندا آهن ته پکي ڪو ڪاٻي پاسي کان اڏاڻو ته ان کي هُو بدشگن چون ٿا. سسئيءَ جي لاءِ لطيف سائين جن چون ٿا ته سسئيءَ کي تتر ڏائي پاسي کان نه ٿئي يعني سسئي پنهنجي مڙس جي ڳولا ۾ ويئي آهي. شل ان جي تتر ڏائي پاسي کان نه اڏامي شڪاري چون ٿا ته جڏهن هو شڪار تي ويندا آهن ته انهن کي جيڪو به پکي ملي ان کي ماريندا آهن جي پکي جو شڪار نه ٿيو ته ان ڏينهن انهن کي شڪار نه ملندو جي شڪار ٿي ويو ته سڄو ڏينهن شڪارين جو ڀلو گذرندو انهن جي ڪاٻي پاسي کان ڪو پکي اڏاڻو ته به شڪار نه ٿيندو هيءَ هڪ ٻي ڳالهه آهي ته شڪار ڪجي يا نه ڪجي! پر اسان لطيف سائينءَ جي ان محاوري جي ڳالهه ٿا ڪريون ته جيڪو لطيف سائينءَ پنهنجي بيت ۾ شامل ڪيو آهي اهڙيون ڪوڙ سارئيون رسمون آهن جيڪي اسان جي لوڪ ادب ۽ روايتن ۾ شمار آهن جن تي ڪم ڪري سگهجي ٿو لوڪ ادب تي تمام گهڻو ڪم ٿيل به آهي ۽ جاري به آهي. اسان جا ريسرچر ڪم به ڪن ٿا. هي ته هو مختصر تتر جي باري ۾ احوال آهي

تتر پکي ڪيترن قسمن جو هوندو آهي اسان جي ماحول ۾ تتر جو ڪيترو حصو آهي. تتر جا اڳ به قسم هئا پر هاڻي ٻي قسم چون ٿا. هڪ پورو تتر ٻيو ڪارڙو تتر ٽيون ايراڻي تتر پورو تتر اسان جو مقامي تتر آهي اهو ٿر ۽ جبل ۾ رهندو آهي ڪارڙو تتر پاڻيءَ وارن علائقن ۾، دنبين ٻورن ۽ ٻڪن جي جهنگن ۾ رهائش پذير هوندو آهي باقي ايراني تتر ماڻهن جو پلتو تتر آهي ايراني تتر جو ڪاروبار به هلي ٿو ويڙهه به ڪرائي وڃي ٿي اڄڙي يعني پوري تتر کي ماڻهو شوق خاطر پلين ٿا يا وري شڪاري. سينڌ تي ٻوليون ڪرڻ جي تربيت ڏيئي شڪار ڪن ٿا. ڪارڙو تتر تمام گهڻو ضدي هوندو آهي پر ان پکيءَ کي به شوقين ماڻهو پلين ٿا. پوري تتر کي انگريزي ۾ gray partridge چوندا آهن ٿا. ڪارو تتر سيسي تتر ٻٽ تتر ٻٽ تتر ٻگوش قلقلو گنو ٻاٽيهر ۽ پونڙي کي به تتر جي ذاتين سان ڳڻيندن ٿا. پر ڪن تحقيقدانن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي مقامي تترن ۾ صرف ٻه تتر آهن هڪ اڄڙو يعني پورو تتر ٻيو آهي ڪارڙو تتر اسان وٽ مقامي طور تي تتر جي شڪار کي عام شڪار چيو وڃي ٿو شڪاري جڏهن شڪار ڪندا آهن ته سڀ کان پهرين تتر جو شڪار ڪندا آهن تتر جي شڪار جا چار قسم آهن هڪ آهي چاڙهيڪي جو شڪار، ٻيو باز سان تتر جو شڪار، ٽيون تڙ جو شڪار ۽ چوٿون ٻوليءَ وارو يا ڏيهي وارو شڪار ان کان علاوه ڪوڙڪي وغيره جو شڪار به ٿئي ٿو.

شڪاري شڪار جون- پرا پڇارون ڪن.

چاڙهيڪي وارو شڪار، هي شڪار شام جي وقت يا وري صبح سوير يعني فجر کان شڪاري شڪار ڪندا آهن هن شڪار جو طريقو هي آهي ته شڪار، تتر جي ويهڪ جو جائزو وٺي ان وڻ کي پرکي ايندو ته تتر ڪٿي ٿو ٻولي. جو ته تتر اڪثر هيٺ ڪکن ۾ آکيرا ٺاهيندا آهن پر صبح جي وقت ۽ شام جي وقت اُتي وڻ تي مٿي چڙهي ٻوليون ڪن ٿا. اُتي بندوق سان تير ڪمان سان يا گيلول سان شڪاري شڪار ڪري تتر کي مارين ٿا. تتر جي کاڌ خوراڪ تمام سادي اناج ۽ ننڍڙا جيت کٽي پيٽ گذر ڪندو آهي ڪنهن کي به ڪين ٿو ڏڪوئي ۽ پر تتر جي پوپان بندوقن جا ٺڪاءَ هوندا آهن

اسين پوليو کان پاڪ پاڪستان کان صرف ٿورڙو پري آهيون!

عزيز ميمڻ

هر سال 24 آڪٽوبر تي "ورلڊ پوليو ڊي" ملهايو ويندو آهي، جيڪو پاڪستان لاءِ وڌيڪ اهميت رکي ٿو، ڇو ته دنيا ۾ صرف ٻه ملڪ بچيا آهن جتي پوليو جهڙي تباهه ڪندڙ بيماري اڃا تائين موجود آهي ۽ ٻيو ملڪ اسان جو پاڙيسري افغانستان آهي.

سالن جي دوران اسان بي شمار مشڪلاتن تي ضابطو آندو آهي ته جيئن پوليو کي مڪمل طور ختم ڪري سگهجي، مڪمل خاتمو اڃا تائين حاصل ٿي نه سگهيو آهي، پر سڀني لاڳاپيل ڌرين جي مدد سان جن ۾ "دي روٽري فائونڊيشن" ۽ پاڪستان حڪومت شامل آهن، اسان هن مقصد جي تمام ويجهو پهچي چڪا آهيون.

تازو مڪمل ٿيل پوليو روڪ قومي مهم (NID)۾ ملڪ جي هر حصي ۾ لڳ ڀڳ "45.4 ملين ٻارن" کي نشانو بڻايو ويو. اها ڳالهه خوشيءَ جوڳي آهي ته هر نئين مهم ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر نتيجا حاصل ٿي رهيا آهن جنهن تسلسل سان اسان هيءَ مهم جاري رکي آهي، ان مان لڳي ٿو ته بيماريءَ کي ختم ٿيڻ ۾ هاڻي گهڻو وقت نه لڳندو. مون ڪيترن سالن تائين پوليو جي خاتمي جي مهم ۾ اڳواڻي ڪئي آهي، تنهن ڪري مون کي هن بيماري، ورلڊ پوليو ڊي، روٽري جي ڪردار ۽ مستقبل بابت پنهنجا خيال ۽ تجربا شيئر ڪرڻ گهرجن.

روٽري پوليو جي خاتمي جي مهم ۾ هميشه اڳتين صف ۾ رهيو آهي ۽ گذريل 46 سالن دوران ان کي پنهنجي بنيادي منصوبي طور اختيار ڪيو آهي، جنهن لاءِ سڄي دنيا ۾ 3 ارب آمريڪي ڊالر خرچ ڪيا ويا آهن مان پاڻ ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان روٽري ڪلب ڪراچيءَ سان لاڳاپيل آهيان، جيڪو پاڪستان جي سڀ کان پراڻن ڪلبن مان هڪ آهي. مون 'دي روٽري فائونڊيشن' ۾ ٽرسٽي (2020—2024) طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ في الحال پاڪستان پوليو پلس ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ۽ انٽرنيشنل پوليو پلس ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهيان.

پوليو مائيلائٽس يا مختصر پوليو هڪ بيماري آهي جيڪا 'پوليو وائرس' سبب ٿيندي آهي. هيءَ بيماري خاص طور تي پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارن ٻارن تي اثرانداز ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ويڪسين کان محروم آهي ته ڪنهن به ڄمار ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. هي وائرس اعصابي نظام تي حملو ڪري ٿو ۽ ڪجهه ڪلاڪن ۾ مڪمل فالج جو سبب بڻجي سگهي ٿو. لڳ ڀڳ هر 200 ڪيسن مان هڪ ٻار مستقل فالج جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ انهن مان 5 کان 10 سيڪڙو ٻار مري ويندا آهن. جڏهن ساهه کڻڻ وارا پٺا مفلوج ٿي ويندا آهن.

پوليو جو ڪو علاج اڃا تائين دريافت نه ٿيو آهي پر خوشقسمتيءَ سان ويڪسين ذريعي ان کان بچاءُ ممڪن آهي. ويڪسين کي 'روٽين اميونائيزيشن' دوران ڏيڻ ضروري آهي: پيدائش تي، پوءِ ڇهن هفتن، ڏهن هفتن ۽ چوڏهن هفتن تي. ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ روٽين اميونائيزيشن جي شرح گهٽ هجڻ ڪري، اسان کي ٻارن کي ڪيترائي ڀيرا پوليو جا قطرا ڏيڻا پون ٿا ته جيئن وائرس جي خلاف قوتِ مدافعت پيدا ٿي سگهي.

ممڪن آهي ته پوليو هزارين سالن کان موجود رهيو هجي، پر ان کي هڪ وائرس سان لاڳاپيل وبائي بيماري طور صرف گذريل سؤ سالن ۾ سڃاتو ويو آهي. 1955ع ۾ پهريون پوليو ويڪسين تيار ٿيو. پر 1980ع واري ڏهاڪي تائين هيءَ بيماري دنيا ۾ عام هئي. جڏهن علمي سطح تي ويڪسين ۾ اضافو ٿيو ته 1988ع ڌاري 'وائلڊ پوليو وائرس' جا ڪيس 99 سيڪڙو گهٽجي ويا. ان وقت دنيا جي 125 ملڪن ۾ لڳ ڀڳ "3.5 لک ڪيس" هئا. جڏهن ته اڄ صرف ٻه ملڪ افغانستان ۽ پاڪستان باقي رهجي ويا آهن.

علمي سطح تي پوليو خلاف جنگ جي شروعات 'روٽري انٽرنيشنل' ڪئي، جيڪا هڪ غير منافعي بخش انسان دوست تنظيم آهي ۽ هيءَ ان جي قيام جو 120هون سال آهي. هي وائرس خاص طور تي "اورل-فيڪل" رستي پکڙجي ٿو، يعني آلودگيءَ، گندي پاڻي يا کاڌي ذريعي انساني جسم ۾ داخل ٿي، آنڊن ۾ تيزيءَ سان وڌي ٿو.

1985ع ۾ روٽري دنيا جي ٻارن کي ويڪسين ڏيڻ لاءِ هڪ علمي مهم شروع ڪئي. ساڳي سال "24 آڪٽوبر 1985ع" تي پهرين ڀيرو ڊاڪٽر "جوناس سالڪ" جي سالگره جي موقعي تي "ورلڊ پوليو ڊي" ملهايو ويو، جنهن 1955ع ۾ پهرين مؤثر پوليو ويڪسين تيار ڪئي هئي. ان کان پوءِ 1988ع ۾ "گلوبل پوليو ايريڊيڪيشن انيشيئيٽو" (GPEI)جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جا باني ساٿي روٽري، ڊبليو ايڇ او، يونيسيف، آمريڪا جي سي ڊي سي ۽ بعد ۾ بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن هئا. تنهن کان پوءِ روٽري سڄي دنيا ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ "3 ارب ڊالر" جڏهن ته پاڪستان ۾ صرف "500 ملين ڊالر" خرچ ڪيا آهن اڄ تائين "2.5 ارب ٻارن" کي ويڪسين لڳائي وئي آهي. جا 200 ملڪن ۾ 20 ملين رضاڪارن جي تعاون سان ممڪن ٿيو آهي

پاڪستان پوليو پلس ڪاميٽي ملڪ ۾ ڪميونٽي سان لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ "ريزورس سينٽر" قائم ڪيا آهن. پوئتي پيل علائقن ۾ صاف پاڻي پيئڻ جي لاءِ فلٽريشن پلانٽ لڳايا آهن. فرنٽ لائين ورڪرن لاءِ سهوليتا مرڪز ٺهرايا آهن ۽ سرحدي چيڪ پوسٽن، ائيرپورٽن، بس اسٽاپن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي "پرمينينٽ ٽرانزٽ پوسٽون" قائم ڪيون ويون آهن. اهي منصوبا انهن ٻارن تائين پهچڻ ۾ مدد ڪن ٿا، جيڪي مهم دوران رهجي ويندا آهن يا جيڪي خانه بدوش علائقن مان لڏپلاڻ ڪندا آهن. روٽري پاڪستان لاءِ "200,000 ويڪسين ڪيئرئرز" پڻ تيار ڪرايا آهن.

اڄ اسين دنيا مان هڪ بيماريءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جي تمام ويجهو آهيون. جڏهن اهو ٿيندو ته اهو انساني تاريخ ۾ ٻيو ڀيرو هوندو. جڏهن ڪنهن بيماريءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪيو ويندو. پهريون اهڙو موقعو 1980ع ۾ "چمڙيءَ جي بيماري" اسمال پوڪس جو خاتمو هو.

پاڪستان ۾ 2024ع ۾ پوليو جا "74 ڪيس" رپورٽ ٿيا، پر هن سال اهو تعداد تيزيءَ سان گهٽجي ويو آهي. جيڪو بيماري تي ضابطو آڻڻ ۾ وڏي ڪاميابي آهي. اهي ڪيس خاص طور تي سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي خطرناڪ ضلعن مان اچي رهيا آهن. جڏهن ته ڪراچي اڃا تائين اهم ميدان آهي. بدامني، جهالت، لڏپلاڻ ۽ غلط ڄاڻ هميشه وڏا چئلينجز رهيا آهن ان جو حل پختو سياسي ارادو، ڪميونٽي جي شرڪت ۽ روٽري جهڙين تنظيمن جي بي لوث ڪوششن ۾ آهي.

پاڪستان پوليو ايريڊيڪيشن پروگرام، جيڪو روٽري ۽ GPEIجي ساٿ سان هلي رهيو آهي، دنيا جي سڀ کان وڏي عوامي صحت مهم مان هڪ آهي. "339,000 صحت جا ورڪر" جن مان گهڻيون عورتون آهن، گهر گهر وڃي هر پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارن ٻارن کي ويڪسين پيارين ٿيون. ورلڊ پوليو ڊي پڻ انهن نه ٿڪجندڙ ورڪرن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي، جيڪي ڏکين حالتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪيترائي ورڪر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار پنهنجون حياتيون به قربان ڪري چڪا آهن. آخري مرحلا هميشه سڀ کان ڏکيا هوندا آهن پر تاريخ انهن کي ياد رکندي جن ڪڏهن همٿ هاري هٿ نه ڪئيو. پوليو جو خاتمو انسانيت جي فتح هوندو. اهو ثبوت هوندو ته گڏيل عمل، علمي همدردي ۽ ٻارن جي سنڀال تاريخ جو رخ بدلائي سگهن ٿا. ۽ روٽري جا ميمبر هن ڳالهه تي فخر ڪن ٿا ته پوليو جو خاتمو روٽري جو دنيا لاءِ تحفو آهي ۽ اهو مقصد هاڻي اسان جي پهچ ۾ آهي

(نوٽ: ليکڪ، رڪن انٽرنيشنل پوليو پلس ڪاميٽي - ٽرسٽي دي روٽري فائونڊيشن (2020—24) قومي چيئرمين پاڪستان پوليو پلس ڪاميٽي آهي)

بهتر تعليم، روزگار ۽ صحت جون سهولتون عوام جو بنيادي حق

هن ڌرتيءَ جي گولي تي موجود انساني سماج جو جائزو وٺجي ته اڄ هن ڌرتيءَ تي جيڪا به ترقي نظر اچي ٿي اها ترقي انساني ذهن ۽ سوچ جي اعليٰ ارتقا سبب آهي ۽ اها اعليٰ ارتقا بهتر علم ۽ ڄاڻ کانسواءِ ناممڪن آهي جيئن ته هن دور ۾ علم ۽ ڄاڻ جا تمام گهڻا پاسا آهن ۽ انهن سمورن پاسن کي پورو ڪرڻ ڪنهن هڪ فرد يا تنظيم ۽ پارٽيءَ جي وس جي ڳالهه ناهي پر علم جي ترقي، ترويج ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي ذهني ترقيءَ جو سمورو دارومدار رياست ۽ ان رياست کي هلائيندڙ سياستدانن ۽ حڪومتي اهلڪارن جي ذميواري هوندي آهي اهوئي سبب آهي جو ماضيءَ ۾ جيڪي ملڪ ۽ قومون علم ۽ سائنس جي ترقيءَ ڏي ڌيان ڏيندا هئا آهي سموري دنيا تي حڪمراني ڪندا هئا ۽ پوءِ جن به قومن، فردن يا ملڪن جديد علم جي حاصلات ڏانهن ڌيان نه ڏنو سي هن ڌرتيءَ جي تختي تان ميسارجي ويا، يا وري پٺتي هليا ويا، ماضيءَ ۾ هندوستان، پاڪستان ۽ انهن سان لاڳاپيل خطا جيڪي علم ڄاڻ جو خزانو هوندا هئا، اُتي سماجي معاشي ترقي پنهنجي عروج تي هئي پر جڏهن مشرق ۾ علم جو روشن سج ٻڏڻ لڳو ته يورپ ۾ سائنسي ترقي ۽ علم جو سج اڀريو، اڄ اسان جيڪي ماضيءَ ۾ انساني ترقيءَ جو اعليٰ نشان هئاسين معاشي ۽ سماجي حوالي سان دنيا لاءِ عبرت جو نشان آهيون ملڪ ۾ روزگار جا بهتر موقعا پيدا ٿيڻ بدران وڌيڪ بک، بدحالي ۽ بيروزگاري وڌي رهي آهي روزگار جي حاصلات لاءِ ملڪ جو نوجوان طبقو غير قانوني طريقي سان يورپ ڏانهن رُخ ڪري ٿو ۽ انهيءَ روزگار جي ڳولا سبب ڪيترائي نوجوان زندگيون وڃائي ويٺا آهن ۽ ڪيترائي گهر آباد ٿيڻ بدران اجڙي ويا آهن سو ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته وفاقي حڪومت هجي يا وري صوبائي حڪومت انهن کي مٿي ڄاڻايل حڪومتي شعبن يعني تعليم، روزگار ۽ صحت جي مامرن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي ملڪ ۾ وڌ کان وڌ بهتر تعليم، صحت ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن ته جيئن ملڪ جي غريب عوام ۾ ڦهليل بيچيني ختم ٿي سگهي، ملڪ ۾ مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪيو وڃي روزگار جا نوان ذريعا پيدا ڪيا وڃن ته جيئن اسان هڪ بهتر سماج جي تعمير ڪري سگهون **(الطاف ملڪاڻي)**

'مستقبل جو تجزيو ڪهڙي حڪومتي نظام هيٺ ڪيو وڃي؟'

محمود شام

ڇا ڏکڻ ايشيا ۾ ڪڏهن مڪمل امن قائم ٿي سگهندو؟ ڇا مودي ازم (يعني مودي جهڙي سوچ ۽ پاليسي) ايتري وڏي آباديءَ، يعني ٻه ارب کان وڌيڪ ماڻهن کي هميشه لاءِ قيد ۾ رکندو؟ انگ اکر ٻڌائين ٿا ته دنيا جي ڪُل آباديءَ جو لڳ ڀڳ پنجويهه سيڪڙو، يعني چوٿون حصو، اهڙي علائقي ۾ رهي ٿو جتي ماڻهن کي سخت دٻاءُ ۽ گُهٽڻ واري ماحول ۾ جيئڻو پوي ٿو. اِهو خطو تاريخ ۾ تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهيو آهي، يعني هتي ئي دنيا جي وڏين تهذيبن جنم ورتو. يورپ جون قومون ان وقت هن علائقي کي 'سونو جهرڪي' سمجهي لُٽ مار لاءِ اچي ويون هيون. انهن غير ملڪي لُٽيرن کانپوءِ اسان جي پنهنجن ئي مقامي حڪمرانن ۽ وڏيرن به ساڳيا لُٽ مار جا طريقا سکي ورتا. انهن کي بدلي ۾ خلعتون (انعامي لباس) ۽ وڏيون جاگيرون به مليون، پر پوءِ انهن اهو ظلم ۽ استحصال پنهنجي ئي ماڻهن تي ڪرڻ شروع ڪيو. اصل ضرورت ته اها هئي ته هن خطي جا حڪمران مودي جهڙي سوچ کي رد ڪن ۽ گڏجي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪن جن سان ڀارت جا هڪ ارب پنج ڪروڙ جمهوريت تي يقين رکندڙ ماڻهو مودي جهڙي ظالم، انسان دشمن ۽ فرقيوار حڪمران کان آزاد ٿي سگهن پر افسوس اڪثر حڪمران پاڻ به مودي واري روش تي هلي پيا حسينه واجد، سري لنڪا ۽ نيپال جي حڪمرانن به ساڳيو رستو اختيار ڪيو پر انهن ملڪن جي ماڻهن بغاوت ڪري انهن کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. هاڻي حالت اِها آهي ته سڄي دنيا ۾ علائقائي تعاون واريون تنظيمون اڳتي وڌي رهيون آهن. يورپ جي ملڪن ته پنهنجي ڪرنسي (يورو) به گڏ ڪري ڇڏي آهي پاسپورٽ ۽ ويزا سسٽم به ختم ڪري ڇڏيو آهي پر اسان جي بدقسمتي اِها آهي ته ترقي پسند ۽ اڳتي سوچيندڙ قومون هميشه مستقبل ڏانهن نظر رکن ٿيون، جڏهن ته اسان اڃا تائين ماضيءَ ۾ ڦاٿل آهيون. اصل ۾، اڄ جيڪا خوشحالي يا بدحالي اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي اها اسان جي ماضيءَ جي سٺين يا خراب پاليسين جو ئي نتيجو آهي يعني جيڪو اسان پوکيو، اڄ اهو ئي لُڻي رهيا آهيون. پاڪستان جي وڏي بدقسمتي اِها آهي ته اسان جي ملڪ جو باني قائداعظم محمد علي جناح، بيماريءَ سبب هن نئين ملڪ کي رڳو هڪ سال ئي ڏئي سگهيو. انهن جي وفات کان پوءِ قائدِ ملت لياقت علي خان کي به صرف ٽن سالن بعد رستي مان هٽايو ويو. پاڪستان وٽ بيشمار وسيلن جي کوٽ نه هئي. قدرتي معدنيات به موجود هيون ۽ محنتي انساني وسيلو به، پر افسوس. اسان جي ڪنهن به شعبي ۾ پاليسين جو تسلسل قائم نه رهيو. نه معيشت ۾، نه پرڏيهي پاليسي ۾، نه تعليم ۽ صحت ۾، نه زراعت ۽ آبپاشيءَ ۾، ۽ نه ئي امن امان يا مذهبي رُخ ۾. قائداعظم کي پنهنجي مختصر زندگيءَ جو پورو احساس هو. تنهنڪري هن رڳو هڪ سال جي اندر ئي پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ بنيادي اصول ۽ رستا واضح ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن به آئون قائداعظم جون ان هڪ سال جون تقريرون پڙهان ٿو ته انهن ۾ پاڪستان جي مستقبل لاءِ هڪ مڪمل ۽ منظم نظام جو خاڪو صاف نظر اچي ٿو. انهن مان اڄ به وڏي رهنمائي ملي ٿي. جيڪڏهن پاڪستان ٺهڻ کان اڳ واري دور ۾ به قائداعظم جا بيان، تقريرون ۽ خط پڙهجن ته ڪنهن به محقق لاءِ هڪ آزاد ۽ جمهوري ملڪ جو واضح نقشو، حدون ۽ عملي لائحه عمل ملي سگهي ٿو.

اڄڪلهه 'تجزيو' ڪرڻ هڪ فيشن ۽ روزگار بڻجي ويو آهي. تجزيي ڪندڙن جو هڪ وڏو ٽولو هر طرف نظر اچي ٿو. پر سوال اهو آهي ته ڇا انهن جي تجزين ۾ اها مڪمل سمجهه، گهرائي ۽ مستقبل جو ادراڪ موجود آهي، جيڪو هجڻ گهرجي؟ انهن مان اصل ۾ ڪيترا آهن جيڪي واقعي ملڪ جي ايندڙ وقتن بابت سنجيدگيءَ سان سوچين ٿا؟ پاڪستان ۾ مستقبل بابت تجزيو ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي ٿورو 1947ع کان اڄ تائين نظر وجهو، ته ڏسندؤ ته ملڪ جي قافلي ڪيترا ڀيرا پنهنجو رستو بدلائي ڇڏيو آهي جڏهن به ڪو ماڻهو موجوده نظام کي ڏسي، تاريخي ۽ منطقي نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اوچتو ڪو نئون 'مسيحا' پنهنجو لشڪر ۽ نعرا کڻي افق تي اچي ٿو. جيڪو سڄي سسٽم کي اٿل پٿل ڪري ڇڏي ٿو اهو پنهنجو نئون 'سياسي جمهوري ۽ معاشي نظام' آڻي ٿو ۽ پوءِ ڏهه ٻارهن سال بعد ٻيو مسيحا اچي اڳوڻي جا سڀ دستور، معاهدا ۽ پاليسيون رد ڪري ڇڏي ٿو ۽ منصوبن تي لڳل تختيون به لاهي ڦٽو ڪري ٿو. الله جو شڪر آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ شعبو، يعني ايٽمي پروگرام اهڙي چڪاس ۽ هٿ چراند کان محفوظ رهيو. تنهن ڪري اهو مڪمل ٿي سگهيو ۽ اڄ اسان کي دنيا جي خطرناڪ حالتن ۾ تحفظ جو احساس ڏئي ٿو پر افسوس اهڙو تحفظ ۽ استحڪام ڪنهن ٻئي شعبي ۾ نظر نٿو اچي اِئين به نه آهي ته الله تعاليٰ ٻين شعبن لاءِ وسيلن جي کوٽ ڇڏي هجي يا اسان وٽ قابل ماڻهو نه هئا. اسان وٽ ته بيشمار عالِم، ماهر ۽ اسڪالر هئا، جيڪي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي اُتي جي ترقيءَ جا اهم ڪارڻ بڻيا، اهي پنهنجي ملڪ ۾ به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا، پر ڪين ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مايوس ڪيو ويو ۽ آخرڪار ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. اڄ به سوين نوجوان خراب حالتن سبب ٻاهرين ملڪن ڏانهن لڏي رهيا آهن واضح طور ڏسجي ٿو ته ڪجهه خاندان 1951ع کان وٺي ملڪ جي وسيلن تي قبضو ڪيل آهن خاندان جا نالا بدلجن ٿا، پر سسٽم اڃا تائين خانداني ئي آهي پاڪستان جي اڪثريت کي ڪڏهن به اهو اطمينان حاصل نه ٿيو ته ملڪ جي فيصلا سازيءَ ۾ انهن جي راءِ شامل آهي اهي ئي طاقتور خاندان، سياسي هجن يا غير سياسي عوام کي ورهائيندا رهيا آهن ڪڏهن لساني بنيادن تي، ڪڏهن نسل ۽ علائقي جي بنياد تي، ڪڏهن صوبائي ۽ فرقيوار سطح تي. جيئن ماڻهن کي اهو احساس ڏيارجي ته سندن عدم شموليت جو سبب ملڪ جو نظام نه، پر انهن جون 'وابستگيون' آهن دنيا ڪيترن ئي تجربن کانپوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتي آهي ته بهترين نظام جمهوريت آهي. ڀلي اهو صدارتي هجي، پارلياماني هجي يا گڏيل صورت ۾ هجي. جو ته 'هڪ فرد، هڪ ووٽ' جي اصول ۾ اهو يقين آهي ته هر بالغ ماڻهو کي هر چار يا پنج سالن ۾ هڪ ڀيرو پنهنجو حڪمران چونڊڻ جو حق ملندو. جڏهن به اُن رستي کان انحراف ٿيو، چونڊون روڪيون ويون، نتيجا چوري ڪيا ويا يا غير لاڳاپيل ادارن کي فيصلا سازي ۾ شامل ڪيو ويو ته ان سان ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيت کي سخت نقصان ٿيو پوءِ هر ڀيري انهن ادارن جي ساک بحال ڪرڻ ۾ ڊگهو وقت لڳو. جيڪي ماڻهو ملڪ سان سچي محبت رکن ٿا، اهي اڄ به سڀ کان وڌيڪ پريشان آهن ته رياست جي عزت، وقار ۽ عظمت کي ڪيئن ٻيهر بحال ڪجي. هاڻي جڏهن اسين آڪٽوبر جي آخري هفتي ۾ ويٺا آهيون، ۽ سوچيون ٿا ته ايندڙ ڏهه يا پندرهن سال ڪيئن گذرندا ته سوال اٿن ٿا ته 25 ڪروڙ ماڻهن جي معيشت ڪهڙي هوندي؟ روزگار جا موقعا ڪيئن پيدا ٿيندا؟ اسان جا پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپا ڪيئن هوندا؟ 'ون بيلٽ ون روڊ' (چين جو منصوبو) جو ڇا ٿيندو؟ ريڪوڊڪ مان نڪرندڙ سون واقعي اسان جا ڏينهن سنهرا ڪندو؟ اسان جي في ڪس آمدني وڌندي يا گهٽبي؟ پارليامينٽ واقعي سپريم هوندي يا نه؟ ڇا واهگا کان گوادر تائين هر پاڪستاني کي اهو احساس ٿيندو ته ملڪ جي فيصلا سازيءَ ۾ ان جو حصو آهي؟ اهي سڀ سوال تڏهن ئي سمجهي سگهجن ٿا، جڏهن طئي ڪجي ته اسان تجزيو موجوده حڪمراني واري نظام جي پسمنظر ۾ ڪريون، يا ڪنهن اهڙي خالص پارلياماني نظام جي حوالي سان، جتي پارليامينٽ واقعي اعليٰ ادارو هجي ۽ چونڊن جا نتيجا ماڻهن جي خواهشن مطابق نڪرن 2047ع ۾ پاڪستان کي سئو سال پورا ٿيندا، يعني پاڪستان جي 'سينچري' ٿيندي. ان وقت سوچڻو پوندو ته 'تحريڪِ پاڪستان' ۽ 'قيامِ پاڪستان' کانپوءِ 'تڪميل پاڪستان' ڪهڙي نظام تحت مڪمل ٿيندي؟ ڇا اهو ملڪ واقعي قائداعظم جي اصولن ۽ خوابن مطابق هوندو؟

اڄوڪو ڏينهن ...... 24 آڪٽوبر

نور محمد لاشاري



اڄ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار مرحوم نور محمد لاشاريءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن پلوڙ اداڪار جو جنم 24 آڪٽوبر 1931ع تي ڀان سعيدآباد ويجهو ڳوٺ ڪوٽ لاشاريءَ ۾ ٿيو هو فيض محمد لاشاريءَ جو اڪيلو پٽ هو هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد جي حيثيت سان ڪئي اداڪاريءَ جو سفر دادوءَ جي بخاري ناٽڪ منڊل پاران پيش ٿيندڙ اسٽيج ڊرامن سان ڪيائين 1960ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان لاڳاپجي ويو ۽ ريڊيو جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين 1967ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ناٽڪن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندس شمار ٽي ويءَ جي چوٽيءَ جي اداڪارن ۾ ٿيڻ لڳو هن ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ يادگار ۽ اثرائتا ڪردار ادا ڪيا. دنگي منجهه درياهه، مٽيءَ جا ماڻهو، راڻيءَ جي ڪهاڻي ۽ ماروئڙيءَ سميت سوين سنڌي ڊرامن ۾ هن لافاني ڪردار ادا ڪيا. چوٽي سي دنيا، ديوارين، جنگل، ماروي، بدلتي موسم ۽ ٻين اردو ڊرامن ۾ هن جي اداڪاريءَ کي سڄي پاڪستان ۾ ساراهيو ويو. هن برسات جي رات، گهاتو گهر نه آيا، مٽڙا شال ملن ۽ شهيد سميت ان سنڌي فلمن ۽ هڪ بلوچي فلم ۾ به ڪم ڪيو. پاڪستان سرڪار پاران کيس 1992ع ۾ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو. سنڌ جي هن انمول هيري پهرين فيبروري 1997ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

سراج الحق ميمڻ

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي ٻرڪ اديب، محقق، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ قانوندان سراج الحق ميمڻ جي ياد ڏياري ٿو اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي ادبي دنيا ۾ سراج جي نالي سان ڄاتل سڃاتل هن انمول انسان جو جنم حيدرآباد ضلعي جي شهر ٽنڊي جام ۾ 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٿيو هن ابتدائي تعليم ٽنڊي جام مان ۽ ميٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو هن بي اي (آنرس)، ايم اي (اڪنامڪس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي پريس ۾ پروف ريڊر ۽ سنڌيڪار طور ڪيائين 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو 1957ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو 1969ع ۾ جنرل يحيٰ جي حڪومت ۾ کيس جبري طور رٽائر ڪيو ويو. مٿس الزام هو ته هُو قوميت جي موضوعن تي لکي ٿو ۽ قوم پرست ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو وٺي ٿو ان بعد هن انڪم ٽيڪس جي وڪيل طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو 1972ع ۾ روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو انهيءَ اخبار ۾ سندس ڪالم "رليءَ جي رهاڻ" ۽ "ملان جي ٻوڙ" سچيءَ

هڪ مهان ڪهاڻيڪار هو سندس ڪهاڻين جا مجموعا "اي درد هلي آ" ۽ "اڻون ماڻهو" سندس شاهڪار ڪهاڻين جو ثبوت آهن هن "علم معاشيات" تي پڻ ڪتاب لکيو هن ڪيترائي ڪتاب پرڏيهي ادب مان ترجمو ڪيا جن ۾ "آمريڪي افسانا"، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، "ڏکڻ مان ٿو سج اڀري" ۽ "چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي" خاص ذڪر جي لائق آهن سندس ڪتاب "سنڌي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جي پڻ بنياد ۽ تاريخ جو هڪ ناياب خزانو آهي هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ خلاف سندس نظم "ڪراچي" سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي هو "سروينٽس آف سنڌ سوسائٽي"، "سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ" ۽ "سنڌ فرينڊس سرڪل" جي باني مان هڪ هو سراج الحق ميمڻ 2 فيبروري 2013ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

ڪلان هزاري

ڪلان هزاري مشهور ڳائڻي هئي، هوءَ 24 آڪٽوبر 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي، مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. هوءَ پنهنجي سُريلي ۽ مٺڙي آواز جي ڪري هند ۽ سنڌ ۾ مشهور هئي، هن هزارن جي تعداد ۾ سنڌي، هندي ۽ راجسٿاني ٻولين ۾ سهڻا گيت ڳايا. هن هندستان ۾ ٺهندڙ سنڌي فلمن لاڏلي، هو جمالو ۽ شل ڌيئر نه ڄمن لاءِ به يادگار گيت ڳايا، جن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي هن فلم هو جمالو ۽ شل ڌيئر نه ڄمن ۾ اداڪاره طور به ڪم ڪيو. آڪاشوائي ۽ دور درشن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين.

ديا لکي جشناڻي

هندستان جي هن مشهور سنڌي ليکڪا جو جنم 24 آڪٽوبر 1941ع تي سنڌ جي شهر سکر ۾ ٿيو اڃا ڇهن ورهين جي مس هئي جو ديس جو ورهاڱو ٿيو ۽ هوءَ پنهنجي والدين سان گڏ هندستان هلي وئي ڪاليج واري زماني ۾ هن ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو انهيءَ ڪاليج جي هڪ ٽيچر دادي پاربتي رام ڪشن آڏواڻيءَ لکڻ ۾ هن جي همت افزائي ڪئي اهڙيءَ طرح ديا لکيءَ پنهنجون پهريون ٻه ڪهاڻيون ڪاليج جي مئگزين ۾ ڇپرايون شاديءَ کانپوءِ هن لکڻ ڇڏي ڏنو ۽ لڳ ڀڳ 28 سال هن ڪجهه به نه لکيو پر ايترو وقت گذرڻ کانپوءِ هن ٻيهر لکڻ شروع ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين انهن ڪتابن ۾ امانت، لوڪيءَ جون لوڪ ڪهاڻيون، مشڪندڙ گل گلاب جا، مٺا مٺا ٻول، عزت جي چادر، جيون جي خوشبوءِ ۽ منهنجا مٺڙا سانگيئڙا شامل آهن

مختيار اٿر

پيرا قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪرڻيون پيون هن جي تحرير ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ "ٽيڙ منهنجو نينهن"، "ڳالهيون ڪوٽ ڪڙن جون"، "ايم آر ڊي جا قيدي" ۽ "پوءِ علي آيو" (ترجمو) شامل آهن

شهيد عبدالقيوم منگي

سنڌ جي هن سچي قومي ڪارڪن جو جنم 24 آڪٽوبر 1954ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي، 1975ع ۾ اسلاميه ڊگري ڪاليج سکر مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين. هن جو ننڍي هوندي کان ئي قوم پرستيءَ طرف لاڙو رهيو. هو ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو حصو بڻجي ويو ۽ انهيءَ تنظيم ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيائين. قوم پرستيءَ جي تحريڪ ۾ اڳيرو رهڻ ڪري کيس مختلف وقتن تي ٻارهن ڀيرا جيل ۽ لاڪ اپ جون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. سائين جي ايم سيد سان سندس گهرا لاڳاپا هئا. هو شڪارپور ۾ اڪيلي سِر شهيد الهه بخش سومرو جي ورسي جي پڻ ملهائيندو هو. 1987ع وارين بلدياتي چونڊن ۾ مقبول احمد شيخ جهڙي بااثر ماڻهوءَ کي شڪست ڏئي ڪائونسلر چونڊيو. تاريخ 4 جون 1998ع تي هو جناح اسپتال جي ڪينٽين تي جسقم جي چيئرمين بشير قريشيءَ سان گڏ چانهه پي رهيو هو ته ڪجهه دهشتگردن سندن مٿان حملو ڪيو. انهيءَ حملي ۾ عبدالقيوم منگي سخت زخمي ٿي پيو. کيس جناح اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. جتي زخمن جا تاب نه سهندي 22 جون 1998ع تي سنڌ ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو.

روبينا ابڙو

اڄ مشهور شاعره روبينا ابڙو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهي آهي. هن 24 آڪٽوبر 1971ع تي تعلقي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڳيريلي ۾ بشير احمد ابڙي جي گهر ۾ اک کولي. ايم اي (سنڌي)، ايم اي (اڪنامڪس) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين. هن 1991ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو. سندس پهريون شعر عبرت مئگزين ۾ ڇپيو. جيتوڻيڪ هن ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون آهن پر ادبي دنيا ۾ سندس اصل سڃاڻپ هڪ شاعر جي حيثيت ۾

گلزار ڪلهوڙو پاتائي

پاٽ شريف سان واسطو رکندڙ هن ليکڪ جو جنم 24 آڪٽوبر 1971ع تي پير بخش ڪلهوڙي جي گهر ۾ ٿيو. سندس ڇٺيءَ جو نالو غلام حيدر ڪلهوڙو آهي. مئٽرڪ تائين تعليم پاٽ شريف ۾ ئي حاصل ڪيائين. ٻارهين ڪلاس جو امتحان استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ ٿيو. عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين. هن 1994ع ڌاري ادبي ڪيٽر ۾ پير پاتو. هن ئي پاٽ شريف ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هو سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو به سرگرم ميمبر رهيو. هن جو ڪتاب "پاٽ شريف تاريخ جي آئيني ۾" 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هڪ اديب ۽ استاد هجڻ سان گڏ هو هڪ سٺو اسٽيج اداڪار به رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري چڪو آهي

زخمي چانڊيو

اڄ مشهور شاعر زخمي چانڊيي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم پهرين مئي 1961ع تي ڊکڻ ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. سندس اصل نالو جام خان ولد مولابخش چانڊيو هو. مئٽرڪ جو امتحان ڊکڻ مان ۽ انٽر جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (اسلامي ڪلچر) جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول ٽيچر طور ڪيائين. تعليم کاتي ۾ سپروائيزر طور به ڪم ڪيائين. هن 1984ع ۾ شاعري شروع ڪئي. هو سنڌي ادبي سنگت سميت ڪيترن ئي ٻين ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واڳيل رهيو. سندس ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "شهر شهر زخمي"، "ڏاڍو سارينديس" ۽ "منهنجي مٽي کان پوءِ" شامل آهن. هن کي 24 آڪٽوبر 2000ع تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو.

عبدالقيوم صائب

اڄ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ قانوندان عبدالقيوم صائب جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو نبي بخش پيرزادي جي گهر 27 جولاءِ 1927ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس ڇٺيءَ جو نالو محمد عرس هو. هن مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. ٻارهين ڪلاس جو امتحان سٽي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کانپوءِ حيدرآباد لا ڪاليج مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. هن فارسيءَ جي تعليم عبدالرئوف بختياربوري ۽ عبدالله بسمل تڪڙائيءَ کان حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات حيدرآباد ۾ هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين. هن کي ننڍپڻ کان

اگهه نه وڌايو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪري ضلع جي مک شاهراهن تي هزارين هاري آبادگار احتجاجي ڌرڻا هڻي شاهراهون بند ڪري ڇڏيندا. هنن چيف جسٽس پاڪستان چيف جسٽس سنڌ [illegible] اعليٰ سنڌ چيف سيڪريٽري سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو اهي ته سارين جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 3300 روپيا مقرر ڪري هارين ۽ آبادگارن مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا 2 — اسپتال منتقل

ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. ان سلسلي ۾ زخمي ٻڌايو ته گهر پرسان ويٺل هٿياربند اوچتو گهر جي ديوار ڏاڪي سان ڪري پٽي جنهن جي نتيجي ۾ اسين زخمي ٿياسين.

بقايا 3 — يافته مارجي ويو

باگرائي ۽ عنايت عرف علي راجپوت جي علائقي ۾ پهتاسين ته اتهن فائرنگ شروع ڪري ڏني سنڌن ٿي ساٿين جي فائرنگ ۾ هڪ چٽو پنجاب ۾ 21 ڪيسن ۾ گهربل ڏوهاري حق نواز پڻي مارجي ويو هن چيو ته شهدادپور ۾ ڏوهارين کي پناهه ڏيندڙن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي جلد سنڌن گرفتاري عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 4 — پٽون پيو

۾ هڪ قبر جي قبر ڪشائي ڪئي وئي ۽ قبر ڪشائي ڪري فوتي شڪي نوجوان جي لاش جا ڊي اين اي لاءِ جزا ورتا ويا آهن. جڏهن ته قبر ڪشائي واري عمل دوران گم ٿيل ٽينگر عمير سهتو جا والدين پڻ موجود رهيا جن جا پڻ پوليس جي نگراني ۾ ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا. قبرڪشائي جو هي عمل فرسٽ سول جج بازيب علي پرٽ، لمس جي ٽيم جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالصمد ميمڻ ۽ ميڊيڪل جي بورڊ جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ڪيو ويو جنهن ۾ انڪوائري آفيسر ۽ ڊي ايس پي سيوهڻ فراز علي ميتلو ايس ايچ او سيوهڻ سرفراز علي قريشي، ايس ايچ او پاٽ سيد آباد محمد علي کوکر ۽ ايڌي سينٽر جا رضاڪار پڻ موجود رهيا. ان موقعي تي گم ٿيل شاگرد عمير سهتو جي والد محمد جمن سهتو جو چوڻ هو ته هي منهنجي پٽ جو لاش نٿو ٿي سگهي ۽ پوليس پنهنجي طرفان شڪ دور ڪرڻ لاءِ عدالت کي اهڙي درخواست تي قبر ڪشائي ڪري رهي آهي ۽ اسان جي دعا آهي ته منهنجو پٽ زنده حالت ۾ ملي وڃي. ٻئي طرف لمس جي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته قبرڪشائي ڪري پنجن مختلف شعبن جي ڊاڪٽرن جي ٽيم پاران لاش جون مختلف زاوين کان ٽيسٽون ورتيون ويون آهن جنهن جي ريپورٽ اچڻ ۾ هڪ مهينو لڳي سگهي ٿو. هوڏانهن عمير سهتو ڪيس جي جاچ آفيسر ايس ڊي پي او سيوهڻ فراز علي ميتلو ٻڌايو ته سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم تي 3 مهينا اڳ ايڌي سينٽر کي مڪيل نامعلوم نوجوان جي شڪي لاش جي قبرڪشائي ڪرائي ان جي ڊي اين اي ڪرائي رهيا آهيون في الحال ڪجهه به نٿو چئي سگهجي پر انشاءَ الله جلد ڪيس کي حل ڪنداسين. ياد رهي ته 14 سالن جو پاٽ سيد آباد واسي ٽينگر عمير سهتو اٽڪل 3 مهينا اڳ 16 جولاءِ تي سيوهڻ جي شاهي بازار مان پراسرار نموني گم ٿي ٿيو هو جنهن جي گمشدگي معمو بنيل آهي ۽ پوليس لاءِ چئلينج بنيل آهي.

بقايا 5 — شار ملهائي وئي

وهڪري ۾ وهي وڃڻ بدران پنهنجي پيشي جي مقدس هجڻ جو ڀرم رکي خبرن ۽ حقيقي رپورٽن جي طاقت سان ملڪ ۾ انصاف، انساني حقن ۽ جمهوريت جي بقا لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ تمام ڳنڀير مشڪلاتن ۽ عذابن جو شڪار آهي، ان صورتحال ۾ سڀني جي گڏيل طاقت جي ضرورت آهي، ٻي صورت ۾ سنڌ جو درياهه، زمينون، معدنيات سڀ ڪجهه ڦرجي وينديون جنهن لاءِ خاص طور سنڌي صحافين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. فورم جي چيئرمين مسعود نورائي وڪيل چيو ته جي اين مغل اسان جو زنده اساسو آهي، جنهن شاگرد مزاحمتي سياست کان صحافت تائين پنهنجي هڪ خاص سڃاڻپ حاصل ڪئي آهي، هو اڄ به صحافتي قلم وسيلي سنڌ جو ڪيس وڙهي رهيو آهي، دانشور 32 ڪتابن جي ليکڪ ۽ سماجي خدمتگار اعجاز قريشي چيو ته جي اين مغل حيدرآباد، ڪراچي کان ملتان ۽ اسلام آباد تائين صحافتي دنيا جو چمڪندڙ ستارو آهي ،هن ون يونٽ کان وٺي ڪالاباغ ڊيم تائين اول سياسي ۽ پوءِ صحافتي قلم وسيلي پنهنجي منفرد تاريخ جوڙي آهي، سيد مراد علي شاهه جو والد ۽ اڳوڻو سنڌ جو وڏو وزير سيد عبدالله شاهه هن جو ويجهو دوست هو جنهن لاءِ ان جي پٽ ۽ هاڻوڪي سنڌ جي وڏي وزير کي جي اين مغل جي ڪتابن شايع ڪرائڻ کان وٺي هن جي علاج ۽ ٻين مشڪلاتن جو خاص طور ڌيان ڏيڻ گهرجي، روزاني هلچل جي چيف ايڊيٽر ۽ صحافي يونس مهر چيو ته جي اين مغل انگريزي، سنڌي ۽ اردو صحافت جو وڏو نالو آهي، هن پنهنجي صحافتي قلم وسيلي سنڌ جو ڪيس رکي پنهنجي قوم جو حق ادا ڪيو آهي، جڏهن ڪنهن قوم جو درياهه ۽ زمينون کسيون وڃن، مظلومن کي ٽيسٽ نابود ڪرڻ جا فيڊريشن وسيلي منصوبا جوڙيا وڃن، ته پوءِ صحافت اڻ ڊري نه ٿي ٿئي سگهي، جي اي مغل به پنهنجو اتهن مسئلن تي قوم مظلومن جي ڊر بڻجي صحافت ڪئي، نامور صحافي مظهر عباس چيو ته جي اين مغل انگريزي، اردو سان گڏ ملڪ جي بااثر سنڌي صحافت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سنڌي صحافت جي جمهوريت ،انسائي ۽ سنڌ جي حقن واري ڪردار ڪري سيد مشاهد حسين تي به اهو ڪم رکيو ويو هو ته سنڌي صحافت کي ڪمزور ۽ بي اثر بڻائيو وڃي، پر جي اين مغل،انور پيرزادو سميت ٻين بااصول سنڌي صحافين ڪري اڄ به ڪافي مشڪلاتن هوندي به سنڌي صحافت ان نموني قيد نه ٿي سگهي آهي، جيئن مٿيان حڪمران چاهن ٿا ،جي اين مغل ۽ سنڌ جي آزاد صحافت لاءِ جوڙيل صحافتي تنظيم جي باڻين ۾ شامل آهي،سنڌ ويزن جي سربراهه ڊاڪٽر محبوب شيخ چيو ته جي اين مغل جي هڪ سڃاڻپ شاگرد اڳواڻ واري به آهي، هو پنهنجي ڪاليج جي يونين جو سرگرم عهديدار ۽ 4 مارچ، ون يونٽ خلاف مزاحمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هو هن پنهنجي شاگرد سياست جي سنڌ دوستي کي صحافت ۾ تبديل ڪري قوم جو ڪيس تيار ڪندو رهيو آهي، اسان جي اين مغل سان گڏجي ادب ۽ سياست جي تعليم گڏجي حاصل ڪئي هئي، ڊاڪٽر ايوب شيخ چيو ته ضياءَ جي آمريت ۾ صحافين جي جدوجهد ۾ جي اين مغل جي صلاح سان رسول بخش پليجو جي عوامي تحريڪ ۽ ان جي هاري تحريڪ جو فيصلاڪن ڪردار ڪري صحافين جي جدوجهد کي طاقت ملي هئي، جي اين مغل بينظير ڀٽو جي تعلقاتن ۽ ڄام صادق جي ڌمڪين جي پرواهه ڪرڻ جي هڪ لمحي لاءِ به ڪنهن خبر کي نه روڪيو نه ڪا پرواهه ڪئي، هن عمر ڀر ايمانداري سان پنهنجي پيشي ۾ ڪردار ادا ڪيس اڄ 99.9 صحافي حڪومت کان پئسا وٺن ٿا، پاڻ به ڪائن ٿا ۽ مالڪن کي به خوش رکن ٿا، ان ڪري اتهن مان ڪو جي اين مغل پيدا نه ٿو ٿي سگهي، ان موقعي تي تي سنڌي ۽ انگريزيءَ جي ڪتابن جي ليکڪ ۽ رٽائرڊ ڪاموري شاهنواز مهيسر ،محمد اسلم بلوچ، اسحاق سومرو، غلام سرور ڪيڙو شعيب بکڪ ،رفيق احمد جعفري ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو ته فورم طرفان اها سٺي روايت وجهي نامور شخصيتن کي اتهن جي زندگيءَ ۾ ئي مڃتا ڏئي ان جي شروعات نامور صحافي جي اين مغل کان ڪئي آهي جي اين مغل ٽن ٻولين ۾ صحافت ڪري جيڪي ڪجهه لکيو آهي، افسوس ته اڄ ڏينهن تائين سنڌ حڪومت ۽ ٻئي اشاعتي ادارن هن جو هڪ به ڪتاب شايع نه ڪيو آهي، جي اين مغل سخت سياسي ۽ صحافت جي مشڪلاتن ۾ پنهنجي جنگ ۽ قربانين جي ويڙه وڙهي آهي، صحافت ۾ آيل ٿئون نسل ان جي نقش قدم تي هلي سنڌ جو ڪيس وڙهي ۽ سنڌي صحافت ۾ ڪا سچ گرهڻ لڳڻ نه ڏئي. پروگرام ۾ نامور ليکڪ ذوالفقار هاليپوٽو ،ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ ڪالم نويس محمد خان ابڙو، سرور سميجو ،شميم قاضي، صحافي شير محمد ڪهاوڙ صحافي وحيد راڄپر ،ذوالفقار واهوچو ۽ ٻيا قلم ڌڻي موجود هئا.

بقايا 6 — فڪري ليڪچر

خطبي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين *ڊاڪٽر اسحاق سميجي* چيو ته ' آئون سمجهان ٿو ته اڄ والدين، عالم ۽ ٻولي ڳالهائيندڙ اها ڳڻتي محسوس ڪن ٿا ته ايندڙ نسلن وٽ اسان جي ٻوليءَ جي شڪل ڪهڙي هوندي؟ چوڻ هن دور ۾ اهي ماڻهو موجود آهن، جيڪي سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهيا، ڪي سنڌي ٻوليءَ جو الڪو رکندڙ استاد ۽ والدين مليا، اتهن ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا پڙهيا ۽ ٻوليءَ لاءِ وٽن محبت هئي، پر هاڻ جو ٻار جيڪو گهڻ ٻولياڻي تعليمي سرشتي ۾ پڙهي ٿو، ڌارين ٻولين سان واهپي ۾ آهي.

بقايا 7 — چوري، احتجاج

پوليس اڳهور ٽنڊ سٽل آهي هتي جا رهواسي پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهڻ لڳا آهن هتي جي رهاڪن وسوارن عملدارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي اسان جي وسندين جي حفاظت ڪري بي چيني دور ڪئي وڃي حاجي محمد عالم ڪاڪيپوٽو نمائندو عبرت نصرپور

بقايا 8 — جوڻيجو جو ٽيجهو

جوڻيجو ۾ ٿي گڏيو جنهن ۾ سياسي سماجي شخصيت سميت ڙ جي ماڻهن ۽ متن ماڻٿن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم نورل جوڻيجو جي لاڏائي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ سينيٽر دوست محمد دومڪي . اڳوڻي سينيٽر امام الدين شوقين. صوبائي وزير محمد علي شاهه جاموٽ. عاجز ڌامراهه. ايم اين اي شهريار مهر . اين اي اي خورشيد جوڻيجو ضلعي چيئرمين مخدوم احمدالزمان ايم اين اي شبير بجاراڻي. ايم اين اي امير علي شاهه. ايم پي اي ملڪ اسد سڪندر سميت ٻين ڳوٺ سنجر جوڻيجو پهچي پوئيرن محمد خان جوڻيجو جهانگير جوڻيجو. صلاح الدين جوڻيجو عالمگير جوڻيجو ۽ ٻين سان عذرخواهي ڪندي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 9 — زخمي فرار ٿيا

جا ٻٽ هڻي فرار ٿيل هٿياربند ڌورن جو پيڇو ڪرڻ تي جڏهن ٿائون ۾ رهواسين ٽڪري ڌورن کي گهيري ۾ آڻي سخت مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربند ڌورن جي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب 2 رهواسي علي شان راجپوت ۽ انور راجپوت زخمي ٿي پيا جن زخمين کي سمس اسپتال آندو ويو جتان ڪين حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جڏهن ته رهواسين مڙسي ڪري 2 مبينه ڌورن کي ڊوڙائي ڊوڙائي پڪڙي ڏاڍي ڦيهه ڪڍي پوليس حوالي ڪيو ويو پڪڙي پوليس حوالي ڪيل ڌورن جي سڃاڻپ هڪ فيصل آباد جو رهواسي حق نواز پٽ عمر فاروق، ۽ ٻيو جهول واسي ساجد پٽ غلام نبي، پنجابي طور ٻڌايو پيو وڃي. هڪ نامعلوم فرار ٿي ويو. ڌورن جي فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف ڇانئجي ويو پوليس پڪڙيل ڌورن جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 10 — سڙي رک

نمائندن لاڳاپيل اختيارين کان سائهتا جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 11 — سڙي زخمي

ڪي باهه وڪوڙي وٺي جنهن ۾ منهنجو پائٽيو به ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي سخت زخمي ٿي پيو جنهن جو 65 سيڪڙو جسم سڙي ويو آهي.

بقايا 12 — پڇائي تي پهتو

ڪي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو انجنيئر غضنفر قادري چيو ته ميوت ڳالا ۾ تفريح سان گڏ آگاهي لاءِ بهترين اسٽال نظر آيا، هن چيو ته ڪتابن جا اسٽال، فن، راندين ڪانسواءِ نادرا، لائسنس برانچ، موٽروي پوليس ۽ مددگار رسڪيو جا اسٽال شاگردن جي سکڻ ۽ آگاهي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين موقعو ثابت ٿيندا

بقايا 13 — مرڪز بحيل

جوا ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

بقايا 14 — احتجاج

ايچ او جي اڪائونٽ ۾ موڪليون ويون آهن ان جي باوجود ڊي ايچ او پگهارون نه ٿو ڏي. هنن چيو ته سموري سنڌ جي ملازمن کي پگهارون جاري ڪيون ويون آهن پر هن وقت تائين ڊي ايچ او خيرپور مسلسل پنڊ ڪرائي لنوائي رهيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پگهارون ڏئي ڦهليل بيچيني ختم ڪرائي وڃي .

بقايا 15 — آڏو احتجاج

اختيار ڪيو ويو آهي ته اڍائي سال اڳ 11 ورهين جي ٽينگري ساڻره کي پرچوئڊي پيرن جي حويلي ۾ سامر طور رهايو گڏريل ڏيڍ مهيني کان ٽيائي سان ملاقات نه پئي ڪرائي وڃي،

بقايا 16 — يونٽ قائم

يونٽن علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ٽوٽل پيشنٽ 96 ڪيمپ ۾ مرد پيشنٽ 20 ۽ ليڊيز پيشنٽ 46 جڏهن ته ڪيمپ ۾ 30 ننڍن ٻارن جو علاج ۽ ليب بلڊ ٽيسٽون 63 ڪيون ويون الٽراسائونڊ 11 ايڪسري 0 اي سي جي 03 ڪاري سائي مليريا شگر جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون ڳوٺ واسين وزيرعلي' سنڌ جي صلاح ڪار محترم گياتچند ايسراڻي صاحب جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ت هن مهانگائي واري دور ۾ مهانگي علاج جي هئڻ سبب اسان مسڪينن جي ڳوٺ اڳيان گهر جي دروازي تي هيڏي مهانگي علاج جي سهولت مهيا ڪري ڏني جنهن ۾ مهانگيون ٽيسٽون علاج سڀ فري ۾ ڪيو ويو

بقايا 17 — افتتاح

خاص ضرورتن وارن ماڻهن کي مفت معياري موسيقي جي تعليم فراهم ڪندي

بقايا 18 — سراپا احتجاج

غائب رهي ٿي جنهن سبب روز مرهه جي وقت گهرن ۾ عورتن کي کاڌو تيار ڪرڻ لاءِ ڏکيو پئجي ويو آهي

بقايا 19 — عذرا پيچوهو

۽ آبادي جي ڀلائي واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته هر ضلعي ۾ بنيادي سطح تي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. ڪنهن به مرڪز ۾ دوائن يا عملي جي ڪوتاهي ناقابل قبول آهي.

بقايا 20 — شاندار استقبال

مان اوهان کي چوان ٿو اوهان سوچي سمجهي ووٽ ڪاسٽ ڪجو اگر مان سنڌ بار ووٽ جو اهل هجان ته پنهنجو قيمتي ووٽ ڏجو اگر اهل نه هجان ته مون کي ووٽ ڏيڻ بدران ڪنهن انسان دوست ۽ سنڌ دوست ڀاءِ ووٽ ڏ جو جيڪو سنڌ ۽ سنڌين لاءِ آواز اٿاري اتهن سان گڏ بيهو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ فيصل مغل ، ايڊووڪيٽ ڏٺي بخش سولنگي ، ايڊووڪيٽ ساجد علي گورڙ ، ايڊووڪيٽ اصغر پتوجو ، جي ڊي اي اڳواڻ شهري اتحاد ميهڙ جو چيئرمين نياز علي ٻرڙو ، ايڊووڪيٽ منور جتوئي ، ايڊووڪيٽ عزيز الله ٻرڙو ، ايڊووڪيٽ شير علي چانڊيو ، ايڊووڪيٽ محمد علي ڪانڌڙو ، ايڊووڪيٽ عابد ڪلهوڙو ۽ ٻيا به موجود هئا

بقايا 21 — احتجاج

ڳوٺائن جي گهرن تي چڙهائي ڪري گهرن ۾ اندر داخل ٿي ٻن عورتن ڇهن مردن کي ڪهاڙيون لٺيون هڻي زخمي ڪرڻ ، هٿيارن جا ٻٽ هڻي زخمي ڪرڻ ڪائيهو گهر ۾ بيٺل خريد ڪيل مينهن ڪاهي وڃڻ ۽ ٻن نوجوانن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش جي خلاف ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا 22 — سردار علي شاهه

واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي.

بقايا 23 — سيمينار منعقد

ڪاتي طرفان هيب ڊولپمنٽ تنظيم جي سهڪار سان نيو سٽي پبلڪ اسڪول راڄوخاڻي ۾ منعقد ڪيو ويو.

بقايا 24 — منتقل

مرتضيٰ اوڊ کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اٿدس اسپتال بدين منتقل ڪيو ويو آهي ڪوسڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي حادثي جو شڪار گاڏين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته وين ڊرائيور موقعي تان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڪوسڪي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 25 — احتجاج

چيو ته آئون بلوچستان حڪومت سميت اغوا ڪارن کي هٿ ٻڌي اپيل ڪيان ٿو ته خدارا اسين غريب آهيون منهنجا پائر پوروهيو ڪرڻ لاءِ ڪوئيٽ ويل هئا جنهن ڪري اتهن کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 26 — غفلت جو الزام

ڪرڻ سبب سندس نوجوان ٽنهن 30ورهين جي شهزادي زال شمن ڏاهري دهجي فوت ٿي وئي ۽ رضا محمد ڏاهري جي 8 ورهين جي ٽيائي سيما ڏاهري سخت زخمي ٿي پئي،

بقايا 27 — 10ڄڻا گرفتار

ورتي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڇاپي دوران 6 ايڪٽو ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو

بقايا 28 — تاريخي فيصلو

غيرت جي نالي تي قتل ناقابل معافي ڏوهه آهي ۽ اهڙن ڪيسن ۾ ٺاهه يا معاوضي جي ڪا به گنجائش نه آهي. عدالت چيو ته معاشري ۾ اهڙن ڏوهن جي روڪٿام لاءِ مثالي سزائون ڏيڻ ضروري آهن عدالت پاران پوليس ۽ انساني حقن واري ڪميشن کي وڌيڪ ڪارروائي ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وئي ۽ ساڳئي وقت حڪم ڏنو ويو ته ڪوڙين شاهدين ۽ جعلسازي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. عدالتي فيصلي مطابق، موت جي سزا جي توثيق لاءِ ڪيس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪليو ويو آهي. ياد رهي ته ٽنهي جوابدارن جو تعلق خانگڙهه جي ڳوٺ قائم سيال سان تعلق رکندڙ آهن جن مٿان پوليس اسٽيشن خانپور مهر تي ڪيس داخل ٿيل هو

بقايا 29 — نثار کهڙو

آڏو سخت احتجاج وزيراعظم کان مداخلت ڪري پنجاب حڪومت کان سنڌ لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي فراهمي فوري شروع ڪرائڻ جو مطالبو

بقايا 30 — استقباليه ڊنر ويو

الطاف جوڻيجو ۽ ممتاز جروار ۾ زبردست مقابلي واري صورتحال بعد شهدادپور بار ۾ وڪيلن پاران ڏنل اچيائي ۾ شهدادپور بار ايسوسيئيشن صدر آغا افتخار ترين. نائب صدر ڪشور ڪمار جنرل سيڪريٽري فياض خاصخيلي پاران ڏنل استقباليه ۾ ضلع جي وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل اميدوار ٽندڪمار ڳوڪلاڻي ماما هاشم لغاري خطاب ڪندي چيو ته اسان سدائين بار جي مسئلن جي حل ۽ وڪيلن سان هر پيري ڪلهي ڪلهي ۾ ملائي گڏ بيٺا آهيون ۽ رهنداسين ۽ انشاءَ الله بار جي مسئلن جي حل لاءِ به اڳتي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪنداسين ان موقعي تي ڪين لوڏڪي ۽ گلن جا گل پيش ڪيا ويا

بقايا 31 — هڪ ڄڻو قتل

ٻڌايو پيو وڃي ته قلبوٽا جي ٻن ڌرين ۾ زميني معاملي تا جهيڙو هلندڙ آ ۽ ان جهيڙي ۾ ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن هي حملو به ان جو ڪارڻ ٻڌايو پيو وڃي ٻي طرف خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني ۽ زمينن تي قبضن لاقانونيت تي خيرپور جي شهرين ۾ وڏي تشويش آهي بااثر ماڻهو زمينن تي قبضا ڪري ويهي ٿا رهن ۽ روينيو کاتو ۽ ٻيا ادارا تماش بين بڻيل آهن .

بقايا 32 — انصاف جو مطالبو

پوليس، ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 33 — مطالبو

گيهه تيل. چانور. چانهه پتيءَ سميت روزمره جون استعمال ٿيندڙ شيون مزدور ۽ پورهيت لاءِ عجب عجوبو بڻيو پيو آهي سنڌ جا حڪمران انڌ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جون ڪوڙيون دعوائون ڪري عوام کي گمراهه ڪري پنهنجا کيسا ڀري پرياشيءَ واري زندگيءَ جا مزا ماڻي رهيا آهن سدائين سوٽن بوٽن واري لباس ۾ ۽ آرام باش بنا جهٽڪن ڪاٺ وارين گاڏين ۾ مفت واري تيل تي ۽ سرڪاري هٿيارن سان ليس پوليس جي ڪاري شرٽ ۽ خاڪي پرلوب ۾ ۽ ڦل مليشي ۽ پٽاپٽي سان گڏ ڦل خاڪي وردي ۽ پهريدار جڻ ڪي لهر نه لوڏو ڏين پيا غريب عوام کي ڌوڪو ان کان علاوهه سنڌ جي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بٽ اٿهن ڪان نه پيو پڇي.سماجي برايون عروج تي آهن. شراب نوشي ڀنگ خوري چرس خوري هيروئن خوري. آئس خوري جواخوري. وياج خوري. قتل خوري. زناخوري به حد درجي جي وڌي وئي آهي بدامنيءَ جو اوڄتو وڌڻ به غريب ماڻهن لاءِ گنگو ڪچيءَ ۾ پيل آهي چور لوفر فراڊي ماڻهو آجا آهن چا سنڌ جا ننڍا وڏا شهر ۽ ٻهراڙيون اتهن سڀني مسئلن ۾ ڦاٿل رهندا ان مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته عوام کي لٽڻ سان گڏ مارئو به آهي جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران پارٽيءَ جون پنهنجي فائدي وارن ڪمن طرف ڌيان رڌو پيو آهي پر عوام جي سماجي ڪمن جي ڪرڻ کان نابري آهي پوءِ ڀلي چوڻ مهانگائي هجي يا سماجي برائي يا کاڌي پيتي جي شين جو معيار ڪهڙو به هجي مارڪيٽ ۾ غير معياري شين سان گڏ غير معياري دوائون به وڏي مقدار ۾ وڪرو ٿين پيون سمورو انتظامي ڍانچو ٽيڙو لڳو پيو آهي سنڌ حڪومت تي ڪا ڪر ٿي نه پئي اچي ٿهڙو وري بلدياتي نظام ۽ ان ۾ چونڊيل نمائندا به سنڌ سرڪاري حڪمرانن ۽ آفيسرن جي اڳيان حاضر سائين آهن ان کان علاوهه ضلعي خيرپور ميرس جي ضلعي انتظاميه سان گڏ گمبٽ تعلقي جي انتظاميه سڀ سهولتون وٺندي خاموش ٿي وڃڻ کي پنهنجو خير گهري ٿي .اتهن سڀني ذميوارن جو نمونو هڪ فارمولي تي ٿي جڙيل آهي ته مسڪين عوام ڦريو ۽ ڦرايو مزا ماڻيو جي نعري کي رد ڪندي راضيديرو جي مسڪين ماڻهن جي مليل جليل طور تي تجزيو ڪندي چيو آهي جيڪي عام رواجي زندگيءَ کي گذارڻ ۽ اتهن سان پيش ايندڙ مسئلن کي ڪيئن منهن ڏين ٿا ان دوران اتهن سنڌ جي سياسي ۽ انتظامي سسٽم کي هي هڪ انڌو الميو قرار ڏنو آهي ۽ هڪ سوال طور سنڌ جي حڪمرانن ۽ انتظاميه جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي

بقايا 34 — اسپتال داخل

ربيز ويڪسين سينٽر منتقل ڪيو جتي ڪيس ويڪسين ۽ طبي امداد ڏني وئي. ان موقعي تي نوجوان جي پيرسن والد الهه ڏنو واهوچو ٻڌايو ته رات جو رولو ڪتڻ منهنجي ذهني مريض پٽ مٿان حملو ڪري ڪيس جسم جي مختلف حصن تي چڪ هڻي ڏاڙهي رٿورت ڪري ڇڏيو جنهن کي اسپتال داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽرن ڪيس طبي امداد ڏني آهي.

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني لميٽيڊ

HESCO

مخصوص پروڪيورمينٽ نوٽيس

درخواست براءِ واڪ

(ٻہ لفافا جي طريقيڪار جي تحت)

ملڪ: پاڪستان

پراجيڪٽ جو نالو: بجلي تقسيم جي ڪارڪردگي ۾ بهتري جو منصوبو (EDEIP)

معاهدي جو عنوان: 30000 اسمارٽ (AMI) ميٽرز سان لاڳاپيل سامان جي فراهمي.

قرض نمبر: IBRD-93180-PK

RFB Reference No.PK-HESCO-GOODS-AMI METERS-ICB/09

1. حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپنيءَ (HESCO) بجلي جي تقسيم جي ڪارڪردگي ۾ بهتري جي منصوبي (EDEIP) جي لاءِ عالمي بينڪ کان مالي معاونت حاصل ڪئي آهي ۽ ان قرضي جي هڪ رقم کي 30000 اسمارٽ (AMI) ميٽرز سان لاڳاپيل سامان جي فراهمي جي معاهدي جي ادائگي جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.
2. حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO) هاڻ اهل واڪ ڊيندڙن کي دعوت ڏي ٿي ته هو 30000 "اسمارٽ (AMI) ميٽرز سان لاڳاپيل سامان جي فراهمي" جي لاءِ مهربند واڪ جمع ڪرائين. جيئن ته هيٺ بيان ڪيو ويو آهي.

Lot #	Description of Material		Unit	Quantity
I	Single Phase Smart AMI Meters		Nos.	27,700
II	Three Phase (whole current) Smart AMI Meters		Nos.	2,300
III	Service Connection materials			
	a) Aerial Bundled Cable (ABC)			
	i)	2 Core 10 mm² Al (Phase+ Neutral), XLPE, 600/1000 V	Meter	831,000
	ii)	4 Core 16 mm² Al (3-Phase+ Neutral), XLPE, 600/1000 V	Meter	69,000
IV	a) Service Dead-End/Wedge Clamp			
	i)	For 2 Core 10 mm² ABC	Nos.	55,400
	ii)	For 4 Core 16 mm² ABC	Nos.	4,600
	b) Insulation Piercing Connector (IPC)			
	i)	10–95 mm² main , IP54	Nos.	55,400
	ii)	16–95 mm² main , IP54	Nos.	9,200

3. واڪ جو عمل بين الاقوامي مسابقتي خريداري جي ذريعي "درخواست براءِ واڪ (RFB)" جي تحت منعقد ڪيو ويندو جيڪو عالمي بينڪ جي "قرض گيران براءِ سرمايہ جاتي منصوبي (Borrowers IPF) جي لاءِ خريداري جي ضابطن (تاريخ نومبر 2020) جي مطابق آهي هي عمل انهن سمورن اهل واڪ ڊيندڙن جي لاءِ کليل آهي جن جي اهليت انهن جي ضابطن ۾ متعين ڪئي وئي آهي.
4. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڊيندڙ وڌيڪ معلومات لاءِ چيف انجنيئر (ڊولپمينٽ) پي ايم يو حيسڪو حيدرآباد جي آفيس مان حاصل ڪري سگهن ٿا آفيس جي وقت ۾ صبح 9:00 وڳي کان شام 4:00 وڳي تائين ايڊريس تي "بنگلو نمبر: A-1 حيسڪو پاور ونگ ڪالوني حسين آباد حيدرآباد".
5. واڪ دستاويز (Bidding Document) انگريزي ٻولي ۾ دلچسپي رکندڙ واڪ ڊيندڙن کي ڪمپني جي ليٽر هيڊ تي لکت درخواست ڏيڻ ۽ غير واپسي قابل في 10000 رپيا يا آمريڪي ڊالر -/50 جي ادائگي تي فراهم ڪيو ويندو. ادائگي جو طريقو: ڪيشيئرز چيڪ يا بينڪ ڊرافٽ هوندو جيڪو پاڪستان جي ڪنهن به مجاز بينڪ مان چيف انجنيئر (ڊولپمينٽ) پي ايم يو حيسڪو جي حق ۾ ادا ڪيو وڃي. دستاويزات پاڻ خود وصول ڪري سگهجن ٿا يا ڪوريئر سروس ذريعي موڪلي سگهجن ٿا: ملڪي ترسيل لاءِ اضافي فيس 2000 رپيا. بين الاقوامي ترسيل لاءِ ايڪسپريس ايئر ميل جي ذريعي اضافي آمريڪي ڊالر -/60 جي ادائگي تي دستاويز جي ضياع يا دير سان ترسيل جي ذميواري قبول نہ ڪئي ويندي. واڪ کولڻ جي ڏينهن ڪو نئون دستاويز جاري نہ ڪيو ويندو دستاويز صرف جائز مقصدن لاءِ حيسڪو جي ويب سائيٽ: https://www.hesco.gov.pk تان مفت ڊائون لوڊ ڪر سگهجن ٿا.
6. واڪ 09 ڊسمبر 2025 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين هيٺ ڄاڻايل ايڊريس تي جمع ڪرايا وڃن اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ جي اجازت نہ هوندي. دير سان وصول ٿيندڙ واڪ رد ڪيا ويندا. ٻيروني لفافو جنهن تي "Origenal Bid" لکيل هجي اندروني لفافو جنهن تي "Technical Part" لکيل هجي کي واڪ ڊيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ 09 ڊسمبر 2025 تي واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري مدي کان فورن بعدعوامي طور تي کوليو ويندو سمورا لفافا جن تي "Financial: Second Envelop Part" لکيل هجي بند رکيا ويندا ۽ بي عوامي اجلاس تائين محفوظ رهندا.
7. سمورن واڪن سان گڏ هڪ واڪ ضمانت ("Bid Security") منسلڪ هئڻ ضروري آهي جهڙوڪ واڪ دستاويز ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

Lot No.	Bid Security Amount
Lot-I	**US$ 101,000/-** (One Hundred One Thousand US Dollar) or **PKR 28,600,000/-** (Twenty-Eight Million Six Hundred Thousand PAK Rupee)
Lot-II	**US$ 16,000/-** (Sixteen Thousand US Dollar) or **PKR 4,500,000/-** (Four Million Five Hundred Thousand PAK Rupee only)
Lot-III	**US$ 21,000/-** (Twenty-One Thousand US Dollar) or **PKR 5,900,000/-** (Five Million Nine Hundred Thousand PAK Rupee only)
Lot-IV	**US$ 8,500/-** (Eight Thousand Five Hundred US Dollar) or **PKR 2,400,000 /-** (Two Million Four Hundred Thousand PAK Rupee only)

3. خريداري جي ضابطن جي روشني ۾ قرض گير اداري کي پابند ڪيو ويو آهي اهي ڪامياب واڪ ڊيندڙن جا حقيقي (Beneficial) مالڪ جي معلومات معاهدي جي تفويض جي نوٽيس ۾ ظاهر ڪري. جنهن لاءِ "Beneficial Ownership Disclosure Form" واڪ دستاويز ۾ شامل آهي.
4. وڌيڪ رابطي لاءِ ايڊريس:

چيف انجنيئر (ڊولپمينٽ)، پي ايم يو، حيسڪو
بنگلو نمبر:A-1، حيسڪو ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
فون نمبر:022-9260070 فيڪس:022-9260525 اي ميل:cepmu@hesco.gov.pk

PID(H) 151/2025

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 511 سال 2025

مسمات فائضه زال جعفر ڌيءِ علي حسن خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ مير جان محمد خاصخيلي ديهه-86 نصرت تعلقو نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: جعفر پٽ غلام ڪريم خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ميرجان محمد خاصخيلي ديهه-86 نصرت تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول فيملي جج اينڊ جي ايم-II قاضي احمد
فيملي سوٽ نمبر15 سال 2025

مسمات بينظير ڌيءِ منٺار چانڊيو رهندڙ ڳوٺ مرزو خان چانڊيو حال نبي بخش ڪالوني تعلقو قاضي احمد ...پلينٽف...خلاف: جاويد علي پٽ منظور چانڊيو مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ مرزو چانڊيو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج اينڊ فيملي جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-I ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب روزينہ قمبراڻي)
فيملي ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر01 سال 2025

مسمات عاصمه بيواهه محمد ادريس بالغ مسلم ذات ڪنيار رهندڙ مسڻ وڏي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...ايپليڪينٽ...خلاف: عاشق پٽ محمد سومر ذات جويو رهندڙ سمن موري تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص. بي ايڊريس: واپڊا آفيس جهڏو ضلعو ميرپورخاص....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن يو/او 21 رول 11 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-I ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب فهيم الدين سهتو)
ايف سي ايس نمبر99 سال 2025

شريمتي پنسي بيواهه ويرمون ڪچي پٽ جيوڻ پريوبوسلي سي اين آءِ سي نمبر 41303-0599604-7 بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ ڳوٺ الهه بچايو جمالي تعلقو جهنڊومري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) ريجنل هيڊ نادرا حيدرآباد (3) مئنيجر/ ڊپٽي ڊائريڪٽر نادرا رجسٽريشن سينٽر ٽنڊوالهيار (4) دي پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب فهيم الدين سهتو)
ايف سي ايس نمبر89 سال 2025

جمنا ڪولهي زال ديا رام بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ ڳوٺ عصمت الله نظاماڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: (1) سيڪريٽري انٽيريئر افيئرز اسلام آباد (2) مئنيجر آپريشن نادرا آفيس اسلام آباد (3) دي انچارج آفيس نادرا آفيس ٽنڊوالهيار (4) دي پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 147 سال 2025

مسمات مهوش سلطانه ڌيءِ محمد علي پرڳڙي مسلم بالغ رهندڙ امامبه ڪالوني نوابشاهه تعلقو نوابشاهه...ايپليڪينٽ...خلاف: امتياز حسين پٽ علي حسن ناريجو مسلم بالغ رهندڙ پلاٽ نمبر04 محلا 19 ڪوئيسل اسٽريٽ فيز-II ڊي ايچ اي ڪراچي ضلعو ڪراچي سائوٿ. سيل نمبر: 0301-2332486 ۽ 0300-2907075...آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 07، 10 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 اِن دي ميٽر آف اپائينٽمينٽ آف دي ايپليڪينٽ ايز اي گارڊين آف دي مائنر نالي: (1) بي بي MAHAIKA عمر اٽڪل 05 سال لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 6th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر .... سال 2025

نذير حسين پٽ انور علي ڪنيار رهندڙ هائوس نمبر09 محلا محبوب ٽائون ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: خدا بخش پٽ محمد ابراهيم ڪنيار رهندڙ ڪنيار پاڙو ٽنڊو جام تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ انڊر آرڊر XXXVII رول 1 ۽ 2 سول پروسيجر 1908 تحت رڪوري -/2820000 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ VIth حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته درخواست ڪندڙ مسمات شريفان والدحاجي بخشڻ خان جمالي رهندڙ ڳوٺ علي خان جمالي تعلقو سعيد آباد جو عرض ٿو ڪريان ته منهنجو والد جيڪو تاريخ 23-10-04 تي وفات ڪري ويو آهي مرحوم جي زرعي زمين/ جڳهه- پلاٽ ديهه راهو تپو ڪيترو ۾ سروي نمبر 339/3، 339/4، 352/1، 353/2A&D ۽ ٻيا ڪل ايراضي 32-20 ايڪڙ مان آهي جنهن جي فوتي کاتي بدلائڻ لاءِ درخواست مختيار ڪار جي آفيس ۾ ڏني آهي مرحوم جا جائز وارث هيٺين ريت آهن هن وقت مسمات پنهو زال مرحوم بخشڻ تاريخ......... تي فوت ٿي وئي. (1)مسمات نور خاتون (ڌيءَ) (2) مسمات زينت (ڌيءَ) (3) مسمات ليلا (ڌيءَ) (4) مسمات شريفان (ڌيءَ)، (5) مسمات عزيزان (ڌيءَ) (6) منظور علي (پٽ) (7) فدا حسين (پٽ) (8) صدورو (پٽ). فوتي سني مذهب سان تعلق رکندڙ هو. اگر مٿين وارثن کان علاوه ڪوبہ ماڻهو فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو ته هن اشاعت جي 08 ڏينهن جي اندر مختيارڪار آفيس تعلقي سعيد آباد ۾ ڪاغذي ثبوتن سان گڏ پنهنجو اعتراض داخل ڪري، مٿيون معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبہ اعتراض قبول نہ رهندو. فوتي کاتو ڄاڻايل وارثن جي نالي تي ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو سعيد آباد

لاتعلقي جواظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي بلاول ولد ڏٺي بخش پنهور سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهيان جيڪي غلط صحبت ۾ اچي ڪري منهنجوگهر وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن ته منهنجو ٻيو به اولاد آهي جيڪي اهي گهر ۾ حصيدار آهن. آئون پنهنجي پٽ نالي بلاول ولد ڏٺي بخش پنهور کي سموري ملڪيت کان قطعي لاتعلقي جو اظهار ٿو ڪريان. منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي

ڏٺي بخش ولد محمد ايوب پنهور
رهندڙ سحرش نگر نزد درگاه گل شاهه بخاري
قاسم آباد حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون دين محمد چانڊيو ولد عطامحمد چانڊيو رهندڙ گهر نمبر A-187/D-4 نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد هڪ عدد فليٽ نمبر A-13 فورٿ فلور ايراضي 25-1008 چورس فوٽ واقع گرين هومز هائوسنگ اسڪيم ريونيو سروي نمبر 243 ديهه سري تعلقو قاسم آباد حيدرآباد نالي مسمات ثمينه انصاري زال ڪامران انصاري رهندڙ پلاٽ نمبر C-28 فليٽ نمبر C-2 گلي نمبر 9 خيابان سحر فيز 7 ڊي ايچ اي ڪراچي کان خريد ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن قسم جو ڪوبہ قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر لاڳاپيل اداري سان رابطي ۾ اچي معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قبول نہ هوندو.

دين محمد چانڊيو ولد عطامحمد چانڊيو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار برڪت علي ولد محمد وريام اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 524 ديهه سڪپور ٽپو اي-هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتڻ مسمات بچان ڌي فضل زال وريام جيڪو مورخه 26.11.2007 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: بخت علي (پٽ)، لياقت علي (پٽ)، برڪت علي (پٽ)، مسمات زوران (ڌي)، مسمات لعل (ڌي)، مسمات سمي (ڌي)، مسمات سلون (ڌي)، مسمات نور بانو (ڌي)، فوتڻ مسمات زوران ڌي وريام زال منظور جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: مسمات شدي (ڌي)، مسمات بدري (ڌي)، مسمات پروين (ڌي)، فوتڻ مسمات شدي ڌي منظور جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث : محمد علي (پٽ)، بچايو (مڙس). فوتڻ مسمات لعل خاتون ڌي وريام زال عرض محمد جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: حاجي (پٽ)، بڏو (پٽ)، مسمات روشن (ڌي)، فوتڻ مسمات سلون ڌي وريام زال قادر جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: لعل بخش (پٽ)، محمد بخش (پٽ)، مسمات قز بانو (ڌي)، مسمات نور بانو (ڌي)، مسمات سونا (ڌي)، فوتڻ مسمات سونا زال ولي محمد جيڪو مورخه01.01.1980 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: الله بخش (پٽ)، عزيز خاتون (ڌي)، فوتي الله بخش ولد ولي محمد جيڪو مورخه05.08.2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: ميا بخش (پٽ)، ابراهيم (پٽ)، ولي محمد (پٽ)، جاويد (پٽ)، مجاهد (پٽ)، مسمات نجمه (ڌي)، مسمات خاتون (ڌي)، مسمات شبانه (ڌي)، مسمات انيته (ڌي)، فوتڻ مسمات عزيز خاتون ڌي ولي محمد جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: حاجي (مڙس)، فوتي حاجي ولد رمضان جيڪو فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: اسماعيل (ڀاءُ)، فوتي اسماعيل ولد رمضان جيڪو فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: غلام علي (پٽ)، رائون (پٽ)، غلام فاطمه (ڌي)، فوتڻ مسمات غلام فاطمه ڌي اسماعيل جيڪو فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: ميان بخش (مڙس)، فوتڻ مسمات بانو ڌي فضل زال عمر جيڪو مورخه20.09.1998 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: صديق (پٽ)، محمد عيسيٰ (پٽ)، عبدالله (پٽ)، گل زادي (ڌي)، گل زار (ڌي)، فوتي صديق ولد عمر جيڪو مورخه11.07.2007 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: منظور (پٽ)، ابراهيم (پٽ)، مسمات رحيمان (زال)، فوتي محمد عيسيٰ ولد عمر جيڪو مورخه19.12.2006 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: وسيم (پٽ)، فهيم (پٽ)، نظير بانو (ڌي)، داڙو (ڌي)، مهربانو (ڌي)، مسمات قز بانو (بيوه)، فوتڻ مسمات رحيمان ڌي محمدي عثمان زال صديق جيڪو مورخه21.06.2018 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: منظور (پٽ)، ابراهيم (پٽ)، فوتي منظور ولد صديق جيڪو مورخه21.12.2022 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: محمد عيسيٰ (پٽ)، محمد صديق (پٽ)، مسمات بانو (ڌي)، مسمات فرحانه (ڌي)، مسمات فائزه (ڌي)، مسمات روزينه (بيوه)، فوتڻ مسمات مورادان ڌي خير محمد زال الله بخش جيڪو مورخه22.10.2021 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: ميا بخش (پٽ)، ابراهيم (پٽ)، ولي محمد (پٽ)، جاويد (پٽ)، مجاهد (پٽ)، مسمات نجمه (ڌي)، صاحب خاتون (ڌي)، شبانه (ڌي)، انيتا (ڌي)، فوتڻ مسمات پروين ڌي خير محمد زال خواجه علي جيڪو مورخه22.01.2022 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: حسن علي (پٽ)، محمود علي (پٽ)، محمد حسين (پٽ)، مسمات حسنه بانو (ڌي). جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع چڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقہ حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي منظور ولد جمون رهندڙ ڳوٺ سومر خاصخيلي سهنوڙ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس جا عزيز فوت ٿي ويا آهن جن جي نالن تي سروي نمبر 102 ديهه سهنوڙ ٽپو اي-هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتين فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن. فوتڻ مسمات دلي زال عرس جيڪا مورخه 01.01.1987 تي فوت ٿي وئي آهي ۽ سنڌس وارث هي آهن بچايو (پٽ)، رمضان (پٽ)، فوتي بچايو پٽ عرس جيڪا مورخه 01.01.1990 تي فوت ٿي ويو آهي ۽ سنڌس جا وارث هي آهن جمعو (پٽ)، صديق (پٽ)، فوتي رمضان پٽ عرس جيڪا مورخه 4.03.1994 تي فوت ٿي ويو آهي ۽ سنڌس جا وارث هي آهن جمعو (ڀائٽيو)، صديق (ڀائٽيو)، فوتي صديق پٽ بچايو جيڪا مورخه 08.03.2005 تي فوت ٿي ويو آهي ۽ سنڌس جا وارث هي آهن خدا بخش (پٽ)، فوتي جمعو پٽ الله بچايو جيڪا مورخه 15.08.2007 تي فوت ٿي ويو آهي ۽ سنڌس جا وارث هي آهن منظور (پٽ)، رمضان (پٽ)، عطا محمد (پٽ)، حسن بانو (ڌي)، نور بانو (ڌي)، شبانه (ڌي)، شهر بانو (ڌي)، نيامت (بيوه). فوتي عطاءِ محمد پٽ جمعو جيڪا مورخه 23.02.2025 تي فوت ٿي ويو آهي ۽ سنڌس جا وارث هي آهن مهتاب (پٽ)، اثر (ڌي)، نيامت (ڌي)، نور بانو (ڌي)، ارشاد بانو (ڌي). جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع چڪرا ڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقہ حيدرآباد

درستگي تاريخ پيدائش

جيئن ته منهنجي تعليمي سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سان منهنجي تاريخ پيدائش 20-02-2014 لکجي وئي آهي جيڪا درست تاريخ پيدائش 10-11-2010 آهي جيڪا اڄ کانپوءِ لکي ۽ پڙهي وڃي ۽ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

عليان ولد رئيس خانزاده حسين آباد ڪالوني
سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته آئون نالي صاحب خان ولد هزار خان ڪوسو هن اخباري اشتهار ذريعي هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڏيان ته آئون پنهنجي گهرواري مسمات ليلا کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي ۽ منهنجا پٽ هر هڪ نالي هزار خان، راحب خان، اظهار خان، رشيد ڪوسو وارا بري صحبت ۾ اچي برا ڪم ڪري رهيا آهن ان لاءِ آئون انهن کان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو جيڪو به شخص منهنجي پٽن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي، واپاري يا ڦڏو وغيره ڪندو ته اهي ان جا پاڻ ذميوار هوندا منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

پاران: صاحب خان ولد هزار خان ڪوسو ويٺل: ڳوٺ لعل بخش ڪوسو جيڪب آباد

تاريخ پيدائش جي درستگي

جيئن ته عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مائره ولد محمد مسلم جي اسڪول ريڪارڊ ۾ غلطي سان پيدائش جي تاريخ 05-01-2009 لکجي وئي آهي.جنهن کي درست ڪري 21-03-2011 ڪري لکيو ۽ پڙهيو وڃي فارم بي ۽ ايف آر سي ۾ تاريخ پيدائش اسڪول ريڪارڊ ۾ به نادرا ريڪارڊ موجب اندراج ڪيو وڃي.

پاران: مائره ولد محمد مسلم

بقايا 1 — ڊرٽو روڊ بلاڪ

احتجاجي ڊرٽو هنيو ڊرٽي ۾ بدين شهري اتحاد ايس ٽي پي عوامي تحريڪ جمعيت علماء اسلام قومي عوامي تحريڪ جماعت اسلامي ضلع بچايو تحريڪ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي اڳواڻ خليفه طارق عزيز ميمڻ مير حسين بخش ٽالپر عزيز ڏيرو شاهنواز سيال امير ازاد پنهور دلبر سنڌي جاکرو ٿوهائي خدا ڏنو شاهه ۽ ٻين اڳواڻ خطاب ڪندي چيو ته ڪارخانيدارن ۽ واپارين جي طرفان سارين جا اگهه ڪيرائڻ بدين ضلع جي زرعي معيشت تي ڪهري وار اهي جنهن سان آبادگار ۽ هاري مڪمل طور تي تباهي جو شڪار ٿي ويندا هنن چيو ته ڪارخانيدارن سارين مان تيار ڪيل چانور 5500 روپيا مڻ وڪرو ڪري رهيا اهن پر سارين جي آبادگارن ۽ هارين کي سارين جو مڻ صرف 2200 مڻ ڏنو پيو وڃي جنهن سان آبادگارن جو ڪيل خرچ به نٿو نڪري هنن چيو ته مهينو اڳ ڪارخانيدار ۽ واپاري سارين 3300 روپيا مڻ ڪٽي رهيا هئا پر هڪ مهيني جي اندر سارين جي اگهه ۾ 11 روپيا في مڻ تي گهٽ ڪرڻ ڪانسواءِ موئسچر جي نالي تي چار ڪلو مڻ تي ڪٽوتي ڪئي پيئي وڃي جيڪو وڏو ظلم آهي هن موقعي تي اي ڊي سي ون ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر بدين دليپ ڊرٽي واري هنڌ پهچي ابادگارن سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين يقين ڏيارو ته سارين جي اگهه بابت انتظامي طور ڳالهيون هلي رهيون آهن ٻن ڏينهن ۾ سارين جو اگهه بهتر ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي جنهن کان پوءِ هاري آبادگار تحريڪ جي اڳواڻن ٻن ڏينهن لاءِ احتجاج ملتوي ڪندي چتاءُ ڏنو ته انتظاميه ٻن ڏينهن ۾ سارين جو اگهه بهتر ڪري هارين ۽ آبادگارن کي مناسب

آفيس آف پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
(پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ)
جيل کاتو سنڌ
ڪئمپ آفيس، سينٽرل جيل ڪراچي.
NO. TC/PD/PMU/TENDERS/2024-25/5415
Karachi. 22/10/2025 تاريخ:

اضافو

هن آفيس جي NIT نمبرTC/PD/PMU/TENDERS/2024-25/5380 ، ڪراچي، تاريخ: 15.10.2025، جيڪو مختلف اخبارن ۾ اشتهار نمبر 3282ء SPPRA ID No. TO1953-24-0075 هيٺ شايع ٿيو هو.

ان ۾ هيٺين ترميم ڪئي وڃي ٿي.

اهو آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته هيٺ ڏنل ڪم کي اين آءِ ٽي جي نئين سيريل نمبر 08 طور شامل ڪيو ويو آهي:

سيريل نمبر08 -: M&R سينٽرل جيل ۽ C.F خيرپور (بيرڪ نمبر 4 ۽ 7 جي مرمت)

ٻيا سڀ شرط ۽ ضابطا جيئن اصل بڊنگ ڊاڪيومينٽس ۾ ڄاڻايل آهن. ساڳيا ئي لاڳو رهندا.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ
جيل کاتو، ڪراچي ،سنڌ

INF/KRY/3478/2025

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

بدين ۾ سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ موئسچر ڪٽوتي خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

ايس ٽي پي، عوامي تحريڪ، جي يو آءِ، قومي عوامي تحريڪ، جماعت اسلامي ۽ ٻين تنظيمن پاران ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، نعريبازي

ڪارخانيدارن پاران اگهه گهٽائڻ زرعي معيشت تباهه ڪئي پئي وڃي، جيڪو وڏو ظلم آهي: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) بدين ۾ سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ موئسچر جي نالي تي ڪٽوتين جي خلاف هزارين آبادگارن هارين شهرين ڊي سي چوڪ کان ڊي سي آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس جي اڳيان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين: سارين جي اگهه ۾ لاٽ ۽ موئسچر ڪٽوتي خلاف آبادگار احتجاج ڪندي

جيڪب آباد ۾ گهر جي ديوار ڪري پئي، ٽي ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سول لائين ٿاڻي جي حد بسم الله باغ محلا ۾ گهر جي ديوار ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ دلمراد کوسو شوڪت کوسو غلام علي جکراڻي زخمي ٿي پيا جن کي موقعي تي موجود ماڻهن ڪڍي سول اسپتال منتقل
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

شهدادپور پوليس مقابلي ۾ 21 ڪيسن ۾ گهربل ڌوهاري انعام يافته مارجي ويو

برهون روڊ تي پوليس پڪڙيل جوابدارن جي نشاندهي پهچي ته جوابدار فائرنگ ڪري ڏني

مقابلي دوران پنجاب ۾ ڌوهن جي علامت بڻيل حق نواز پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور برهون روڊ تي شجاع جکرو وٽ پوليس پاران ڦور دوران پڪڙيل ڌوهاري حق نواز ٻٽي ۽ ساجد جي نشاندهي تي مذڪوره ڳوٺ ۾ پهچي ته پوليس مقابلو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ پنجاب ۾ ڌوهن جي علامت بڻيل انعام يافته حق نواز ٻٽي مارجي ويو جڏهن ته پوليس گاڏي تي فائرنگ پڻ ٿي ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او شهدادپور غلام شبير دلواڻي ميڊيا کي ٻڌايو ته پڪڙيل ڌوهارين جي نشاندهي تي سهولت ڪارڻ علي شير
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جو لاش

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ "سنڌ جي لوڪ ڏاهپ ۽ ٻولي" جي موضوع تي فڪري ليڪچر

سنڌي ٻوليءَ کي للڪارون ضرور آهن پر ان کي مرڻ جو خطرو نه آهي: ڊاڪٽر اسحاق سميجي

مشينن جي دور ۾ انسان کي پنهنجي لوڪ ڏاهپ ۽ ٻوليءَ سان ٻيهر ڳنڍجڻ ضروري آهي: امر فياض ٻرڙو

تهذيبن جا خالق اڻ پڙهيل ماڻهو هئا، هر قسم جي فن ۽ ٽيڪنالاجي جا خالق به اهي ئي هئا. انهن ماڻهن کان منهن موڙي اسان ترقي نٿا ڪري سگهون

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ليڪچر سيريز هيٺ " سنڌ جي لوڪ ڏاهپ ۽ ٻولي: ائيندي جي مارڪيٽ ۾" جي عنوان هيٺ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ماهر ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگويج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي جو ليڪچر منعقد ڪيو ويو افتتاحي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نصرپور ۾ چور سرگرم، ڳوٺ محب ڪاڪيپوٽو مان ٽي ٻڪريون چوري، احتجاج

نصرپور (ن ع) نصرپور ٿاڻي جي حد مان ڳوٺ محب ڪاڪيپوٽو مان ڪي نامعلوم چور گوپال سينگهواڙ جي گهر مان ٽي ٻڪريون چوري ڪري ويا ياد رهي ته نصرپور ٿاڻي جي حد مان ٻن هفتن کان چورين جي وارداتن ۾ اضافو ٿيندو وڃي مگر
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ باڙن جو گهر تي حملو عورت مرٽينگ اسپتال منتقل

اوسنگاهي ڪالوني ۾ باڙن جي حملي زخمي پيرسن مختياران انصاري کي اسپتال آندو ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي اوسنگاهي ڪالوني ۾ باڙن معمولي ڳالهه تان حملو ڪري پيرسن عورت مختياران انصاري کي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي ڳڻتي واري حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو وارثن موجب باڙن معمولي ڳالهه تان حملو ڪيو آهي.

ٽنڊوآدم لڳ مرحوم روشن الدين جوڻيجو جو چاليهو ۽ نورل جوڻيجو جو ٽيجهو

تقريب ۾ سياسي سماجي شخصيتن سميت ٽر جي ماڻهن ۽ مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پوٽن محمد خان جوڻيجو جهانگير جوڻيجو، صلاح الدين جوڻيجو ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو پڻ جاري

ٽنڊوآدم (ن ع) اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو مرحوم جو چاليهو ۽ وڏيري نورل جوڻيجو جو ٽيجهو ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ ٿي گذريو سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت ٽر جي معزز ماڻهن ۽ سڄي مائٽن جي وڏي انگ ۾ شرڪت رپوٽ موجب اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو مرحوم جو ٽيجهو ۽ پ پ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو جي والد . وڏيري محمد خان جوڻيجو جي ڀاءُ ۽ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي چاچي وڏيري نورمحمد عرف نورل جوڻيجو مرحوم جو ٽيجهو ڳوٺ سنجر
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: وڏيرو روشن جوڻيجو ۽ نورل جوڻيجو جا فائيل فوٽو

هرداس پوره پاڙي واسي افسر ميمڻ جي گهر ۾ هٿياربند گهڙي ڦر ڪوشش ڪئي مزاحمت ريحان کي زخمي فرار ٿيا

رڙين تي علائقي واسين هٿياربندن جو گهيرو ڪيو ته جوابدارن فائرنگ ڪري علي شان ۽ انور کي زخمي ڪيو

علائقي واسين مڙس ڪري جوابدار حق نواز ۽ ساجد کي سوگهو ڪري ڪٽڪي بعد پوليس حوالي ڪيو

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) شهدادپور ۾ هرداس پوره پاڙي اندر 3 هٿياربند ڦورو افسر ميمڻ جي گهر ۾ گهڙي ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت ڪرڻ تي گهر ڌڻي جي پٽ ريحان ميمڻ کي هٿيارن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ساريالو فصل لهڻ بعد هاري لاباري ڪري سارين جي سٽ ڪري رهيا آهن

ڏڙو ۾ مڇي، گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون غيرفعال، غيرقانوني ڪاروبارن جو مرڪز بڻيل

ڪروڙين رپين سان ٺهيل مارڪيٽون عوام کي لاڀ نه ڏئي سگهيون، دڪاندارن جو روڊن تي قبضو

پنجاري پل، پارڪ روڊ ۽ بس اسٽاپ علائقن ۾ غيرقانوني اسٽال لڳڻ سبب ٽريفڪ جام معمول بڻجي ويو

شهرين جو انتظاميا کان دڪاندارن کي مارڪيٽن اندر منتقل ڪري قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو

ڏڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) ڏڙو ۾ شهرين جي سهولت لاءِ ٺهرايل مڇي، گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون عوام کي ڪوبه لاڀ ڏئي نه سگهيون، شاهي بازار ۾ قائم ٿيل مڇي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽون اڪثر
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ شر ۽ مري برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو 2 ڄڻا سخت زخمي

ڳوٺ جڙيل شر ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ بابر ۽ منظور زخمي ٿي پيا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ جڙيل شر ۾ زمين جي مالڪي تان شر ۽ مري برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري 2 ڄڻا بابر علي مري منظور مري سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو.

اسلام آباد: مملڪتي وزير وجيهه قمر شاگردياڻي کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهي آهي

ڳڙهي ياسين لڳ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

ڪيرڙ ڪئنال پل وٽ حادثي ۾ نوجوان مير حسن پٽ شهداد معرفاڻي فوت ٿي ويو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين ڪيرڙ ڪئنال جي پل پرسان نامعلوم ڪار جو ٽڪر موٽرسائيڪل کي ٽڪر ڳوٺ ڪنڊ معرفاڻي جو رهواسي 19 سال نوجوان مير حسن پٽ شهداد معرفاڻي فوت ٿي ويو جنهن کي رستي وينڊز رورل هيلٿ سينٽر اسپتال ڳڙهي ياسين ڪٽائي آيا جنهن جو پوسٽ مارٽم ڪري مڙهه مالڪن حوالي ڪيو ويو مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڪار سوار موقعي تان فرار ٿي ويا . آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

نوري آباد ۾ فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جا يونٽ قائم

نوري آباد(ن ع) وزير اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي خاص هدايتن تي ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جي ٻن يونٽن اڄ ڳوٺ بادل پالاري يوسي مونڊر خان تعلقو ٿاڻو بولاخان ضلع ڄامشورو ۾ فري ميڊيڪل هيلٿ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪرونا دوران ڊيوٽي ڪندڙ ملازمن جو پگهارن نه ملڻ خلاف ۽ احتجاج

مظاهرين سعيد ڪنڀر، اسرار سولنگي، سرفراز مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

16مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري فاقاڪشي واري صورتحال ۾ مبتلا آهيون: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) ڪرونا وائرس دوران ڊيلي ويجز تي ڀرتي ڪيل ملازمن گذريل 16 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ڊي ايڇ او آفيس جا دروازا بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي سعيد ڪنڀر اسرار سولنگي سرفراز مگسي، شهباز سيال جابر ابڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان کي ڪرونا دوران ڊيلي ويجز تي ڀرتي ڪيو ويو گذريل 16 مهينن کان اسان جون پگهارون جاري نه ٿيون آهن جنهنڪري فاقاڪشي واري صورتحال ۾ مبتلا آهيون مظاهرين صحت کاتي سنڌ طرفان پگهارون جاري ڪري ڏي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

عوامي احتجاجي مظاهرو
باران: جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان ضلع ٺٽو

ٺٽو: جي يو آءِ پاران بدامني ۽ منشيات خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي اميدوار ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري جو شاندار استقبال

ميهڙ بار تي گلن جي ورکا سان آجيان، وڪيل برادري پاران مڪمل حمايت جو اعلان

جيڪڏهن مان اهل نه هجان ته ووٽ انسان دوست اميدوار کي ڏيو: ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري

ميهڙ(ن ع) سنڌ بار ڪائونسل جي اميدوار تالي واري قانوندان ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري ، سرفراز مغل ۽ ٻيا چونڊ مهم دوران ميهڙ بار پهتا ميهڙ بار پهچڻ تي ميهڙ بار جي صدر، جنرل سيڪريٽري سميت سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن گلن جي ورکا سان سندن شاندار استقبال ڪيو ۽ مڪمل حمايت پڻ ڪئي وئي چونڊ مهم دوران ايڊووڪيٽ ڪي بي لغاري خطاب ڪندي چيو ته مان ميهڙ جي بهادر وڪيلن جو شڪرگذار آهيان جن اپڻي محبت ڏني آهي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ ڳوٺ جنهاڻ سومرو جي رهواسين جو بااثر وڏيري ۽ پوليس خلاف احتجاج

بااثر وڏيري ابراهيم سومرو هٿياربندن ۽ پوليس سان گڏ گهرن تي چڙهائي ڪئي: مظاهرين

ٻن عورتن ڄڻن مردن کي تشدد زخمي ڪري ڇڏيو سامان به کڻي ويو آهي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ضلعو جي ڳوٺ جنهاڻ سومرو ۾ بااثر وڏيري جي هٿياربندن ۽ پوليس اهلڪارن جي مبينا طور ڳوٺاڻن جي گهرن تي چڙهائي ، 2 عورتون ، 4 مرد زخمي ، ڳوٺاڻن جو احتجاج ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ جنهاڻ سومرو جي رهواسي ڳوٺاڻن علائقي جي بااثر حڪومتي ڌر جي وڏيري جي هٿياربندن پوليس اهلڪارن جي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ نابينا شاگردن لاءِ "انڪليوسو بريل قاعدو" جو افتتاح، ٻارن کي بنيادي تعليمي مواد سکڻ ۾ مدد ڏيندڙ سرڪار شام

تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي، ڀلي هو ڪنهن به جسماني يا بصارتي مسئلي کي منهن ڏئي رهيو هجي

سنڌ پهريون صوبو آهي جنهن ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي متعارف ڪرائي، هاڻي خاص ٻارن جي تعليم لاءِ حڪمت عملي تي ڪم پيو ٿئي

قومي مردم شماري موجب ملڪ ۾ رڳو 3 سيڪڙو ماڻهو خاص صلاحيتن وارا آهن، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين آزاد ذريعن موجب اها شرح 12 سيڪڙو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بيچ لگجري هوٽل ۾ "بولتي حروف" ۽ "بينائي ويلفيئر ايسوسيئيشن" جي گڏيل اهتمام سان "ايجوڪيشن فار آل" جي عنوان سان تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ سنڌ جي تعليم
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ ٻارڙي ۽ سندس ڀاءُ ڪچي جهوپڙي ٻاهران راند کيڏي رهيا آهن

سيوهڻ مان پراسرار طور گم ٿيل شاگرد جو ٽي مهينا گذرڻ باوجود پتو نه پيو

عدالتي اجازت بعد نامعلوم لاش عمير سهتو جو هجڻ جي شڪ هيٺ قبر ڪشائي

قبر ڪشائي ڪري شڪي نوجوان جي لاش جا ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا

سيوهڻ(ن ع) 3 مهينا اڳ سيوهڻ مان پراسرار طور گم ٿيل ڀان سيدآباد واسي نائين ڪلاس جي شاگرد عمير سهتو جو اڄان تائين ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي پوليس پاران شاگرد عمير سهتو جو پتو لڳائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن ان حوالي سان عدالتي اجازت بعد سيوهڻ مان جولاءِ مهيني ۾ مليل هڪ نامعلوم نوجوان جو لاش عمير سهتو جو هجڻ جي شڪ هيٺ ڪالهه سيوهڻ جي لال باغ واري قبرستان
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

دي انٽليڪچوئل فورم پاران جي اين مغل جي صحافتي ڪردار تي شام ملهائي وئي

نامور صحافي جي اين مغل صحافت ۾ آزادي، انصاف ۽ انسانيت جي لاءِ پنهنجو ڪردار اجاگر ڪيو

فورم جي چيئرمين مسعود نوراني ۽ ٻين دانشورن جي تقريرن ۾ سنڌ جي حقن لاءِ صحافتي جدوجهد تي زور ڏنو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) دي انٽليڪچوئل فورم طرفان نامور صحافي ۽ ڪالم نگار سان ڪالهه شام جو پاڪستان آمريڪا ڪلچرل ڪائونسل(پي اي سي سي) ۾ هڪ شام ملهائي وئي ان موقعي تي نامور صحافي ڪالم نويس جي اين مغل ڳالهائيندي چيو ته ماضيءَ وانگر اڄ به صحافت مختلف آزمائشن ۽ ڌمڪين جو شڪار آهي آزاد صحافت جي جدوجهد اڃان به پنهنجي سفر تي آهي ڇو ته اها مسافري پنهنجي مقصد جي حاصلات تائين ختم نه ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته صحافت ۾ ايندڙ نئون نسل دنياداريءَ جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

Tribute to Living brave Journalist and Writer:
MR. GN MUGHAL
Thursday 23rd October 2025
Pak American Cultural Centre (PACC) Karachi

ڪراچي: نامور صحافي جي اين مغل جي مان ۾ ٿيل تقريب جو ڏيک

ڪيرو ويجهو باهه لڳڻ جي ٻن ڌار ڌار واقعن ۾ 9 پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ عيسي هنگورو ۾ بيوه هريان ڀيل سميت 6 گهرن کي باهه وڪوڙيو

ڳوٺ ملو سميجو ۾ جميل احمد، علي غلام، جبار سميجو جا گهر سڙي رک ٿي ويا

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو باهه لڳڻ جي ٻن ڌار ڌار واقعن ۾ 9 گهر سڙي ويا ڳوٺ عيسي هنگورو ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب بيواهه هريان ڀيل هاري مولچند ڀيل سڄڻ .موهن چندن ڀيل سميت 6 پورهيتن جا گهر سڙي ويا جڏهن ڳوٺ ملو سميجو ۾ باهه لڳڻ سبب جميل احمد علي غلام جبار سميجو جا گهر سڙي رک ٿي ويا اطلاع فائر برگيڊ عملو پهتو جن وڌيڪ گهرن کي باهه لڳڻ کان بچائي ورتو اطلاع تي مختيارڪار ڪيرو ثناءالله ابڙو متاثرن وٽ پهچي ٿيل نقصان جا تفصيل ورتا باهه متاثر کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن چوڻيل
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ديرو پرسان نوجوان 11 هزار وولٽيج مان ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي زخمي

ڳوٺ ملوخان ڪڪراڻي واسي محمد وارث ڪڪراڻي کي وارث چانڊڪا داخل ڪرايو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ٺٽون ديرو پرسان ڳوٺ ملو خان ڪڪراڻي جو رهواسي نوجوان محمد وارث ڪڪراڻي بجلي جي 11 هزار وولٽيج مان ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن پاران ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪڻائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي واري وارڊ ۾ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن ڪيس طبي امداد ڏني ان موقعي تي نوجوان جي چاچي نعيم ڪڪراڻي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو ڀائيٽيو ٽريڪٽر تي ٻلال کڻي ڳوٺ طرف اچي رهيو هو ته اوچتو 11 هزار وولٽيج جي تارن مان ٽريڪٽر جي ٽرالي ۾ ڀريل ٻلال
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٻن ڏينهن وارو ميوٽ گالا ميلو يادگيرين سان پڄاڻي تي پهتو

اختتامي تقريب ۾ ڊي سي انجنيئر غضنفر قادري، ڊي سي حيدرآباد زين العابدين ۽ ٻين جي شرڪت

ميلي ۾ راندين ۽ ڪاٺي پيٽي جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا ويا

ڄامشورو(ڊ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ جاري ٻن ڏينهن وارو ميوٽ گالا ميلو خوبصورت يادگيرين سان پڄاڻي تي پهتو ميلي جي اختتامي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي المنائيز ڄامشورو جي ڊپٽي ڪمشنر انجنيئر غضنفر قادري، حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي ميلي جي رضاڪارن ميلي ۾ راندين فن ۽ ڪاٺي پيٽي جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا. اختتامي تقريب
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ADVOCATE OF SUPREME C
CANDIDATE FOR MEMBER SINDH BAR COUNCIL
J.S.T.F PANEL

شهدادپور: سنڌ بار ڪائونسل لاءِ اميدوارن هاشم لغاري ۽ نند ڪمار گوڪلاڻي آجياڻي ۾ شريڪ آهن

سکر ۾ ڏهرڪي واسڻ جي ڌيءَ جي بازيابي لاءِ هاءِ ڪورٽ آڏو احتجاج

اڍائي سال اڳ 11 ورهين جي سائره کي پرچوڻي ٻيڙن جي حوالي ۾ سام طور رکايو: حسينا سومرو

ڏيڍ مهيني کان نياڻي سان ملاقات نه پئي ڪرائي وڃي ڪيس بازياب ڪرايو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) ڏهرڪي واسي 14 ورهين جي نياڻي سائره سومرو جي بازيابي لاءِ وارثن امڙ حسينا والد فتح محمد سومرو ۽ ٻين سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ٻاهران احتجاج ڪيو ان موقعي تي شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي نظام الدين سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نياڻي سائره جي والده مائي حسينا طرفان وڪيل الهورايو سومرو معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ بازيابي لاءِ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ موقف
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

MHU-07 Jamshoro
22-10-2025
ATION DEPARTMENT
MENT OF SINDH

نوري آباد : فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جا يونٽ قائم

شان پاڪستان 10 سال مڪمل ڪرڻ تي بصارت کان محروم شاگردن لاءِ ايس ايس پي ايم اڪيڊمي جو افتتاح

ميڊيا ميٽ اپ ۽ استقباليه تقريب ۾ مشهور شخصيتن جي شرڪت. شهناز رمزي افتتاحي تقرير ڪئي

ايس. ايس. پي. ايم پاران موسيقي ۽ پرفارمنسن هما حاجي ذڪر پرديسي جي هدايتڪاري ۾ ميش اپ ۽ "ري سينس" پرفارمنس

بصارت کان محروم شاگردن لاءِ شموليت جي واڌ ۽ آئي ڊي اي ريو سان مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مشهور پليٽ فارم شانِ پاڪستان پنهنجي 10 سالن جي سنگ ميل جي تقريب جي شروعات ايس. ايس پي ايم اڪيڊمي جي قيام سان ڪئي جيڪا بصارت کان محروم ۽
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: نوجوان پاليل طوطا وڪري لاءِ کڻي بيٺل آهن

ڪڪڙ شهر ۾ هٿرادو لوڊ شيڊنگ ختم نه ٿي، شهري گيس انتظاميا خلاف سراپا احتجاج

گهريلو عورتون رڌ پچاءَ لاءِ ڪاٺيون خريد ڪرڻ تي مجبور، اسڪول ويندڙ ٻار ناشتي کان محروم

اسان بار بار احتجاج ڪري رهيا آهيون پر سوئي گيس انتظاميا تي ڪوبه فرق نه ٿو پوي: مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر مان هٿرادو لوڊ شيڊنگ جو عذاب ختم نه ٿيو شهري لوڊ شيڊنگ ختم نه ٿيڻ تي گيس انتظاميا خلاف احتجاج مظاهرو ڪري سخت نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻ ۽ شهري محمد رمضان ٻبر ڪامريڊ وزير ملاح، عبدالرزاق نوناڻي، قربان علي ٻبر مولاداد جوڻيجو برڪت علي جوڻيو نديم ملاح، نثار احمد، مرزا خان برهماڻي ۽ ٻين چيو آهي ته ڪڪڙ شهر مان هٿرادو لوڊ شيڊنگ جو عذاب ختم نه ٿيو جنهن سبب شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا رهڻ لڳا آهن ان دوران شهرين ٻڌايو ته لوڊ شيڊنگ جو اينرو آزار وڌي ويو آهي جو هر وقت رڌ پچاءَ ڪرڻ دوران سوئي گيس
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

صحت کاتي جو مقصد عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي: عذرا پيچوهو

سيني آفيسرن کي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن، غفلت ڪنهن به صورت قبول ناهي

هر ضلعي ۾ بنيادي سطح تي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، جيڪي ڪم نٿا ڪن اهي گهر هليا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت کاتي جو مقصد عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي سيني آفيسرن کي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ گهرجن عوامي صحت جي معاملن ۾ غفلت مڪمل طور تي ناقابل قبول آهي جيڪي ڪم نٿا ڪن اهي گهر هليا وڃن ڪراچي ۾ ضلعي صحت آفيسرن جي هڪ اجلاس ۾ صحت
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستان ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ڪپتانن کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

راڄوخاناڻي ۾ سوشل ويلفيئر کاتي طرفان منشيات کان بچاءَ خاطر سجاڳي سيمينار منعقد

نشو زهر کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، اهو نه فقط هڪ فرد پر سڄي سماج ۽ ايندڙ نسلن کي ماري ٿو: عبدالغفار کوسو

استادن ۽ والدين کي گهرجي ته ٻارن کي نشي سميت ٻين برين عادتن ۽ ناڪاري روين کان بچائين: ايڊيشنل ڊائريڪٽر

ٻارن کي ڪورس سان گڏوگڏ ٻين صحتمند سرگرمين راندين، تقريري مقابلن، ماحوليات دوست سرگرمين وغيره ۾ مشغول رکڻ گهرجي

بدين (ڊ ر) راڄوخاناڻي ۾ سوشل ويلفيئر کاتي طرفان منشيات کان بچاءَ خاطر سجاڳي سيمينار منعقد نئين نسل کي منشيات جهڙي موذي مرض کان بچائڻ خاطر هڪ سجاڳي سيمينار سوشل ويلفيئر
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بدين: ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار کوسو سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ويجهو ڪوسڪي باءِ پاس تي وين ۽ سوزوڪي ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

بدين (ڊ ر) ڪالهه شام ڌاري شادي لارج لڳ ڪوسڪي باءِ پاس تي ڊيبلو حيدرآباد روڊ تي هلندڙ اي سي مسافر وين ۽ سوزوڪي پيڪ اپ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا جيڪي ڪلوئي جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا شديد زخمي ٿيل جيئندو اوڊ ۽
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ٻن ڀائرن جي مبينه اغوا خلاف متاثر خاندان جو احتجاج

ڪوئيٽا جي دشت علائقي مان علي نواز ۽ نظير احمد ابڙو کي اغوا ڪيو ويو: محمد بخش ابڙو

اسين غريب آهيون، منهنجا ڀائر پورهيو لاءِ ويا هئا، ڪين آزاد ڪيو وڃي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي ڳوٺ احمد ميان سومرو جي رهواسي محمد بخش ابڙو پنهنجي معصوم ڀائيٽين سان گڏجي پريس ڪلب پهچي ٻن ڀائرن علي نواز ۽ نظير ابڙو جي مبينه اغوا خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي محمد بخش ابڙو صحافين آڏو دانهيندي چيو ته ٻه ڏينهن بلوچستان ڪوئيٽا مان منهنجي ٻن ڀائرن علي نواز ۽ نظير احمد ابڙو سميت 7 ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڪوئيٽا جي دشت واري علائقي مان منهنجي ٻن ڀائرن کي کڻي گم ڪيو ويو آهي جنهن ڪري گهر ۾ روڄ ۽ راڙو مچل آهي هن
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڪوئيٽا مان اغوا ٿيل ٻن ڀائرن جا فائيل فوٽو

شاهپورچاڪر واسي ٽينگري نوابشاهه اسپتال ۾ فوت، وارثن پاران ڊاڪٽرن تي غفلت جو الزام

جمالي ٽائون ۾ محمد جمن ڏاهري جي گهر جو ڪوٺ ڪرڻ سبب زال فوت ۽ 8 ورهين ڌيءَ زخمي ٿي پئي

زخمي ٽينگري سيما ڏاهري کي پي ايم سي اسپتال داخل ڪرايو، جتي ڊاڪٽرن غور نه ڪيو ته فوت ٿي وئي: والد

اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي لاپرواهيءَ ڪندڙ ڊاڪٽرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڪن

شاهپورچاڪر(ن ع) نواب شاهه پي ايم سي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي لاپرواهيءَ سبب معصوم نياڻي جي حياتي کسي ورتي، شاهپور چاڪر پرسان جمالي ٽائون ۾ محمد جمن ڏاهري جي گهر جو ڪوٺ جي ديوار
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

دادو پوليس جون ڪارروايون، منشيات ۽ چوري ٿيل مال هٿ، 10 ڄڻا گرفتار

دادو(ڊ ر) دادو بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او مظهر علي نائچ ۽ ٻي پوليس پارٽي سان گڏ ڪارروايون ڪندي وڏي ڪيٽيگري جي منشيات فروشن سميت 10 ڌوهارين کي گرفتار ڪري منشيات، هٿيار، موٽرسائيڪلون ۽ چوريل مال هٿ ڪري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ صحافي آڪاش مهر جي گهران چور مينهون ڪاهي ويا

واقعي خلاف صحافين عظيم سيال، سري چند ڪيور، خان محمد پناڻي ۽ ٻين جو احتجاج

ايس ايس پي گهوٽڪي کان صحافي جي چوري ٿيل مينهون واپس ڪرائڻ جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر پرسان ڳوٺ ويرم مهر ۾ گذريل رات دير سان نامعلوم چور خانپورمهر جي سينيئر صحافي محمد صديق عرف آڪاش مهر جي گهر کي ڪاٽ هڻي سندس مينهون چوري ڪري فرار ٿي ويا، اهڙو اطلاع خانپورمهر پوليس کي پڻ ڏنو ويو آهي هوڏانهن خانپورمهر جي قلم ڌڻين صحافين عظيم سيال، سري چند ڪيور، خان محمد پناڻي، شبير سيال ۽ ٻين صحافي آڪاش مهر جي گهر مان چوري واقعي جي مذمت ڪندي ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ خانپورمهر پوليس کان صحافي آڪاش مهر جي چوري ٿيل مينهن واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي..

گهوٽڪي جي عدالت جو غيرت جي نالي تي ٿيل بي رحماڻي قتل ڪيس جو تاريخي فيصلو

مقتولا سائمه جو قتل جوابدار نور حسن سيال، بشير احمد سيال ۽ امام بخش سيال تي ثابت ٿيو

ايڊيشنل سيشن جج-ون ٽنهي جوابدارن کي عمر قيد سان گڏ ٻه لک رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ايڊيشنل سيشن جج-ون گهوٽڪي جي عدالت ڪيس نمبر 341/2024 ۾ فيصلو ٻڌائيندي مقتولا سائمه جي قتل ۾ ملوث ٽن جوابدارن نور حسن سيال، بشير احمد سيال ۽ امام بخش سيال ڪاروڪاري جي ڪڏي الزام تحت غيرت جي نالي تي قتل جي ڏوهه ۾ ڦاسي جي سزا ٻڌائي. عدالتي فيصلي موجب، ٽنهي جوابدارن کي عمر قيد جي سزا به ٻڌائي وئي، جڏهن ته رسول بخش کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش واري ڏوهه ۾ هر هڪ جوابدار کي وڌيڪ 10 سال قيد بامشقت ۽ ٻه لک رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. فيصلي ۾ عدالت واضح ڪيو آهي ته
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: زرعي يونيورسٽي ۾ ٿيل فيسٽيول ۾ شاگردياڻيون مختلف ڳوٺاڻا هنر ڏيکاري رهيون آهن

وفاقي حڪومت اي او بي آءِ ۽ ورڪرز ويلفيئر فنڊ پاڻ وٽ رکي غيرآئيني عمل ڪري رهي آهي: نثار کهڙو

پنجاب حڪومت پاران سنڌ لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي فراهمي بند ڪرڻ سان فصل سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي

ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي شروع ٿيڻ واري آهي پر پنجاب حڪومت ٻج جي ٻورين جي فراهمي روڪي ڇڏي آهي

18 هين ترميم بعد سنڌ جي صنعتي يونٽس مان ورڪرز ويلفيئر فنڊ جا وصول ڪيل 172 ارب روپيا ادا نه ڪيا پيا وڃن

پيپلز پارٽي جو پنجاب حڪومت جي تعصباڻي رويي خلاف وفاق آڏو سخت احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پنجاب حڪومت سنڌ لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي فراهمي بند ڪري ڇڏي، پنجاب حڪومت پاران صرف پنجاب صوبي کي ڪڻڪ جي ٻج جي فراهمي جاري، سنڌ لاءِ ڪڻڪ جي ٻج جي فراهمي بند ڪرڻ سبب سنڌ ۾ لکين ايڪڙن تي ڪڻڪ جو فصل سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو پيپلز پارٽي جو پنجاب حڪومت جي تعصباڻي رويي خلاف وفاق
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

شهدادپور بار ايسوسيئيشن پاران سنڌ بار ڪائونسل جي لاءِ نامزد پئنل جي اعزاز ۾ استقباليه ڊنر ڏنو ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور بار ايسوسيئيشن پاران سنڌ بار ڪائونسل جي لاءِ نامزد پئنل نند ڪمار گوڪلاڻي ۽ ماما هاشم لغاري جي اعزاز ۾ شاندار استقباليه ڏنو ويو سنڌ بار ڪائونسل جي ايندڙ نومبر تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ سانگهڙ ۽ ميرپور خاص لاءِ اميدوار ايڊووڪيٽ نندڪمار گوڪلاڻي ۽ ماما هاشم لغاري ۽ سندن سامهون اميدوار
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ رڪشا جو ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت، 3 ڄڻا زخمي

سڌوجا لڳ پيش آيل حادثي ۾ ڊرائيور امتياز علي چانڊيو ٽڪي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي خيهو الاهي بخش، غلام علي لغاري ۽ لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو

مورو(ن ع) مورو کان رند موري سواري کڻي ويندڙ رڪشا جو سڌوجا لڳ ٽائر برسٽ ٿيڻ ڪري رڪشا ڪلٽي ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور امتياز علي چانڊيو فوت جڏهن ته رڪشا ۾ سوار خيهو لغاري الاهي بخش لغاري غلام علي لغاري سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي مورو سول اسپتال کان نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هوڏانهن سڌوجا پوليس پاران رڪشه کي ٿاڻي تي منتقل ڪري لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي اطلاع تي وارثن جو وڏو انگ سول اسپتال مورو پهچي ويو آهي

خيرپور لڳ هٿياربندن جو راڪيٽ لانچرن سان ڳوٺ تي حملو هڪ ڄڻو قتل ۽ ٻه ڄڻا زخمي

ڳوٺ جمعو ڦلپوٽو تي حملي دوران شهمير عرف مرچو مارجي ويو ۽ عمران ۽ حاجن ڦلپوٽو زخمي ٿي پيا

زخمين ۽ لاش کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڦلپوٽا برادريءَ جا سوين ماڻهو پهچي ويا

ڦلپوٽا جي ٻن ڌرين ۾ زميني معاملي تان حملو ٿيو آهي، تڪرار ۾ ڪيترين جانين ضايع ٿي چڪيون، انتظاميا نوٽيس نه ورتو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اڪنامڪ زون ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ جمعو ڦلپوٽو تي ڪيترن ئي هٿياربندن جو راڪيٽ لانچرن سان حملو جنهن ۾ هڪ ڄڻو شهمير عرف مرچو ڦلپوٽو موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته عمران ۽ حاجن ڦلپوٽو سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي واقعي جو ٻڌي ڦلپوٽا برادريءَ جا سوين ماڻهو سول اسپتال پهتا ۽ هر طرف افراتفري جو عالم هو ٻي طرف
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو واسي جو گهرڀاتين سميت ويڳڻ ڀائرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو جو رهواسي مير خان بوزدار پنهنجي ٻچن ۽ گهرڀاتين کي ساڻ ڪري ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پنهنجي ويڳڻ ڀائرن متعلق هڪ سئو 50 جريب زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ جو الزام هڻندي چيو آهي ته ويڳا ڀائر نورحسن بوزدار رياض بوزدار وارن قبضو ڪري پنهنجي ڳوٺ مير خان بوزدار مان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي ۽ زمين تي اچڻ نه ٿا ڏين هن آئي جي سنڌ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

KARACHI METROPOLITAN CORPO
GOVERNMENT OF SINDH
BARRISTER MURTA

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ۽ ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيا آهن

راضيديرو ۽ پرپاسي هٿرادو مهانگائي سبب رهواسي پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو وارڊ ڪائونسل ڪاميٽي اڳڙا جو وڏي آبادي رکندڙ سان گڏ ڪاروباري مرڪز پڻ آهي ۽ ان سميت زرعي طور تي به تمام خوشحال آهي پر ضلعي خيرپور جي انتظاميه جي بي ڌيانيءَ سبب مهانگائيءَ جي ور چڙهيل آهي کاڌي پيتي جي شين سان گڏ ڀاڄيون ڪاڻ کان زور ٿي ريون جنهن ۾ پيينديون ٽماٽا، گوبي، واڱڻ ساوا مرچ ساوا ڌاڻا .بڊالون بصر. مرغي مڇي وڏو گوشت .ٻاڪرو گوشت.
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5



تلاش گمشده

نالو:

حمزه

ولد

عبدالحنان عباسي

عمر 16 سال جنهن جو دماغي توازن درست ناهي جيڪو 21 آڪٽوبر 2025 تي رات جو 10 وڳي گهر کان لاپته آهي جنهن به شخص کي حمزه بابت ڪا به ڄاڻ هجي يا ڏٺو هجي ته مهرباني ڪري هيٺين نمبرن تي اطلاع ڪري.

03036103839 ۽ 03133122026

ايڊريس: اعظم ٽائون ڪراچي

شهدادپور: شهرين پاران پڪڙيل ڦورو جن کي پوليس حوالي ڪيو ويو

نصيرآباد لڳ ذهني مريض نوجوان کي چتن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪيو، اسپتال داخل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) نصيرآباد لڳ ڳوٺ جاڙا واهوچا جي رهواسي 28 سالن جي ذهني مريض نوجوان سهيل پٽ الهه ڏنو واهوچو کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي وارثن ڪڻائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ قائم اينٽي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي،